


www.maktabah.org

صفحو 377 تي مذاق شيخ طيب نڌئي ۽ "مسيح الاولياء" و "حافظ سنڌي برهانپوري" جي مشهور آهي، ان جو نالو مبارڪ شيخ عيسيٰ بن قاسم پاٽائي برهانپوري آهي. چاڪاڻ تہ "عين المعاني" ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪتاب جي تاليف جو سن 998هـ آهي جنهن مان ح ا ف ظ جو نالو ڪڍيو ائس. سندس لقب "مسيح القلوب" - "مسيح الزمان" - "شيخ حبيب الله" آهن، ڪن ڪتابن ۾ "مسيح العاشقين" بہ لکيل آهي. پنهنجي والد ماجد جي وفات کان بعد وطن پاٽ موٽيو. سنڌ جا اڪثر علماءِ پاٽ پراٽي سان سندس تعلق ڏيکارين ٿا. وڌيڪ معلوم نٿو ٿئي. حضرت صاحب جي نالي لکيل ڪتاب "مصباح النجاة شرح مفتاح الصلواة" ۾ آهي تہ شيخ عيسيٰ اصل پاٽائي ۽ پوءِ برهانپوري آهي. ان ۾ سندس وطن جي باري ۾ اشارو موجود آهي. يا هي مطلب آهي تہ سندس وڏن جو وطن پاٽ آهي جتي پنهنجي عمر عزيز جو ڪجهہ حصو گذاريو ائن. "مفتاح النجاة" جي مصنف ڪيس پاٽائي لکيو آهي. پاٽ ۾ سندس پنجين پيڑهہ آهي جيئن متي بيان ٿيو. سندن فرزندن ارجمندن مان مسيح العاشقين شيخ عبدالستار پاٽائي برهانپوري سجاده نشين متولي درگاهہ مولانا رمضان شهر الله هڪ ماءُ جا پٽ آهن، جيڪي پاٽ ۾ ڄاوا. سندن ٽيون فرزند حضرت بابا شاهہ فتح محمد مفتاح الصلواة جو مصنف برهانپور ۾ پيدا ٿيو.

اولاد حضرت مسيح العاشقين (ص 560)

مخدوم صاحبزاده عبدالستار رح	مولانا شهر الله عرف رمضان رح	بابا شاهہ فتح محمد رح
حضرت پنج دستاري جي هندوستان، گجرات، حيدرآباد دکن مان اولاد "صاحب دستار پنجم شاه عطا علي" آهي. جنهن جو ڪو اولاد نہ آهي. پنهنجي پيٽ بيبي محسنہ بيڪر بنت مراد	سندن تفصيل حضرت مخدوم حسن قاري جي شجري ۾ آهي، جيڪو پاٽ ۾ "ابن رمضان ابن مسيح الاولياء" جي نالي سان مشهور آهي. پٽ مفتي الاسلام مخدوم عبدالواحد پاٽائي جي	حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي طرفان ڪيس "بابا شاهہ" جو لقب مليو. جيئن "درالدارين" نالي ڪتاب ۾ نقل آهي. سندس اولاد هندوستان، گجرات، ۽ دکن ۾ مشهور آهي.

www.maktabah.org

الله شاھ ميان محمد انور جي نڪاح ۾ ڏني. "حفة الله الاذكياء في بيان مسيح الاولياء" ۾ آهي ته حضرت عطاء علي صديقي پنجين دستار جي صاحب مراد الله شاھ جي ڏيءُ جو سگ شرافت ۽ نسب ۾ هم ڪفو هئڻ سبب محمد انور بن محمد رفيع بن محمد شفيع بن لشڪر محمدآخريءَ کي ڏنو. ان نسب جي واسطي سان ٻئي حضرات ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان ملن ٿا. بيبي محسنه بيگم محمد منور کي محمد غضنفر علي سجاده نشينيءَ جو منصب پنهنجي ٻيٽ جي پٽ محمد غضنفر کي بخشيو ۽ خلافت جي	شجري ۾ به سندس تفصيل آهي. اهو شجرو ملاقات وقت برهانپوري عالمن لکي کين ڏنو ۽ ان تي مفتي الاسلام حضرت عارف بالله عليه الرحمة سيوستاني جي مهر لڳل آهي، شيخ رمضان هندستاني سرزمين ۾ حضرت مسيح الاولياءَ جي اولاد ۾ مشهور آهي، جيئن حضرت غلام جيلاني سجاده نشين اورنگ آبادي روايت ڪئي آهي. مخدوم عبدالواحد پاڻائي مسيح الاولياء جي اولاد مان جڳ مشهور فقيه آهي جيئن سلطان اورنگزيب عالمگير عليه الرحمة جي فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو ۽ سندس اولاد مٿي بيان ڪيل مفتي ڪبير آهي.	حضرت غلام جيلاني صاحب، ابن شيخ رڪن الدين اڳوڻو قلعدار دولت آباد ۽ حضرت نواب مسيح الدين خان بهادر حيدرآباد دڪن ماڻ جي طرفان سندس پاڻ آهن. جنهن جي ڪري سندس ماڻ کي ان علاقي ۾ "سيدياڻي" سڏين ٿا، اهي حقيقت ۾ صديقي، سهروردي، مسيح الاولياءِ زماني جا بزرگ آهن. وڌيڪ ذڪر ٻئي ڪتاب ۾ ايندو.

www.maktabah.org

دستار سندس مٿي تي رکيائين. هر سال مسيح الاولياء جا ارڙنهن عرس ٿيندا هئا. مؤرخه پنج ذوالحج سن 1229هـ تي انهن جي تفصيل ۽ نالا لکي، ان تي مهر هڻي، پنهنجي پيٽ جي ٻئي پٽ (يعني مٿي ڄاڻايل محمد غضنفر جي ننڍي ياءُ نالي) محمد معز الدين جي نڪاح جي موقع تي عطا ڪيائين. پهرين صفر سن 1270هـ تي محمد غضنفر محمد معز الدين ممدوح عليه الرحمة خلافت ۽ سجادگي پنهنجي پيٽ جي پٽ نالي سيد عزيز الدين ولد سيد رحيم الدين برهانپوريءَ ڏانهن منتقل ڪئي. (تحفة الاذكياء مطبوعه حيدرآباد دكن)

سيوستان

مفتي مخدوم دين محمد ان جو اولاد حضرت نعمان ثاني مخدوم عبدالواحد صغير سيوستاني قدس سره الله بياض واحديءَ جو مصنف آهي.

پاٽ

مفتي محمود ان جو اولاد پاٽ جديد جا زميندار آهن.

طاهرين جو جيڪو اڳ ۾ ۽ آخر ۾ به ڪجهه ذڪر ايندو، ان جو مختصر احوال اهو آهي. غائب شيءِ جي باري ۾ ڄاڻڻ ان شخص جي ڄاڻ وانگر ٿي نٿي سگهي جيڪو پنهنجين اکين سان ڏسي.

www.maktabah.org

مٿي بيان ڪري آيو آهيان
تہ حضرت طاهر محدث
ابن يوسف سنڌي گجراتي
جيڪو "اذڪار الابرار"
جي مصنف جي وقت
حيات ۽ موجوده هو انهيءَ
ڪري سندس شاهدي
چشم ديد آهي. واضح
هجي تہ اصل ڪتاب
"گلزار ابرار" آهي، "اذڪار
ابرار ان جو ترجمو آهي پڻ
ڇاڻڻ گهرجي تہ ڪتاب
مجمع البحار طاهري" ٻئي
موضوع تي آهي ۽ "مجمع
البحار" ٻئي موضوع تي
آهي. اهو ڪتاب شيخ
محمد ابن طاهر نهروالا
گجراتيءَ جو لکيل آهي.
اهو بہ ڇاڻڻ گهرجي تہ
"جنگ بوهره" وقت شيعن
جو هڪ اڳواڻ شيخ محمد
ابن طاهر نهروالہ" نروار
ٿيو. جنهن جو مٿي بيان
ڪيل ٻنهي طاهرن سان
ڪو واسطو نہ آهي. اها

www.maktabah.org

	تفصيل کتاب جي ص 323 تي بيان ٿيل آهي ۽ اها خبر مصنف طرفان جيکو ان زماني ۾ موجود هو درست قرار ڏنو آهي.	

پين معاملن کي به ان تي قياس کريو بعد ۾ ايندڙ واقعات نقل کندڙ صحيح معلومات ۽ صحيح ۽ غلط ۾ فرق کرڻ کان سواءِ کتاب پريندا ويا حالانڪ کنهن ڳالهه جي صحيح هڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي باري ۾ چشم ديد گواهي موجود هجي ڪن هنڌن تي ڏٺو ويو آهي ته فاروقي النسب مشهور آهي، ڇاڪاڻ ته ڪن ماڻهن سادات جي شجري ۾ تبديليون آنديون آهن. صرف طاهري خاندان جي باري ۾ ئي اها حالت نه آهي بلڪ اڪثر هر هنڌ اهو حال آهي. "اخبار الاخيار" جي مصنف جو "طاهرنهروالا" جي باري ۾ بيان، جنهن جو بيان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. پڻ چشم ديد ۽ ويساهه جوڳو نه آهي. "سبحة المرجان في آثار هندستان" ۾ ان ڏس ۾ جيڪا عربي عبارت آهي ۽ طاهر جو جيکو حال لکيو ويو آهي، اهو به ويساهه جوڳو ۽ چشم ديد بيان نه آهي، ڇاڪاڻ ته مٿيون مصنف به گلزارابرار جي مصنف جو هم وطن آهي. ان جو بيان به محمد بن طاهر نهروالہ جي باري ۾ آهي، جنهن ڏانهن مٿي اشارو ڪري آيا آهيون. ڪتاب "تذڪرة الانساب" مصنف سيد امام الدين گلشن آبادي محله درگاه شريف شهر ناسڪ مطبوعه "نقل به نقل تابه صديق اڪبر" شيخ طاهر محمد نهروالہ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته درگاه پير پٽن نهروالہ جا سجاده نشين پنهنجو نسب حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان ملائن ٿا. حالانڪ بنهي شجرن ۾ وڏو فرق آهي، والله اعلم بالصواب

عرب جا علماء نسب شيخ عبدالقادر ثاني مفتي مڪه مڪرمه جي باري ۾ لکن ٿا ته سندن جد امجد محمد طاهر آهي جنهن جو نسب صحيح نموني صديق اڪبر سان ملي ٿو. معلوم نه آهي ته سندس بيان کهڙي طاهر سان واسطو رکي ٿو. جيتوڻيڪ شيخ عبدالقادر مفتي مڪه شيخ طاهر محدث نهروالہ جي اولاد آهي، پر حضرت صديق

www.maktabah.org

اکبر رضي الله عنه جي شهابي سهروردي اولاد جي نسب ۾ طاهر ابن يوسف محدث مشهور آهي. البته شيخ عبدالله ۽ شيخ رحمة الله جنهن جو وطن پاڻ يا سيوستان هو عربن ۾ انهن جو لقب "شيخين" مشهور هو. اهي ٻئي پاڻ ۾ پاءُ هئا. سندن پيءُ جو نالو عبدالله طاهر بن يوسف پاڻائي هو جيڪو پوءِ سيوستان جي مضافات ۾ رهندو هو اتي مشهور هو. ان جو اڪثر احوال ڪن هنڌن تي درست ڏنو ويو آهي.

گلزار ابرار جو سنڌي ترجمو:

گلزار ابرار جو سنڌي ترجمو سائين ميان مولانا عبدالجبار صديقي صاحب جن ڪيو. دقيق اردو ٻوليءَ جا اهي لفظ جيڪي خود اردو ڳالهائيندڙ جي استعمال ۾ به هاڻي نه رهيا آهن يقينن هڪ مشڪل جو سبب بڻيل هئا. جنهن ڪي بفضل تعالىٰ مترجم سهڻي نموني نپائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مترجم مخدوم ميان علي گوهر صديقي پاڻائي جا فرزند آهن. ڪين مخدوميءَ ۽ خليفي ارشد هجڻ جو خرقو مصطفائي سلسلي جي باني حضرت پير ايراني سيد صبغت الله شاه رحمة عليه ڪان مليل آهي، جنهن جي اشاري تي ئي پاڻ پنهنجو ڳوٺ پاڻ ڇڏي ڪافي عرصو مصطفائي تحريڪ لاءِ سرگرم رهيا. پير صاحب ايراني جي فيض صحبت ۾ رهڻ جي دوران پنهين جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي خواب ۾ مليل اشاري تي جهرڪ سائيد جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ درگاهه مصطفائيه جي زير اهتمام مسجد، مدرسي ۽ ڪتب خاني ڪي هلائڻ سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم جاري رکيو اڇن. سندن ڪتابن ۾:

(1) قصيده برده جو سنڌي نثر ۾ ترجمو

(2) الله ماسوي الله ۽ انسان

(3) ڪتاب الحڪم جو سنڌي ترجمو

(4) مينائي مصطفائي جو سنڌي ترجمو

(5) تشبيهات رومي ۽ جو سنڌي ترجمو

۽ موجوده گلزار ابرار جو سنڌي ترجمو ڪري پاڻ پنهنجي اسلاف جي تبليغ جي روايت کي قائم رکيو اٿن.

سليم الله

پاڻ هائوس حيدرآباد

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ جي تسبيح خاني ۾ سڄي ڪائنات ۽ موجودات جا فرد علم جي پردي (عدم) کان عين بزم (وجود) ۾ اچي ڪي قال ۽ ڪي حال جي زبان سان تسبيح ڪري رهيا آهن ته جيئن هر هڪ فرد جنهن حرف کي سپ کان وڌيڪ وڏي مرتبي وارو سمجهي ان کي پنهنجي لاءِ تجويز ڪندي الله تبارڪ و تعالىٰ جي بندگي ۽ شڪر گذاريءَ جي لائق قرار ڏئي. جيتوڻيڪ اهڙن حرفن سان ڪائنات جي خالق جي تعريف جو ڪمال ته ظاهر ڪرڻ ٿو ٿئي ۽ نه وري لَآ اُحْصِيْ ثَنَآءً عَلَيْكَ جي آواز کان سواءِ ڪا ڳالهه بڌڻ ۾ اچي ٿي. ان جي باوجود جنهن به اکر جي آواز ۾ درستي هوندي آهي قبوليت جو درجو حاصل ڪندو آهي. ۽ ان کي وحدت جي صاف ۽ عاليشان سحل ۾ انهي نوازش جو شرف حاصل ٿيندو آهي ۽ جيڪو قول سڃائي ۽ صفائي جي نعمي کان خالي هوندو آهي اُهو انهيءَ هيناهينءَ جي حالت ۾ رهجي ويندو آهي ۽ ان کي رحماني سرود خاني ۾ طريقت جي قانون تي جاءِ نه ملندي آهي.

جهڙيءَ طرح حمد جي تسبيح خاني ۾ تسبيح ۽ تقديس جو دور جاري آهي. ساڳي طرح اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ جي خانقاه ۾ سيني فرمانبرداريءَ سان سر جهڪايا آهن. ڪي الفاظن جي ذريعي ۽ ڪي معنيٰ سان درود شريف جي پڙهڻ ۾ مشغول آهن ته جيئن هر هڪ انهيءَ درود شريف پڙهڻ واري پڙدي ۾ پنهنجي دعا ۽ ستائش جو اظهار ڪري. درود جي دونت شريعت ۽ طريقت جي باني پيغمبر عليه السلام جي آگر مبارڪ جي منڊي يا چلو ڪري مججي. چاهي منڊي هجي يا چلو ڪوبه اهڙي قابليت نه ٿو رکي ته نبي ڪريم صلعم جن جي آگر مبارڪ يا هٿ لاءِ موزون هجي. پر جيڪو اخلاص جي منڊي کٽي ايندو اُهو ضرور قبوليت جي آگر ۾ جڳهه حاصل ڪندو ۽ جنهن چلي ۾ خود غرضيءَ ۽ ميراڻ هوندي آهي اُهو اچلائي چڏيو ويندو آهي ۽ پوءِ لوه جي ڪڙن وانگر نامقبول دروازن تي لٽڪايو ويندو آهي.

www.maktabah.org

ساڳي طرح اِنَّ فِي خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ جي هنگامي ۾ هر نوع ۽ هر قسم جا ظاهري ۽ باطني جوهر ۽ مظاهرا الله تعالي جي نالن جي ڪمالات ۽ حڪم سان وجود ۾ آيا آهن. جن سان ڪن هدايت جو طريقو اختيار ڪيو آهي ۽ ڪي گمراهيءَ جي ڪڍ ۾ اونڌا ٿي ڪري پيا آهن. مگر ترڪيب جي بنياد تي يا ڪشادگي جي بنياد تي سيني اصل هستيءَ جي دورنگي قبا ڪي الٽو بدن تي پائي ڇڏيو آهي ته جيئن هر هڪ فرد الڳ الڳ مظهر جي پيروي ۽ پرستش اختيار ڪري عنصري ۽ فلڪي معائش گاه جو اصل مقصد سمجهي ۽ علمي ۽ نظر ايندڙ حقيقتن جو مقصد معلوم ڪري ۽ ڪائنات جي نظام ڪي ان جي قدرتي رفتار موجب قائم رکي. ان جي باوجود جو نفس الامري جي حقيقت ۽ اصل ڪيفيت لڪل ئي رهي ٿي ليڪن جنهن خدمت جو سبب خدا طلبي هوندو آهي انهيءَ خدمت کي سرانجام ڏيڻ وارو آخرڪار انهيءَ خدائي اسم تائين پهچي ويندو آهي، جنهن اسم جي صفت جي ذريعي وجود متعلق اُن فرمانبردار جي حقيقت ۾ قيد ٿيو آهي. ۽ پوءِ هو اِنَّ لِلّٰهِ جَنَّتٌ (بيشڪ جنت الله جي ئي آهي) جي وسيع ۽ پُر فضا آبادي ۾ خوش باش ڦرندو وتندو آهي. ۽ جنهن بندگيءَ جو سبب دنياوي نالو ۽ معائش هوندو آهي. انجي ڪرڻ واري کي سجاڳيءَ جي حالت ۾ هن جي خواهشن جي شڪلين ۾ ڪجهه خواب نظر ايندا آهن ۽ هو پنهنجي تنگ نظريءَ جي ڪري جلدي فائدي تي راضي ٿي مَالَهٗ فِي الاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ (اهو آخرت ۾ بي نصيب آهي) جي ريگستان ۾ سرگردان ۽ پريشان رهجي ٿو وڃي.

اَيُّهَا الْعَاشِقُوْنَ (اي عاشقو) الاهي صفتن جي باهمي رنگا رنگ، صلح ۽ جنگ جو رنگين قصو هڪ عظيم الشان داستان آهي ۽ الله تبارڪ و تعالي جي مبارڪ نالن جون شاخون ۽ تارون ۽ انهن جو گڏجڻ هڪ عجيب باغ آهي. ڪائنات جي خالق جا شان ۽ قابليتون هڪ تمام وڏو معرڪو آهي ۽ خدا جي تجلين ڪان دل ڪي صحيح ۽ سالم بچائي وڃڻ هڪ هميشه رهڻ وارو بهشت آهي شيءَ گفتگو عجيب، دل ڪي ڇڪيندڙ گفتگو آهي. هن جو مختصر بيان هن طرح آهي. يعني باطن جو انديشو ته كُنْتُ كَنْزًا (سان هڪ لڪل خزانو آهيان) جي بَي بَها جواهرن کي ظاهر جو هٿ به نه لڳي ۽ ظاهر جو هي فڪر ته اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ (۽ جيڪي شيون آهن اسان وٽ سيني

www.maktabah.org

جا خزانا پريا پيا آهن) جا نفيس خزانہ باطن جي تهخاني ۾ لکل نہ رهن. ۽ اهڙيءَ طرح القابض ۽ الباسط. الاول ۽ الآخر هي سڀ ۽ ٻيا اسماءُ الحسنيٰ جيڪي پاڻ ۾ هڪٻئي سان متقابل آهن. طلبگار ٿيا ۽ هر ڪنهن پنهنجي ذاتي خصوصيات تي ناز ڪري خلافت ۽ سلطنت جو طبگار ٿيو. پوءِ لاچار ٿي سيني پنهنجي مقصد کي مالڪ جي بارگاه ۾ رجوع ڪيو. اچڻ وارن کي ملڪ جي تختگاه جي روبرو حاضر ڪيو ويو. اُتي سلطان الاسماء مخالفت ڪندڙن کي پنهنجي نوازش ۽ خاص توجه سان خوش ڪري پهريائين جمال ۽ جلال جي دولت خاني ۾ ترسايو ۽ بعد ۾ ستاريت جي پردي ۾ فرمان ڏيڻ جو واعدو هرهڪ سان الڳ الڳ اهڙيءَ طرح ڪيو جو هڪڙي جي عهد جي ٻئي کي خبر نہ پئي. ان جو آخرين نتيجو اهو ٿيو جو سيني جي دماغن ۾ انهيءَ واعدي جي مطابق هڪ جوش پيدا ٿيو. جڏهن اهڙيءَ طرح جنگ ڏي آمادگي ٿي جهنڊا کلي ويا تہ "خبير" (خبر ڏيندڙ) جاسوس شهنشاه ذات جي حضور ۾ نالن ۽ صفتن جي وچ ۾ جنگ ۽ جدال جو حال هن طرح ظاهر ڪيو تہ نالن- صفتن ۽ افعالن جي لشڪرن ۾ ڪمال ۽ ڪشمڪش ۽ لڙائي پيدا ٿي پئي آهي. ان وقت سلطان احديت جو حڪم صادر ٿيو جنهن جي مطابق "قهار" نقيب سيني جا هٿ ٻڌي ذات جي حضور ۾ حاضر ڪيو. حضور "نور" وزيرن کي حڪم ڏنو تہ صلح ڪرائي ڇڏ اهڙيءَ طرح جو واعدي جي پڄڪڙي نہ ٿئي ۽ هر ڪنهن جي خواهش پوري ٿي وڃي. "نور" مختار پيشڪار جي مشوري سان "حڪيم" ۽ "عدل" کي منتخب ڪيو ۽ چيو تہ هيءَ نالن جي شورش اهڙي تدبير سان ٽڌي ٽيڻ گهرجي جو سلطان الاسماء جي قرارداد ۾ ڪابہ تبديلي نہ اچي ۽ اهڙيءَ طرح سيني جي خواهش بہ پوري ٿي وڃي. هنن ٻنهين برگزيده اصحابن هڪ ٻئي سان صلح جو ڪم "عليم" ۽"خالق" جي سپرد ڪيو ۽ هنن ٻنهين عقل ۽ فهم جي صاحبن داعي ۽ مدعيءَ جي اتفاق سان ظاهر جا ڪيترائي قسم هر هڪ اسم جي مناسبت سان علم جي وحدت خاني ۽ عين بزم گاه ۾ ترتيب ڏنا. انهيءَ تجويز سان ظاهر ۽ باطن جو شور و غُلُ هڪ پيرو سڪون ۾ تبديل ٿي ويو ۽جيتري قدر تقاضا ٿي سڀ جا سڀ ڪنهن جاءِ تي آمر ۽ڪنهن جاءِ تي مامور ٿي پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حصي ۾ حڪمران ٿي ويا.

مطلب تہ هڪ ڏينهن "جامع" ٻي ڪشادي گهر ۾ صفتن جا گهٽا گروه گڏ

www.maktabah.org

ٿيا ۽ انهيءَ ڳالهه جي شڪراني ۾ ته جهڳڙو ٽڏو ٿي ويو جشن جي نالي سان هڪڙي جماعت منعقد ٿي ۽ ان ۾ باهمي استحڪام سان واعدو ڪيائون ته اسين هن صلح ڪل جي بهشت نما گهر مان هرگز جنبش نه ڪنداسين. "جامع" هي حال ذات مقدس جي حضور ۾ پيش ڪيو. حضور ذات قبول فرمائي تخت تي اجلاس فرمايو ۽ عام حڪم ڏنو اُن وقت هڪدم **اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً** (مان زمين تي هڪ پنهنجو نائب مقرر ڪرڻ وارو آهيان) جو پَڙهو ڏنو ويو ۽ آدم خاڪيءَ جو قالب ناهيو ويو.

هي حال ڏسي صلح ڪرائڻ وارن ۽ صلح ڪرڻ وارن مطلب ته سيني هن مقام تي هڪ پُر ترنم مجلس ترتيب ڏني ۽ ان ۾ الفت ۽ محبت جو دور هليو ۽ مدهوشيءَ جي عالم ۾ هڪ ٻئي سان اتفاق ڪري راحت حاصل ڪيائون ۽ ذات اقدس جي حمد ۽ ثنا ڪري پنهنجو اعتبار پيدا ڪيائون. مطلب ته جمال ۽ جلال جي صاحبن جڏهن "جامع" نالي قابليتن جي مجموعي جو تماش خانو چگي طرح ڏسي ورتو ته پوءِ هر هڪ جي دل ۾ هوس ۽ گذريل واعدي جي خيال سان هي جوش پيدا ٿيو ته اهڙي آباد اقليم جي تاج جو صاحب مان اکيلو ٿيان ان ڪري آدم جي نسل مان بيشمار انساني مظاهر پيدا ڪيا ويا ۽ چهرن جو ناهيندڙ "مصور" انهن جي فهرست جي ورقن کي "محصيٰ" جي حوالي ڪيو. ۽ بفرمان **اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ** ۽ انجي جواب **قَالُوْا بَلٰى** هر هڪ انساني مظهر کي سيني نالن مان هڪ نالي جي تحت لکي انساني مظهر کي انهيءَ نالي جي حڪومت جو هلائڻ وارو قرار ڏنو. ليڪن جيڪي صوبي جا هلائڻ وارا قائم ٿي چڪا هئا اُهي گذريل واعدي جي ڪري جامع ۽ احديت جي دارالسلطنت ڪان پنهنجي پنهنجي ملڪ جو حصو دارالملڪ شهود ۾ مليو هو. ڪوچ ڪري نه پيا سگهن. لهاذا لاچار پنهنجا آثار ۽ احڪام يعني گماشتن کي مقرر ڪيائون ته جيئن هر هڪ پنهنجي مالڪاڻي حيثيت سان پنهنجي مقام جو سلوڪ ڪري. "حڪيم" ۽ "عدل" جيڪو حڪمت ۽ عدالت کي امين الملڪيءَ جو عهدو عطا فرمائي مٿي ذڪر ڪيل حاڪمن جي گماشتن کي عقب ۾ روانو ڪيو. جيئن ته سلطان وجود جي قرب ۽ قهر جي ڪري نالن جي شهر ۾ آثار هڪٻئي جي سامهون مٿوڪڻي نه پيا سگهن. انڪري صوبي جي حاڪمن "ستار" ۽ "غفار" کي وچ ۾ آڻي حضرت سلطان الاسماء ڪان اهڙيءَ طرح خفيه اجازت حاصل

www.maktabah.org

ڪئي، جو عدل کي خبر ئي نہ پئي. جيڪو گروه پاڻ ۾ مقابلو ۽ هڪ ٻئي جو ضد هئا هاڻي انهن اختلاف خاندانن يعني جسمن جي عالم ۾ مقرر ڪيا. آثار ۽احڪام يعني صوبي جي حڪمرانن جا گماشتہ ۽ انهيءَ مقابلي کي پنهنجي حاڪمن ۾ لڪل سمجهندا هئا. ان ڪري انهن اچڻ وارن کي هٿن تي کڻي پنهنجي دل الخلافت ۾ هر هڪ جي واسطي جيڪو گهر مناسب سمجهو نالي ڪري ڇڏيو. انهيءَ دوران فوراً شهنشاه احديت جي بارگاه کان دوري پيدا ٿي وئي ۽ عقل ۽ نفس جي باري ۾ ۽ اهو تہ جوهر ۽ عرض الڳ صورت ۾ ڪهڙي مقصد لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي اختلاف ظاهر ٿيا اُهي الڳ رهيا پوءِ جيتري قدر خرابي ملڪ ۾ پيدا ٿيندي وئي اوتري قدر سئيون صفتون هتان عالم ملڪوت ڏي هجرت ڪنديون ويون. بدڪارين جا ساز و سامان فراهم ٿي ويا ملڪ جي ڪاروائي نفس جي هٿ ۾ آئي. روح جنهن کي مطلق رب جو نائب چوڻ گهرجي ان جي رونق هلندي وئي ۽ نفس جي خاندان جي آبادي شروع ٿي وئي. امين الملڪ کي هٽائي قيد ڪيو ويو. انهيءَ سبب جي ڪري شهر ويران ۽ انسان تباهہ ٿي ويا. مگر جيڪي ماڻهو ڪوشش ڪري اخلاص جي بنياد تي امن جي جاءِ ۾ پهچي ويا ۽ امين جو حڪم ٻڌي قبول ڪري پنهنجي دل جي دامن کي آهستي آهستي نفس جي ڪارڪنن کان ڇڪي ورتائون ۽ جهڙي طرح امين رستو ٻڌايو اهڙيءَ طرح منزل در منزل هدايت جي قافلي يعني امين "هاديءَ" جي بارگاه ۾ حاضر ڪري ڇڏيو. انهيءَ حقيقي رهنما يعني "هاديءَ" حقيقت حال جو ترجمو پنهنجي زبان ۾ حضور اقدس ۾ عرض ڪري التماس ڪيو تہ نفس جي ظالم هٽن ڪان ڇوٽڪارو ڏنو وڃي. حڪم ٿيوتہ جيڪي ماڻهو بارگاه وحدت ۾ حاضر ٿيا آهن اهي سڀ "حفيظ" ۽ "مغيث" جي حمايت ۾ سپرد ڪيا وڃن تہ جيئن آئينده وري انهيءَ نالائق نفس جي بد انديشيءَ کان هنن کي تڪليف نہ پهچي. ۽ جيڪو شيوو "صلح ڪل" جي نالن ۽ صفتن جي لشڪرن ۾ "حڪيم" ۽ "عدل" جي تدبير سان قائم ٿي ويو آهي، اُهوئي صلح جو طريقو هتي امين الملڪ جي فرمان سان جاري ڪيو وجي. هنن ٻنهين صاحبن پاڻ ۾ موافقت ۽ مصالحت ڪرڻ واسطي حڪم صادر فرمائي جيڪي مظلوم هئا انهن کي ڪمال جي سرفرازي عطا ڪئي. انهيءَ حال جي جڏهن عالم ناسوت جي فسادين کي خبر پئي تڏهن پوئين پير وٺي

www.maktabah.org

پڳا ۽ اسفل سافلين ۾ اچي ساه ڪنيائون ۽ انساني دربار ۾ هر جاءِ تي ڳالهيون ڪيائون ان کان پوءِ وري ملڪوت اعليٰ جي قافلي وارن جي اچ وچ جو سلسلو هن عالم ۾ شروع ٿيو ۽ عالم جبروت جي سوداگرن جو ڏيڻ ونڻ عالم شهود جي باشندن سان نئين سري کان شروع ٿيو. مطلب ته وجوب جي جهان امڪان جي رڻ پٽ سان ميلاپ پيدا ڪيو. حاصل مقصد ته جيڪي فرد بارگاه الاهيءَ ۾ ويا هئا انهن مان ڪي فرد نبوت ۽ رسالت جي معزز تخت تي رونق افروز ڪيا ويا ۽ ڪن کي وري ولايت ۽ امامت جا مرتبا عطا ٿيا. ۽ انهيءَ طريقي سان سيني رهنمائي اختيار ڪري خودشناسيءَ جي منهن کي خدا جي عنايت جي رنگ سان رونق ڏني. ۽ سيني کارفرمانِ بارگاه الوهيت کنهن نه کنهن سان گڏ هر کنهن نسبت پيدا ڪري پيدائش جي صوبي ۾ پنهنجي پنهنجي واري سان داخل ٿيا. ۽ تذڪره لکندڙن جو گروه جيڪو پويان آيو انهن پنهنجي قلم کي انهن اصحابن جي حالات لکڻ ۾ صرف ڪيو جيڪي **بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ و ظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ** (جيڪو دروازي جي اندرئين پاسي آهي (جا ڏي مسلمان آهن) ان تي خدا جي رحمت هوندي ۽ ان جي باهرئين پاسي (جا ڏي منافق آهن) عذاب الاهي هوندو) جي سنسان جهنگل ۾ وينا پنهنجي دلين ۽ قلبن جي صفائيءَ ۾ مصروف آهن. ۽ لکيل ورقن کي بصيرت جي صاحبن جي لاءِ عبرت نامون بنايو. هي مختصر حالات جيڪي گذارش ڪيا ويا ازل کان ابد تائين گذريل معاملي جو هڪ نمونو آهن. جو ته حال جيڪو گذري رهيو آهي. اُهو هڪ ئي طريقي سان گذري رهيو آهي. ماضي ۽ مستقبل زماني جا صرف اعتباري ٻالا آهن. درويشن جي معلومات جنهن به صيغي ۾ تعبير جي قلم سان ادا ٿيندي ان کي تبديلي نه آهي. ممنيٰ بس مصدر سان حاصل آهي ان کان علاوه ڪجهه به ڪونهي.

اما بعد حيران انجمن دانش و بينش- سرگردان باديه عجزو ناداني نو آموز دبستان عقل ۽ نقل هيچمدان صوم ڪشف و تحقيق **محمد غوثي ابن حسن ابن موسيٰ شطاري جَعَلَ اللّٰهُ مِمَّنْ اَحَبَّهُمْ** عرض ٿو ڪري ته دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته مشائخ ڪرام قدس الله اسرارهم جا حالات ترتيب ڏيڻ گهرجن. هيءَ آرزو منهنجي دل ۾ هجري سن نو سؤ اناڻوي جي شروع ۾ ايندي ۽ ويندي هئي. جڏهن هجري سن هڪ هزار اٺ شروع ٿيو ۽ اولياءُ الله هند جا

www.maktabah.org

کجھ حالات اکبر نامي ۾ نظر مان اچي گذريا تہ متين آرزو دل ۾ وري پيدا ٿي ليکن دل جي اکيلائيءَ کان نکري عبارت جي ميدان ۾ نہ ايندي هئي ايتري قدر جو هجري سن هک هزار ڏهہ اچي ويو ۽ کشور کشا شهنشاه اکبر بادشاه دکن ۽ خانديس فتح کرڻ جي ارادي سان کوچ کري دارالاسلام برهانپور ۾ قيام کيو. هتي لشکر سان گڏ امير ۽ فاضل به هئا جن مان کن کي پوين ۽ هم عصر بزرگن جي احوال جي مطالعي جو شوق هو ۽ منهنجي ارادي کان ب واقف هئا. هک ڏينهن انهن اصحابن جي جلسي ۾ مون کان پڇيو ويو تہ جيکي خيالات تنهنجي ضمير ۾ آهن انهن کي قلم جي ذريعي عبارت جي ميدان ۾ چو نہ پيش کيو ويو. ان جي جواب ۾ مون کي حيرت ٿي جيکڏهن ائين ئي چوان تہ زماني جي رفتار ۽ ناموافقت ۽ منهنجي غفلت ۽ گهٽ استعداد مونکي باز رکيو تہ اهو جواب معمولي ۽ عادت جي مطابق عام ظاهر بين ماڻهن جو آهي. ۽ جيکڏهن اهو ٿو چوان تہ الاهي کارخاني ۾ حکم جي مطابق لَا يُسْئَلُ عَمَّا يَفْعَلُ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي گنجائش کانهي تہ اها گفتگو انهن اکيلن ماڻهن جي آهي جن وحدت جي کنڊ اختيار کري ڇڏي آهي. جيئن تہ کابہ طرز جواب واسطي موزون معلوم نہ ٿي. لهذا خاموشي اختيار کيم. انهيءَ بنياد تي سواءِ بي توجهيءَ جي کوبہ منع کندڙ نہ سمجهيو ويو. ۽ هوڏانهن سوال کندڙن جي خواهش ۽ آرزو حد کان وڌيل هئي. پوءِ جيترو ٿي سگهيو وڌي کوشش ۽ ترغيب کم ۾ آندم ۽ خط و کتابت ذريعي گذريل ڳالهين جي تجديد کيم. الله تعاليٰ کي منظور هو تہ جيکا ڳالهہ خيال ۾ هئي اُها ظاهر ٿي پئي ۽ قلم لکڻ شروع کيو. خدا شناسن جا برگزيده احوال ۽ اوصاف هجري ستين سن جي شروعات کان وٺي هک هزار کان کجهہ وڌيک تائين فراهم کيا ويا ۽ ياداشتن جي نو بهار کان زماني جي ماڻهن جي دلين ۾ بي حد شگفتگي پيدا کئي وئي. خدا کري دوستن جو معرفت پذير دماغ يقين ۽ عبرت جي خوشبو سان معطر ٿئي.

تمام وڏي تعجب جي اها ڳالهہ آهي تہ سخن جي تصوير خاني جا نقش نگارن کي سينگارڻ وارو جنهن کي علم وارا نفس ناطق چوندا آهن پيدائش جي پهرئين ڏينهن کان هن وقت تائين پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت جي قلم سان گذريل تصوير خانن ۾ يعني معرفت ۽ کرامت جي تصنيفن ۽ تاليفن ۾

www.maktabah.org

گوناگون رنگ آميزي ۽ تصويرن ڏيکارڻ جي ڪم ۾ آڻي چڪو آهي. ۽ افسانہ نگاريءَ ۾ ڪمال جي صفائي پيدا ڪئي آهي تہ جيئن الفاظن جي ڪنوار جو هار سينگار ۽ معنيٰ ۽ شاهد جو حُسن وڌيڪ ٿئي. پوءِ اهڙيءَ طرح هُن هِنَ رسالي جي طرف بہ توجہ فرمايو جنهن ۾ باڪمال مشائخن جون تصويرون ڏيکاريون ويون آهن. عبارت جي قالب کي يوسفي حُسن سان آرائش ڏني ۽ اشارات جي بدن ۽ عيسوي تنافس ڦوڪي جان وجهي جڏي. ۽ انهيءَ وقت اوچتو اهو خيال بہ پيدا ٿيو تہ هنن چند ياداشتن کي مون جهڙي شخص جي قلم ترتيب ڏنو آهي. جيڪو زماني جي نزديڪ اڻ ڄاڻ آهي. لهذا هي رسالو انهيءَ قابل نہ آهي جو هن جو ديباچو زماني جي شهنشاهہ جي نالي منسوب ڪرڻ جي دليري ڪئي وڃي. پوءِ بهتر اهوئي آهي تہ بارگاهہ خلافت ۾ جيڪي صاحب ظاهري ۽ باطني دولت جي لحاظ سان برگزيده آهن. انهن مان ڪنهن اهڙي مٿاهين درجي جي صاحب کي پنهنجي امتيازي نظر سان چونڊيان جيڪو هر هڪ گفتار ۽ ڪلام جي رنگ ۽ روشن کان واقفيت رکندو هجي ۽ پوءِ ان جي بزم نشاط ۾ درويشي باغيچي جي هن گلدستي کي هديہ طور پيش ڪيان. هن ارادي سان جن مٿاهين مرتبي جي اصحابن جون ذاتي ۽ صفاتي خوبيون مونکي عقل ۽ نقل جي ذريعي معلوم ٿيون هيون. انهن جون تعريفون ۽ خوبيون خصوصيت سان ذهن ۾ گڏ ڪيم ۽ خيال جي چمن ۾ سيني کي دعوت ڏئي هڪ محفل ترتيب ڏنم ۽ گهٽي غور ۽ فڪر کي ڪم ۾ آندم تہ جيئن هن حور جهڙي ڪنوار جو خطبو ڪنهن جي نالي منسوب ڪيان. غور کان پوءِ اهو مناسب معلوم ٿيو تہ جيئن هيءَ حَسين ۽ جميل نياڻي عقل جي نسل مان آهي ان کي خيالي انجمن ۾ جيڪي صاحب تشريف فرما آهن ان مان عقل ئي جنهن کي منتخب ڪري ان جي نالي هيءَ نياڻي نالي ڪئي وڃي. مگر انهيءَ فيصلي تي انصاف جي خصلت دل جي گوشي کان ۽ دوربينيءَ جي قوت باطن جي ڪناري کان گهرائجي پريشان ٿي ٻئي اُٿي بينيون ۽ چوڻ لڳيون تہ هن خير جي ڪم جو اختيار صرف عقل جو نہ ٿو ٿي سگهي. بلڪ اهو مناسب ٿو لڳي تہ هن باري ۾ انهن اصحابن کان مشورو ورتو وڃي جيڪي هن ڪاغذي خانقاهہ ۾ موجود آهن ۽ جڏهن انهن جي طرفان اجازت ملي وڃي تڏهن دل جي مدعا کي ظاهر ڪجي. هن قرارداد تي دل چند سالن تائين انتظار ڪندي رهي.

www.maktabah.org

ليکن جيکي اصحاب عالم خاکيءَ مان رخصت ٿي ويا آهن انهن جي طرف کان کا راءِ نہ ملي. هڪ دفعي رات جو ذکر آهي تہ دل ملول هئي ۽ غم جي حالت ۾ گوڏن تي ڪنڌ رکيو وينو هئس. هر قسم جي خيالات ستائي رهيا هئا انهيءَ حالت ۾ غنودگي جيکا مدهوشيءَ جي شروعات آهي پيدا ٿي. حواس جيکي ناااميديءَ جي غم ۾ اڏ جي قريب هليا ويا هئا. رهيل ۽ بچيل ڪمالات بہ باطل ٿي ويا ۽ روح جيکو لفظ اَنَا (مان) جو قائل ۽ هن ويراني ۾ اُجالو آهي. **بِحُكمِ اللّٰهُ يَتَوفَّي الاَنفُسَ حِينَ مَوتِهَا وَالَّتِي لَم تَمُتْ فِي مَنَامِهَا فَيُمسِكُ الَّتِي قَضيٰ عَلَيهَا المَوتَ وَيُرسِلُ الاُخرٰي** (ماڻهن جي مرڻ مهل الله انهن جي روحن کي (پاڻ وٽ) سڏيندو آهي ۽ جيکي ماڻهو مئا نہ آهن (انهن جا روح بہ) انهن جي سمهڻ مهل (خدا وٽ سڏيا تا وجن) تہ پوءِ جن جي لاءِ خدا موت جو حڪم ڏئي چڪو آهي انهن کي (پاڻ وٽ) روکي ٿو ڇڏي. باقي (سمهڻ وارن) کي (پيهر دنيا ۾) موڪلي ٿو ڇڏي). عالم مثال ۾ وڃي پهتو جڏهن رستي ۾ هڪ ڇانو واري وڻ جي ويجهو پهتو تہ اتي وڻ جي هيٺان هڪ نوراني شڪل پير کي ڏنائين جيکو هڪ سينگاريل تخت تي ويٺل هو. تخت واري صاحب جي ڪمال هيبت ۽ حسن جي مشاهدي مونکي اڳتي وڌڻ کان روڪيو. لاچار اميدوار ٿي ادب سان هٿ ٻڌي ڇانو جي هڪ ڪنڊ ۾ بيهي رهيس. ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ پکي جيکو طوطي وانگر سائي رنگ جو هو هڪ وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺو هو پنهنجو مٿو مٽي ڪري هڪ ويڑهيل ڪاغذ پنهنجي چنهب مان تخت تي ڇڏيو ان وقت روحاني شڪل تخت نشين پيار ۽ محبت سان مون کي سڏ ڪيو جڏهن مان بہ ٿي قدم اڳتي وڌيس تہ دل ۾ خيال آيو تہ هن وقت ڳالهائڻ جو موقعو نہ آهي. ليکن پڇڻ لاءِ زبان کٽان آڻيان ڇو تہ تخت نشين جو رعب ايترو تہ غالب ٿي ويو هو جو ڏسڻ جي اک ۾ ۽ نالي پڇڻ جي زبان ۾ بلڪ جان ۾ بہ طاقت نہ رهي هئي. تخت واري صاحب منهنجي هيءَ ڪيفيت ۽ موجوده حالت معلوم ڪري ورتي ۽ فرمايائون تہ منهنجو نالو عبدالله آهي ۽ خط آڻيندڙ پکي تنهنجي مثالي صورت آهي. هي ارشاد ٻڌڻ شرط مونکي يقين ٿي ويو تہ هي شاهہ عبدالله شطاري آهن قدس الله باسراره المقدسته ان کان پوءِ اهو ويڑهيل ڪاغذ موڙ ڪي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ پڙهو. هن ڪاغذ تي هي مضمون هئو جيکو سراسر بشارت هو تہ

www.maktabah.org

ملک کتاب جيکو الفاظ ۽ عبارت آهن. جيڪڏهن ان تي توکي اعتماد نه آهي تہ کا ڳالهہ نہ آهي ليکن ڪتاب جي ملڪوت تي جيڪي احوال مشائخ جو بيان آهن پروسڻ ڪري شهنشاهہ زمانہ جي عظيم الشان نالي ڪتاب کي منسوب ڪرڻ گهرجي ۽ تواضع کي جنهن جو نتيجو هن خاص جڳهہ تي محرومي آهي. ڪنهن ٻئي مقام تي ڪم آڻجان جتي تواضع جو نتيجو سنو هجي. مطلب تہ هي جامع ڪلام ٻڌي فوراً هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ آئي تہ درحقيقت الفاظ تہ لفافا آهن نفيس معنيٰ جا ۽ عبارت ڏيو آهي مفهوم جي جوهر جو ۽ ڪاغذي نقش عزيمت آهي معشوقن جي تسخير جي- نظر ۽ فڪر کي سرف لفافي- ڏيڻ ۽ نقشن تائين قاصر ۽ نفسن- جواهر ۽ جمال جي نظاري کان محروم رکڻ جڏ تہ ائين ئي آهي جيئن دقيقہ شناسيءَ کي معطل ڪري ظاهر بينيءَ کي نظر ۾ رکجي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جڏهن خيال جي تائيد غيبي خوشخبريءَ سان ٿي تہ پوءِ مون ٻہ قلم کي دليريءَ سان جنبش ڏني ۽ ديرينہ مطلوب جنهن جي منهن کي سندس ڪمالات ۽ استغنا منهنجي تواضع ۽ عجز جي برقعي ۾ اهل ڪتاب جي نظرن کان لڪائي ڇڏيو هو. ان تي عرصي کان پوءِ ڪامياب ٿيس ۽ هنن الفاظن ۾ جناب باري عزاسم جو شڪريو ادا ڪيم. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتَابَ۔ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى۔ (هر طرح جي تعريف خدا پاڪ کي ئي جڳائي، جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ تي قرآن نازل فرمايو). خدا جو شڪر آهي جنهن هر قسم جو رنج ۽ غم اسان کان دور ڪيو آهي. هر قسم جي تعريف خدا کي ئي جڳائي جنهن هر مخلوق کي ان جي خاص طرح جي بناوٽ عطا فرمائي پوءِ ان کي انهن خاص مقصدن کي پوري ڪرڻ جو رستو ڏيکاريائين جن لاءِ هو پيدا ڪيو ويو آهي). ۽جيڪي دوست هن لکت جي ختم ٿيڻ جو انتظار فرمائي رهيا هئا. انهن کي هي غيبي خوشخبري ٻڌائي خوش ڪيو. بي اختيار عقل ۽ فهم جا مالڪ ڪشف ۽ يقين جا صاحب، جذبي ۽ بي خوديءَ جي اصحابن کي جيڪا حضور ﷺ وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ (۽ توهان جتي ٻہ هجو، هُو توهان سان گڏ آهي) جي شاهي محل ۾ ۽ لِيْ مَعَ اللّٰهِ وَقْتٌ (مون کي الله سان هڪ خاص وقت هوندو آهي) جي خلوت گاه ۾ حضوريءَ جو شرف رکندا هئا. تشريف آوريءَ جي

www.maktabah.org

تکليف ڏني. تان تہ تفکرئي برقعي ۾ تشريف فرمائي ۽ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي ذريعي پنهنجي تعبيري وجود سان فيض بخشي فرمائن جهڙي طرح ان وقت پنهنجي نمود ۽ نمائش سان محسوس ڪندڙ حسن کي فيضياب نور فرمائيندا هئا. جڏهن عنصري ترڪيب جو لباس بدن تي پاتل هئن ۽ عبارت جي آب حيات سان جنهن کي روح القدس جي رشحات چوڻ ۾ ريبا آهي. ۽ لفظن جي مسيحائيءَ سان جيڪا رحماني نفس کان ڏڏي هوا آهي هميشہ واري زندگي حاصل ڪن. ۽ هن گلزارابرار جي فضا ۾ پنهنجي قيام لاءِ انجمن بنائن. جيئن راقم جي مراد سهڻي طريقي سان حاصل ٿئي جيئن تہ غيبي حڪم سان هن معنوي مجلس جي ترتيب ڏيڻ ئي انهيءَ غرض سان تہ وارث يڪتائي فرمان با استحقاق واحد خليفي ۽ بي انتها خوبين جي مالڪ ابوالمظفر نورالدين محمد جهانگير غازي ابن ابوفتح جلال الدين محمد اڪبر بادشاه هن جو مشاهدو ۽ مطالعو فرمائين. **خَلَّدَ اللّٰهُ مُلْكَهٗ وَ سُلْطَانَهٗ وَاَفَاضَ عَلَي الْعَالَمِيْنَ بِرَّهٗ وَ اِحْسَانَهٗ اَبَدًا** (آمين) (الله تعاليٰ هن بادشاه جي ملڪ ۽ حڪومت کي هميشہ رکي ۽ وڌيڪ اهو تہ هن بادشاه جون پلايون ۽ احسان سڀني مخلوق کي هميشہ پهچائي. آمين يا الله تون ائين ئي ڪرڻ فرماءِ).

خدا تبارڪ و تعاليٰ جو ڪمال احسان ۽ شڪر آهي جو هن شهنشاه جهانگير خلد ملڪ و مدظله جي زماني ۾ هن جي حڪمت - انصاف پسندي- مبارڪ صورت- نيڪ عادت- بهترين فڪر ۽ سليم راءِ جي ڪري سڀ نا پسنديده وصفون ۽ ڪم، حالتون ۽ معاملا ۽ تڪليف پهچائيندڙ واقعات سيني انسانن مان فوراً نڪري ويا ۽اهڙي مقام تي پهتا آهن جتي هر خوبي ۽ عمدگيءَ جي نظر سان ڏٺا ٿا وڃن. هن مختصر گذارش جو تفصيل تہ تمام گهڻو آهي. مگر **مَا لَا يُدْرَكُ كُلُّهٗ لَا يُتْرَكُ كُلُّهٗ** (يعني جا شيءِ مڪمل طرح ادراڪ ۾ نہ ٿي اچي سگهي. اُها سڀ جا سڀ ڇڏي بہ نہ ٿي سگهجي).

ان مان ڪجهہ نموني طور ارباب اعتبار ۽ اصحاب قياس جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ:

(1) پريشاني زلف ۾ ۽ نسل ۾

(2) ٽيڏاڻ پرن ۽ نئين چند ۾

www.maktabah.org

(3) ماه وشن جي کاڏي ۾ غنچه ۾

(4) چڙواڳي چيلهه ۾ ۾ وارن ۾

(5) گهٽتائي بدکرداريءَ ۾ ۾ عمر دشمن ۾

(6) پرڻ ۾ کاراڻ (8) مينهن ۾ روئڻ (9) روشنيءَ ۾ تيزي ۾ دشمن جي ناءَ ۾ (10) قلم ۾ جهکاءُ (11) تحرير ۾ پيچيدگي (12) شڪستگي لکت ۾ (13) ڪشاڪش ڪمان ۾ (14) نفرت تير ۾ (15) تيزي تلوار ۾ (16) ضد ۾ جهيڙي ۾ ماري وجهڻ (17) بن هم جنس جي جدائي ميلاپ ۾ (18) عاملن جو جهيڙو نحو ۾ (19) منع و معارضہ آداب بحث ۾ (20) فقہ جي روايتن ۾ اختلاف (21) وڏاءُ تاريخ جي افسانن ۾ ۾ شعرن جي مضمون ۾ (22) فريب جادو جي افسانن ۾ ۾ دلبر جي واعدن ۾ (23) تلخي ناصح جي پندنامن ۾ ۾ اطباءَ جي دوائن ۾ (24) وڏي انگ جي صفن ۾ پيڙ ۾ ماٺهن جي آميزش سان صالحن ۾ (15) سرگرداني آسمان ۾ چڪي ۾ ۾ چرخي ۾ (26) سڙڻ اگر ۾، ڪائنين ۾ ۾ چورن ۾، (27) جوش ڪائڻ قواره ۾، ديگ ۾ ۾ پاڻيءَ جي چشمي ۾ (28) نيستي افلاس ۾ سبب محنت ۾ (29) نايابي ستم ۾ زبان ۾ ۾ شڪايت ۾ (30) سوال قبر ۾ ۾ قيامت ۾ (31) عذاب طبقات دوزخ ۾ (32) بيڪاري حالت خواب ۾ (33) گراني طلب ۾ ۾ التماس ۾ (34) واڌارو عطا ۾ ۾ انعام ۾ (35) زنجير هاٿيءَ جي پير ۾ ۾ چائنڻ ۾ (36) بيماري نرگس ۾ ۾ مخالف راءِ بن بادشاهن ۾ ۾ تياري جنگ ۾ (37) خانو خالي شطرنج ۾ نہ روئي زمين ۾ (38) شمار ڪرڻ نقش ڪعبتين ۾ نہ ڪي ماٺهن جي نقد ۾ حال ۾ (39) خواهش دولت سلطاني جي دوام ۾ نہ ڪي بين شين ۾ (40) آرزو اها تہ شهنشاهه جي عمر جاوداني هجي نہ ڪي بين معاملن ۾.

مطلب تہ عيني ۾ علمي، خارجي ۾ ذهني سڀ موجودات پوءِ جوهر هجي يا عرض ڪجهه مناسب ۾ ڪجهه غير مناسب حالتون هيون پر هن شاهي عهد ۾ اهي سڀ خوبيءَ جي لباس سان آراستہ ٿي ويا آهن. ۾ هاٿي مخلوق جي آسائش ۾ آرام جو باعث آهن لهذا بهتر اهو آهي تہ هاٿي قلم جي برق رفتار گهوڙي ڪي لکڻ جي نموني ۾ تيز رفتار ۾ لاهن چاڙهن کان بچايان. بلڪ قلم جي لغام ڪي چڪي ٻئي رستي تي لڳايان.

www.maktabah.org

جيڪي ضمير قُدسي انوارن سان روشن ۽ رسمي قيدن کان آزاد آهن. اُهي سمجهن ٿا ته الفاظ "رضي الله عنه" ۽ "قدس الله سرهُ" ۽ ٻيا تبرڪ جا ڪلمات جيڪي هن ڪتاب ۾ انهن مبارڪ صاحب جي نالن سان گڏ نه لکيا ويا آهن. جن هن ڪتاب جي عبارتي حجرن ۾ گوشي نشين ٿي سعادت جو شرف بخشو آهي. هي گذارش وڏائي جي ڪري نه آهي بلڪ جهڙي طرح عرب ۽ عجم جابرگزيده عليهم السلام جن مضمون لَا اُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْكَ (جيڪا تعريف توهان لاءِ جڳائي ان جو احاطو مان نه ٿو ڪري سگهان) پنهنجي طرفان ذات باري تعالىٰ جَلَّتْ صِفَاتُهٗ جي ثنا کان عاجز تصور ڪندي ان جي صفت جو حوالو بقول اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ (تون اهڙو آهين جهڙي تو پنهنجي ثنا پاڻ ڪئي آهي) انهيءَ پاڪ ذات تي رکيو هو. اهڙي طرح راقم به انهيءَ ادب سيڪاريندڙ ڪلام مان عاجزي ۽ تواضع جي تعليم حاصل ڪري. انهيءَ تصور ۾ ته فرد پنهنجي طرفان انهن نامورن جي دعا ۽ ثنا کان جن جي نالن جو تقدس هر هڪ جي ياد ۾ ذڪر ڪيل آهي. هي ڇئي قاصر سمجهو ته فرد ۽ مٿي ذڪر ڪيل مقدس ڪلمات کي ڪتاب جي سٽن ۾ داخل نه ڪيو. هن ۾ شڪ نه آهي ته آنحضرت عليه الصلواة السلام جن جي ثناءِ ايزديءَ جي طريقي کي نظر ۾رکي سواءِ گذريل صورتن (يعني بزرگان دين جي نسبت ثنائيه ۽ دعائيه الفاظ ترڪ ڪرڻ) جي اتباعي دعويٰ صحيح نه آهي. ته اها ڪا ادب جي ڀالهه آهي ۽ نه اهڙو اتباع امت جي طاقت آهي. ٻيو ته جيڪي طبيعتون رعونت، غرور ۽ خشونت جي غبار کان پاڪ ۽ صاف آهن. اُهي ڇگي طرح ڄاڻن ٿيون ته ولايت ۽ فضيلت جا قطب (اوليا الله) جن جا حالات هن گلزار جي هر چمن ۽ هر انجمن ۾ گذارش ڪيا ويا آهن. انهن کي واحد جي صيغي ۾ جيڪو ياد ڪيو ويو آهي ان مان مراد نه آهي ته تعظيم ۽ ڪجهه ڳهڻائي ڪئي وڃي بلڪ تحريري حالات هن بلند مرتبي گروه جي يڪتائي ايتري قدر دل ۾ داخل ٿي وئي جو لفظ واحد ۽ مفرد کان سواءِ عقل زبان کي ۽ زبان قلم کي ڪوبه لفظ حوالي نه ڪيو ۽ اهڙي شخص جو اهڙي طرح مفرد طريقي ياد ڪرڻ جو واقعي ۾ به ائين ئي آهي. انهيءَ فرد جي تعظيم جو نقصان دور ڪري وحدت جي ڪمال تي دلالت ٿو ڪري ۽ ڪتابت جي اختصار سان لکندڙ ۽ لکائيندڙ جي حال تي به هڪ قسم

www.maktabah.org

جي مهرباني نکري ٿي اچي. ته پوءِ اهڙي طريقي کي اختيار ڪرڻ سان کيئن اعتراض لازم ٿي ٿو سگهي. ۽ جيڪڏهن ڪير ڇئي ته ڪتابت جو اختصار ۽ اختصار جي ڪري لکندڙ ۽ لکائيندڙ جي حال تي مهرباني تعظيم جي ترڪ ڪرڻ جي بنسبت آسان آهي. ۽ اصل مطلب بہ اهو نہ آهي ته پوءِ مان جواب ڏيندس ته انهيءَ طرز تحرير ۾ جيڪو نقصان سمجهو ٿو وڃي. اهو پهرئين سبب جي ڪري دور ٿي ويو آهي. جنهن سان هر هڪ جي هڪجهڙائي (وحدت) جو ثبوت ٿو ملي ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن اختصار ڪتابت ۽ مهرباني جي رعايت بہ پهرئين سبب کان علاوه پيدا ٿي وڃي ته بيان جي عذر ۾ هڪ قسم جي قوت ئي حاصل ٿي ويندي. ٻيو اهو ته آسان سمجهڻ طاقتور جوانن جو خيال آهي ۽ مهرباني عمر رسيده ۽ڪمزورن سان تعلق رکندي آهي. ٻيشڪ جنهن جي پيرن ۾ دوڙڻ ۽دڪڻ جي قوت هوندي آهي. اُهو وڏن وڏن جبلن تي بہ هموار زمين وانگر هلندو آهي ۽ جنهن جي پيرن ۾ زخم هجي اُهو هموار زمين تي بہ هڪ قدم کٹي هلڻ هڪ گهاٽ ڪي طئي ڪرڻ سمجهندو آهي. هاڻي ناظرين جي لطف ۽ اخلاق جي عمدگيءَ سان گذارش آهي ته جڏهن هن ڪتاب ۾ لکيل ڪنهن بہ عبارت جو مطالعو ڪن ته مٿي ذڪر ڪيل ڪلمات رضي الله عنہ ۽ قدس الله سرهُ ڪي ۽ تعظيمي ڪلمات جمع ۾ لکيل تصور ڪن ۽ پنهنجي نہ لکيل زبان ڪي اهڙي عبارتن سان منو ڪن جنهن ڪي مناسب ڇاڻن ۽هن ادب جي گداگر جي قلم ڪي مٿيون عبارتون نہ لکڻ جي الزام کان بري تصور ڪن. ۽ جيڪڏهن ازراهِ عنايت انصاف جي اکين سان ڏسندا ته ذڪر جو ميدان تقرير جي بيابان جي بنسبت گهٽو تنگ معلوم ٿيندو. مطلب ته جن دوستن کي هي عذر ۽ معاملي جي اصليت پسند نہ اچي انهن جي لاءِ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو علاج ڪونهي ته هن ڪتاب جي گريبان ۾ جيڪو چاڪ ٿيڻ (قاٽڻ) جو عيب اچي ويو آهي ان کي مهرباني فرمائي سبي ڇڏن. ائين ئي نہ ڪن ته مٿي لکيل ڪلمات زبان مان ڪڍي انهيءَ قاتل حصي کي وڌيڪ نقصان پهچائن هو پاڻ راقم سان گڏجي هن عيب ۽ عار ۾ شريڪ نہ ٿين. مان نہ ٿو سمجهان ته هن کان سواءِ ٻيو ڇا چوان ۽ ڇا لکان. جنهن سان نڪتا پکڙڻ وارن ماڻهن کي چپ ۽ سڪون اچي. لکندڙ جي فراست ۽ حال جي حقيقت جي موافق ڪوشش جيڪا آهي بس ايتري قدر آهي. ۽ عذر خواهيءَ جي باري ۾ جيڪا ڳالهہ وڌيڪ پسند

www.maktabah.org

ٿي سگھي ٿي اها لائق اعتراض ڪندڙ جي ويجھو هوندي. اميد اٿم ته جنھن فڪر سان اعتراضات ڳولڻ ۾ ڪم ونو ٿو سگھجي ان فڪر کان انھيءَ جي بجاءِ اعتراضات جي تحسين ۽ آفرين جا سبب پيدا ڪرڻ جو ڪم ورتو وڃي وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى (جنھن شخص هدايت جي رستي جي پيروي ڪئي اُن جي سلامتي آهي).

هي بلڪل سچ آهي ته جيڪڏھن تعينات جوپردو جيڪو حقيقي وجود جي منھن تي پاتل آهي، ڪٽي ڇڏجي ته عيب ۽ هنر سڀ هڪ ئي درجي ۾ ٿي پون. ۽ امڪاني نسبتون ۽ امڪاني اعتبارات، واجب الوجود جي خاص فعلن جي طرف منسوب ٿي وڃن. پلائي ۽ برائيءَ سان شين جي تميز ان وقت تائين آهي، جيستائين اُهي شيون جمال ۽ جلال جي پردي ۾ لڪل آهن بيشڪ بيائي ۽ بين کي ڏسڻ سان دل تي آخرين نتيجو ظاهر ٿيندو آهي ۽ ڪنھن غير جي طرف کان پلائي ۽ برائي ڏسي آرام ۽ نفرت ٿيڻ، شرمندگي پيدا ڪندو آهي. لھذا بھتر اهو آهي ته مان اڄ خيالات ۽ وھمن جي شڪنجي کان آزادي حاصل ڪري نہ عيب ڪيڻ واري کان انصاف جي خواهش ڪيان ۽ نہ هنربين کان آفرين جي اميد رکان بلڪ پنھنجي ذات کي هِي ۽ هُوءَ جو آئينو سمجھي باصفا هڪ رنگ وارو ٿي وڃان.

ڪا فڪر جي ڳالھ نہ آهي حريف بيگاني جي من ۾ جيڪي ڪجھ هوندو آهي اُهو ظاهر ٿي پوندو آهي ڇو ته اُها ڳالھ هن جي باطن جي ناهيل هوندي آهي، نہ ڇوڙ واري جي مافي الضمير ۽ نہ لکڻ واري جي قلم جي تحرير.

هڪ ڏينھن مون پنھنجي ساٿين سان گڏ يڪجھتيءَ جي انجمن منعقد ڪئي هئي، جنھن ۾ هن ڪتاب جا مٿيان حالات بيان ٿي رهيا هئا. مون عرض ڪيو ته اهو مناسب ٿو معلوم ٿئي ته اڄ جي رات سامعين کي عالم مثال ۾ جيڪو نالو ظاهر ٿئي يا قلب ۾ القاءَ جي ذريعي الهام ٿئي اُهو ئي نالو هنن چند گڏ ڪيل ياداشتن جو رکي ڇڏجي. ان جي ٻئي ڏينھن سيني سامعين جي روبرو شيخ قطب عالم پنواريءَ جن بيان ڪيو ته گذريل رات مون شيخ قطب عالم ابن سيد جيءَ کي جيڪو سيد علاؤالدين راٹيءَ جي ساٿين مان آهي خواب ۾ ڏٺو ته حجاز جي سفر کان واپس تشريف فرما ٿيا آهن ۽ راقم جي گھر ۾ اچي لٿا آهن. جڏھن مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ته شيخ گھر جي مالڪ جا

www.maktabah.org

حالات پچيا، مون جواب ڏنو ته غوثي حسن اڄ ڪلهه مشائخ قدس الله باسرارهم جا ڪجهه معرفت جا حالات لکي رهيا آهن ۽ نالي جي تلاش اٿن. حڪم فرمايائون ته منهنجا سلام چئجوس ۽ مصرع پڙهجان "نهادم نام اين گلزار ابرار"- اميد ته هن نالي مبارڪ جي خوشخبري ٻڌي جهان جا نامياراڻا جلد ان کي شايع ۽ عالمگير ڪري ڇڏيندا.

واضح هجي ته وجود جي مرتبن ۾ ڪوبه مرتبو اهڙو نه آهي جتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خاص نالو يا رسم مقرر نه هجي. ان ڪري نالن ۽ صفتن جا آثار ۽ احڪام جيڪي ڪائنات جا اصول آهن. مناسب طريقي سان هر هڪ عالم ۾ جلوه گر آهن. پوءِ سڀ معنائون ٽن قسمن کان باهر نه آهن. عام مشترڪ ۽ خاص، عام جي واسطي سڀني عالمن ۾ ۽ مشترڪ جي واسطي اشتراڪ جي مقام ۾ خاص صورتون ۽ رسمون مقرر آهن. ليڪن جهڙيءَ طرح هر هڪ عالم جون مناسبتون مختلف آهن. اهڙيءَ طرح مٿي ذڪر ڪيل رسمون ۽ صورتون به مختلف آهن. رهيو خاص ته ان جو حال ۽ شان انهيءَ عالم جي طريقي تي آهي جنهن جو هي خاص آهي. اهڙو قرار ڏنو ويو آهي، جو ان جي ماهيت جيڪڏهن ڪشف ۽ مشاهدي جي صاحب هجي، ته پوءِ رسم ۽ عبارت جو ته ذڪر ئي ڇا ڪجي. اشارات جي ذريعي سان به ٻئي عالم ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي ته نه ڪري سگهي مگر تشبيهه ۽ مثال سان جنهن جو نالو ٻين لفظن ۾ اصطلاح آهي.

محققن جو اصطلاح بلڪل هن طرح آهي. جيئن ڪو شخص بيابان ۾ پيدا ٿيو اُتي ئي هن پرورش حاصل ڪئي ۽ اُتي ئي وڏو ٿيو. پوءِ هو ڪنهن آباد شهر ۾ ويو ۽ ڪجهه ڏينهن اتي رهي مختلف رنگن ۽ قسمن جي ڪاڏن، عمدن لباسن ۽ سنئين هوادار عمارتن مان مستفيد ٿيو. ان کان پوءِ وري جڏهن پنهنجي جاءِ تي بيابان ۾ ويندو ته بيابان وارا انهن شين جو حال هن کان معلوم ڪندا. جيڪي صرف شهرن لاءِ مخصوص هجن بياباني نه هجن ۽ نه وري بيابان وارن جي زبان ۾ انهن شين جي مقابلي جو ڪو لفظ موضوع هجي ته اهڙي صورتحال ۾هو بيابان وارو شهر جي هنن عجيب و غريب شين جي خصوصيتن جو بيان ڪهڙي طرح ڪري سگهندو؟ سواءِ انهيءَ جي جو انهيءَ ئي بيابان مان تلاش ڪري اهڙيون چند شيون ٻڌائي سگهندو جيڪي شهر جي موجوده شين جي

www.maktabah.org

مشابھ هوندیون ۾ انهن مشابهت رکندڙ منتخب شین جي نالن جي ذريعي شهر جي عجائبات کي جواب ۾ بيان کندو. هي طريقو بيان کرڻ جو شهر وڃڻ وارن لاءِ بيابان ۾ واپس اچڻ تي شهر جون خصوصيتون بيان کرڻ واسطي ۾ ٻيا بيابان جا رهواسي جيکي شهر ايندا ويندا آهن انهن کي شين جي ماهيت سمجهڻ واسطي دستور العمل ٿي ويندو. بس انهيءَ طرح آهي هر هڪ فن جي اصطلاحات جو طريقو.

واضح هجي ته هر هڪ فن جو استاد انهيءَ فن جي جزويات کي چگي طرح سجاڻندو آهي. ان کري جيکو شخص کنهن فن جو طلبگار هجي ان لاءِ فن جي استاد جي تعليم گاه ۾ حاضري ڏيڻ ضروري ڳالهه آهي. انهيءَ کري چوٽي آهي ته نئون ايندڙ جيستائين فن جي راز ڄاڻندڙن جي تعليمي مدرسي ۾ هڪ عرصي تائين حاضر رهي باقاعده علم حاصل نه ٿو کري ان وقت تائين الفاظن کان اڳتي وڌي اصل اصطلاحن جي معنيٰ تي عبور نه ٿو حاصل کري سگهي. پلي لغت ۾ الفاظن جي بندش پنهنجي جاءِ تي مقامات جي اعتبار کان کيتري به چست ۾ درست هجي، ليکن اصل مقصد جو گوهر هٿ نه ٿو اچي. انهيءَ شخص کي هوشيار سمجهڻ گهرجي، جيکو هي خيال نه کري ته مون جيکي کجهه حاصل کيو اهو ئي قوم جو مقصد آهي. خاص کري صوفين جي اصطلاحن ۾ پنهنجي لغت دانيءَ تي هرگز خوش نه ٿيڻ گهرجي ڇو ته لفظي مفهوم ۾ اصطلاحي معنيٰ ۾ بي حد فرق هوندو آهي. اهو بلکل صحيح آهي ته تصوف جا کتاب پڙهڻ وارا اهي اهل کشف آهن. نه اهل اکتساب. ۾ نه اُهي ماڻهو جن صرف ظاهري علم حاصل کيا آهن. پوءِ جيکو شخص **وَعَلَّمْنَاهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا**. نئون ايندڙ طالب العلم آهي ان لاءِ مناسب اهو آهي ته پاڻ تي گهمنڊ نه کري ۾ جيکڏهن الفاظن جي ذريعي قوم جي مراد معلوم نه کري سگهي يا پنهنجي رفتار سان کنهن به طرح رستو نه کڍي سگهي ته نفس کي پنهنجو پيشوا نه بنائي. جيکو غيرت ڏيارڻ وارو آهي. بلڪ ادب ۾ نياز سان خاکسارانِ طريقت جي پيرن تي جُهکي ڇو ته هي عرش جا شهباز آهن. پهريائين انهن کان همٽ ۾ توجهه جي درخواست کرڻ گهرجي ۾ انهن اهل حقيقت خدائي گروه جي هدايت ۾ تلقين سان سلوک ۾ طريقت جو فائدو ونڊ گهرجي پوءِ ان کانپوءِ گهرجي ته همٽ جو سندرو ٻڌي توفيق الاهيءَ جي مدد سان هن رستي ۾ قدم رکي. ۾ حاصل نه ٿيڻ سان دل ۾ تنگي پيدا نه کري بلڪ صبر ۾سکون سان توجه ۾ کوشش کري.

www.maktabah.org

هاڻي هي بندو غوثي حسن خدا شال هن کي بہ ڪجھ قدر ابدي معرفت نصيب ڪري جڏهن قلم ۽ زبان سان هن پُر بهار ۽ سرسبز گلزار جي آرائش ۽ باغباني ڪئي تہ پهرئين مسودي ۾ تفصيل سان پنجن قسمن جي دوستن جي ياداشتن جا ٻوٽا لڳايا هئا. هڪڙا اُهي جن ظاهري ۽ باطني صفائي حاصل ڪئي آهي. ۽ جن کي اڳئين زماني جا تاريخ لکڻ وارا تحقيق جا اصحاب ۽ ٻنهين عالمن جا مالڪ چوندا آهن. ٻيا اُهي ماڻهو جيڪي علم جا صاحب آهن. ۽ اُهي پراڻي تاريخ ۾ دانشمند اصحاب جي نالي سان ياد ڪيا ويا آهن. ٽيان اُهي جيڪي پاسي ۾ لکل دشمن (نفس) جي مقابلي ۾ فوج آرائي ڪري رهيا آهن. ۽ جن کي اڳيان لکڻ وارا سالوڪ جي لفظ سان ياد ڪن تا. چوٽين اها قوم آهي جيڪا شريعت ۽ سنت جي سڌي رستي تي گامزن آهي. ۽ جن کي قديم زبان ۾ زهاد چوندا آهن. پنجين اُها جماعت جن جو اندر آباد ۽ ظاهر ويران آهي. ۽ جن جو نالو اهل اصطلاح جي نزديڪ مجازيب آهي. مگر احتياط ۽ اهتمام سان صحيح ڪرڻ وقت زائد شاخن کي ڪاٽي يا ڇانگهي ٻيو نسخو ۽ ٻئي نسخي مان ٽيون نسخو مرتب ڪيو. ۽ هن ٽئين قسم جي نسخي جي پاڪ زمين ۾ پنجن ئي قسم جي سرسبز ٻوٽن کي چئن باغن ۾ تقسيم ڪيم ۽ هر هڪ چمن ۾ شائسته انجمنون قائم ڪيم.

مٿين صورت سان ترتيب ۽ تقسيم انهيءَ غرض سان ڪئي وئي آهي تہ جيئن انهيءَ دل کي موهيندڙ چمن ۽ انجمن جا ڏسندڙ پنهنجي عبرت حاصل ڪندڙ دلين کي ۽ ڏسڻ جي نور سان ٽيڏين اکين کي سرمي سان روشن ڪن ۽ پنهنجو اندر ۽ باهر يعني جسم ۽ جان هڪ ئي خيال ۾ مصروف ڪري حُسن، اخلاق ۽ مبارڪ عادتن کي اختيار ڪن. جنهن جو نتيجو هي ٽيندو جو عالم عقبيٰ ۾ اخلاق ۽ عادتون ڪنوار واري صورت قبول ڪري بهشت جي زينت جو سرمايو ۽ الاهي صفتن جا مظهر ٿي ويندا.

پراڻن ڪشف ۽ ڪرامتن سان ڀريل تاريخي حقائق نامن جي جن صاحبن ورق گرداني ڪئي آهي. اُهي ڇڪي طرح ڄاڻن ٿا تہ بهشت ۽ جيڪي ڪجھ بهشت ۾ آهي. دلدارن جو ڏسڻ، دل کي آرام ڏيندڙن جو ديدار، دل کي وٺندڙ گهر سهڻيون دريون، ڇاريون، تخت، فرش، دل کي پسند ايندڙ طعام، دلفريب لباس، غلمان، نغمہ، وڻ، ميوا ۽ چشما وغيره. هي سڀ جا سڀ آدم جي اولاد جا افعال ۽ اخلاق جون صورتون آهن. جيڪي مجرد نفس ۽ عقل جي بيابان ۾ مرڪب جسمن جي

www.maktabah.org

ذريعي ظاهر ٿيون آهن. ساڳي طرح دوزخ ۽ ان ۾ عذاب جا سامان هي به صورتون ئي آهن جن انساني افعال جي طلسم ۾ حلول ڪيو آهي. دوستن کي واضح هجي ته قدير محققن جي هيءَ دريافت ۽ ڪشف هڪ آئيني وانگر آهي. جيڪو هر انسان جي هٿ ۾ آهي ته جيئن هو پنهنجي ٻئي عالم جي حالت کي پنهنجي اڳواٽ ڏسڻ واري اک سان ڏسي سگهي پوءِ جنهن شخص جو وجود ظاهر ظهور معنوي فردوس ۾ سمجهي خدا پاڪ جو شڪر بجا آڻي ۽ جنهن جي صورت علميه خارج ۾ جلالي اسمن جي مظهر قرار ڏني وئي آهي ان کي پنهنجو پاڻ کي حُڪمي دوزخ ۾ شمار ڪري الله جلشانه کان پناه گهرڻ گهرجي ۽ پوءِ هر ڪنهن کي انهيءَ نفس الامري معرفت جي مدد سان گهرجي ته خدا شناسيءَ جي بلند مرتبي تي پهچي هيءَ ڳالهه دريافت ڪري وڃي ته مطلق خلافت هر شڪل سمجهڻ جو ذريعو ۽ هر سريءَ جو نمونو آهي. ۽ هن معمي کي هن طرح حَلُ ڪرڻ گهرجي ته ناسوتي عالم صورت، خداوند تعاليٰ جي ازلي صفتن جا علم ۽ آثار آهن. ۽ قدسي جهان انسان جي احوال ۽ افعال جي تصوير آهي. جو ته مُلڪ ۽ ملڪوت جي پيدائش واجب الوجود جي نالن ۽ صفتن سان ۽ بهشت ۽ دوزخ جي پيدائش انسان جي عملن ۽ اخلاقن سان آهي. ليڪن جيستائين انسان جي اکين کي قبر جي منڌيءَ جو سرمو، ناسوتي رمد کان ڇوٽڪارو ۽ اُخروي زندگيءَ جوڪهل الجواهر، لطافت بين روشني نه ٿو بخشي. تيستائين اُهي اکيون بيدارن وانگر هميشه رهڻ وارن باغن ۾ آتشڪدن جو تماشو نه ٿيون ڏسي سگهن. جهڙي طرح صفات وجوبيه قديميه جي اقتضا جيستائين وجود مطلق کي تعينات جي امداد ۽ اعيانِ ثابته جي اجازت سان امڪاني صورتن جو لباس نه ٿو پارائي تيستائين وجود مطلق کي بيچوني و بيچگوني آسمان کان ملڪ ۽ ملڪوت جي ميدان ۾ (جنهن ۾ چون ۽ چند جي گنجائش ٿي سگهي ٿي) نزول نه ٿو ڪري سگهي. انهيءَ قسم جي موحدانه ڪلام ۽ حرف ۽ آواز کان بيگاني مفهوم جي تمهيد ۽ تفصيل هن ڪتاب جي ديباچي ۾ تاويل سان ڪيئن ٿي اچي سگهي. جيڪو ڪلام جي ڪوتاهيءَ سان نامزد آهي. لهذا بهتر هي آهي ته نا تمام فهرست جيتري قدر ڪلام کان انجام کي پهچي وڃي. بس ان تي ئي اڪتفا ڪيان. ۽ زبان ۽ ڪلام کي بزرگانِ دين ۽ يقين جي ياد نگاريءَ ۾ بند ڪري ڇڏيان. باصفا گروه جي دوستيءَ جي بدولت پنهنجي اعمال نامي سان گناهن جي ڪاراڻ ڏوئي. ان جي جاءِ تي التماس جي قلم سان هي عقيدو لکي ڇڏيان:-

بدان رابہ نيکان ببخشد کريم

www.maktabah.org

يعني: بُرن کي نيکن سان گڏ بخش فرماءِ اي کريم (آمين) ۽ انتهائي ادب سان هي فرياد:

الشفاعة الشفاعة اي بزرگان عاصيم

يعني: شفاعت کيو شفاعت کيو اي بزرگو! مان گنهگار آهيان.

معنويٰ قيامت ۾ بلند کيان: ته عبارت پنهنجي احوال ۽ افعال جي محاسبي مان آهي.

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا مَا اَعْطَيْتَ فِيْ عِلْمِكَ بِلَا عَمَلٍ مِّنَّا حَتّٰى لَعَلَّمَ حَقِيْقَةَ قَوْلِنَا بِاَمْرِكَ قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَا اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا۠

خدا ڪري- دانش آباد دل جي عمارت- جهالت جي خرابيءَ سان، ۽ آزاد خاطر جي بي تعلقيءَ جي نَـوبهار، علائق جي خزان کان محفوظ رهي (آمين) هي چند ڳالهيون جن کي منهنجو قلم تاليف ڪري رهيو آهي. انهيءَ باري ۾ آهن ته هن ڪتاب جي مطالعي جي وقت جنهن شخص جي دل زود فهميءَ ۽ سرعت انتقال جي مشتاق هجي اُن کي ڪنهن لقب ۽ خطاب کي معلوم ڪرڻ ۾ هي رڪاوٽ يا فڪر پيدا نہ ٿئي ته فلاڻو لقب يا خطاب ڪنهن جو آهي. ۽ ان جو مرجع ڪهڙو بزرگ آهي ان ڪري هڪ خاص صفحي ۾ وضاحت جي قلم سان لکان ٿو ته (1) معين الاولياءَ مان مطلب سلطان ڪشور ڪشاءِ ولايت ۽ ڪرامت خواجہ معين الدين حسن سنجري چشتي آهن. جن جي آرامگاهہ اجمير ۾ آهي. (2) قطب المشائخ يا قطب الاولياءَ مان مطلب خداوند خلافت عظميٰ خواجہ قطب الدين بختيار اوشي جن جي بابرڪت ذات آهي (3) نظام العرفايا نظام الاوليا سلطان مشائخ عارف اطوار ڪاشف اسرار شيخ نظام الاولياءَ جن جو مبارڪ لقب آهي. هي ٻئي بزرگ خاندان چشت جا چراغ آهن، سندن آخري آرامگاهہ دهليءَ ۾ آهي. (4) بهار الاسلام يا بهار الاولياءَ مان مقصد قافلہ ءَ سالار طريقت راهنماءِ سالڪان شاهراهہ حقيقت مخدوم شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني آهن. (5) غوث الرحمن يا غوث الاولياءَ، شاهنشاهہ اقليم جامعيت ابوالمؤيد حميدالدين شيخ محمد غوث جن جو پاڪ خطاب آهي، جن جو مزار مبارڪ گواليار ۾ آهي. (6) لفظ وجيہ الملت مان مراد دانش آموز صوري ۽ معنوي- بينش اندوز حقيقي ۽ مجازي استادي شيخ وجيہ الدين احمد ابن نصرالله علوي احمد آبادي آهن. (7) ۽ ڪلمات مسيح القلوب يا مسيح الاولياءَ مان مراد، حافظ الاوقات رافع الدرجات شيخ عيسيٰ ابن قاسم سنڌي (پاڻائي ثم برهانپوري) جي ذات فيض آيات آهي. مدظلہٗ.

www.maktabah.org

پھریون چمن

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

پهريون چمن

هن چمن ۾ ستين صدي‌ءَ جي صوفين، علم وارن، پرهيزگارن، خدا پرستن ۽ مجذوبن جي احوال ۽ افعال جو بيان آهي. اي عقل اٿي ويهہ، ۽ ڪجهہ شونق کان ڪم وٺ ڏس هن چمن جي هر هڪ ياد کي طوبيٰ چئي ٿو سگهجي، جنهن ۾ هر قسم جا دل کي وٺندڙ ميوا موجود آهن. هنن ميون مان هر ناڪام ۽ ڪامياب ٻنهين کي انهيءَ خداوند تعاليٰ جلشانہ جي شڪر جو موقعو حاصل ٿئي ٿو. جنهن انسان جي عجيب ۽ غريب ٻوٽي کي پهريائين علم ۽ بعد ۾ عين جي باغ ۾ لڳايو، ۽ جيستائين قيامت جي خزان نہ ايندي تيستائين هو هُن جي نوعي ٽُڙ مان فردن ۽ احوالن جون گهاٽيون شاخون ۽ پن اهڙي طرح پيدا ڪندو رهندو تہ جيئن اڳين شاخ يا پن ٽُٽي ٻہ پون تہ ان جي جاءِ تي فوراً ٻي شاخ يا پن قائم ٿي وجي ۽ انهيءَ مان مطلب هي آهي تہ حقيقي وجود جي وڻ جي مشابهت هن ۾ نمايان هجي. جنهن جو عظيم الشان ٽُڙ ذاتي وحدت، ٽاريون صفتون، ۽ پن تجليات آهن. هيڏي اچو هيڏي:

بوستان از دوستان سازيم و مستي هاكنيم

(دوستن سان باغيچي کي ناهيو اٿم ۽ ان مان مَستي حاصل ڪئي اٿم)

www.maktabah.org

شاه يوسف ملتاني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پيدائش ته ڪابل جي علاقي ڪرويز ۾ ٿي هئن. مگر پاڻ هجري سن پنج سؤ پنجاهه ۾ ملتان ۾ اچي قيام فرمايائون. سندن زندگيءَ جي زماني جا واقعات عجيب و غريب ۽ بي شمار آهن. جيڪي سڀ جا سڀ ته بيان ۾ نه ٿا اچي سگهن. رحلت فرمائڻ کان پوءِ به ڪيترين ڪرامتون ڪائنئن ظاهر ٿيون. سيني کان وڌيڪ عجيب هيءَ ڳالهه آهي ته جڏهن کو شخص بيعت جي ارادي سان سندن قبر مبارڪ تي ويندو هو ته پاڻ قبر تي پيل پٽ اندران هٿ ٻاهر ڪيندا هئا ۽ مريد جي هٿ تي رکي يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ (الله جو هٿ انهن جي هٿن جي مٿان آهي) جي آثار جو ثبوت ڏيڻ فرمائيندا هئا. شيخ صدرالدين ابن شيخ بهاءُ الدين ذڪريا قدس سرهما جي مبارڪ زماني تائين هي سلسلو جاري رهيو. جيئن ته صدرالملت جي ڪوشش هن باري ۾ گهٽي اها رهندي هئي ته آنجهاني معاملات لڪل رهن. ان ڪري سندن اها روش صدر الملت جي طبيعت جي خلاف هئي. هڪ ڏينهن صدر الملت شاه يوسف جي قبر تي پهتا ۽ فرمايائون ته يوسف! هٿ اندر ڪر ۽ هٿ ڏگهي ڪرڻ کي چڏي ڏي. ان جي جواب ۾ قبر مان آواز آيو ته صدر! اڄ درويش جو هٿ تو پوئتي ڪيو آهي ته تنهنجو نالو به درويش زماني جي لوح (فرهيءَ) تان مٽائي چڏيو. اهوئي سبب آهي ته شيخ بهاءُ الدين کان پوءِ شيخ رکن الدين جو نالو ماڻهن جي زبان تي جاري آهي ۽ صدرالاسلام جو نالو وچ ۾ نه ٿو اچي ان جي باوجود جو صدر الاسلام- رکن الاولياءِ جا والد بزرگوار آهن قدس سرهم- شاه يوسف رحمة الله عليه جن جو پير شاه قسور جنيدي علوي ڪرويزي آهي ۽ هي اويسي هئا.

اويس صوفين جي اصطلاح ۾ ان شخص کي چوندا آهن جنهن ظاهري طرح پير جي هدايت کان سواءِ ئي خاص مبدءُ الهيته کان ولايت جو فيض پهچي ۽ بس- ڪن جي راءِ هيءَ آهي ته جيڪو شخص قول ۽ فعل ۾ ۽ اعتقاد ۾ سنت رسول صلى الله عليه وسلم جو اتباع ڪري ۽ ان تي هلي ۽ اهڙيءَ طرح جناب خاتم النبوت والشريعة عليه السلام جن جي پاڪ باطن کان فيض حاصل ڪري اُهو اويسي هوندو آهي. ڪي وري اهو چوندا آهن ته حضرت خضر عليه السلام کان جنهن کي فيض پهچي اُهو اويسي آهي. ڪن جو اهو خيال آهي ته جيڪي صاحب

www.maktabah.org

ولايت جامع محمديہ جا سجاده نشين آهن علي صاحبها افضل الصلواة انهن جي باطن کان جنهن شخص کي فيض حاصل ٿئي ان کان سواءِ جو هو ظاهر ۾ خدمت ڪري. اُهو اويسي هوندو آهي ۽ ڪن جو عقيدو هي آهي تہ جنهن شخص کي اولياءِ امت مان ڪنهن جي بہ باطن کان بغير رسمي بيعت جي هدايت حاصل ٿئي ان کي اويسي چوندا آهن.

هي مرتبو گهڻن دوستن کي گذريل زماني ۾ حاصل هو ۽ هاڻي بہ حاصل آهي. (1) بابا حاجي روزبہ- هي گذريل زماني جي دهليءَ جي اولياءِ مان آهن. مشهور هي آهي تہ راجا پٿور جي زماني ۾ قلعي جي مورچي ۾ گوشي نشين هئا ۽ سندن برڪت سان هزارين ماڻهو مسلمان ٿيا. (2) پير علي هجويريؒ جن جي آرام گاه لاهور ۾ آهي. (3) شيخ جلال الدين پورانيؒ جن جو حال مولانا جامي رح قدس الله سرهُ جن بہ ڪتاب نفحات الانس ۾ لکيو آهي. (4) شيخ حسين زنجاني (5) سيد ابراهيم اويسيؒ (6) شيخ موسيٰ آهنگر لاهوري (7) شيخ محمد نو مسلم بنگشيؒ افغانن جو پير (شيخ احمد متوڪل اجينيؒ ۽ انهن کان علاوه بہ ڪيترائي بزرگ اويسي ٿيا آهن قدس اسرارهم- چنانچہ هر ڪنهن جي ياد ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

شيخ ابوالحسن علي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ابو علي عثمان هجويريؒ جلابي غزنويؒ جا فرزند آهن. آخري آرامگاه لاهور ۾ آهي. عارف- عالم- موحد- محقق- اهل تصنيفات ۽ شاعر هئا. ڪشف المحجوب ۾ لکيل آهي تہ مون هڪ ديوان لکيو جن جي غزلن جي مقطع ۾ تخلص نہ رکيو هوم. هڪ چوريءَ ڪرڻ واري چا ڪيو جو انهن غزلن مان اول کان آخر تائين پنهنجو تخلص داخل ڪري ڇڏيائين. لهذا مان انهيءَ خوف کان هن رسالي جي اندر هر هڪ مقام تي تقريب ڪڍي پنهنجو نالو وضاحت ۽ صراحت سان لکان ٿو. گهڻن جو اهو خيال آهي تہ شيخ سلوڪ جي آغاز ۾ اويسيہ هئا. ليڪن شيخ پاڻ لکيو آهي تہ طريقت ۾ منهنجو پير شيخ ابوالفضل محمد ابن حسن جيلانيؒ آهن. جيڪي حضرت شيخ ابوالحسين خضرميؒ جا وڏا خليفا آهن ۽ ابوالحسين ابوبڪر شبلي جا شاگرد آهن

www.maktabah.org

قدسناالله باسرارهم.

تواريخ مشائخ جي اڳين مصنفن جو خيال آهي تہ ڪشف المحجوب جا مصنف اُهي بزرگ آهن جن جي مزار مبارڪ لاهور ۾ آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ ڪشف جي مصنف جي خوابگاه غزنين ۾ آهي پر پهريون بيان ٻئي بيان جي بنسبت صحت جي لحاظ کان درست آهي.

شيخ فخرالدين حسين زنجاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾- خوابگاه لاهور

سندن مواحدانہ قولن مان آهي تہ **اَلْفَقِيْرُ عِنْدِيْ مَنْ لَا قَلْبَ لَهٗ وَلَارَبَّ لَهٗ** (منهنجي نزديڪ فقير اُهو آهي جنهن جو قلب نہ هجي ۽ نہ ان جو ڪو رب هجي) توحيد ذاتيءَ جي تجليات جا جتي ٻيا ڪشف آهن. انهن مان هڪ هيءُ ڪشف بہ آهي ۽ گهٽو بلند مرتبي جو ڪشف آهي. ان جي مٿاهين مقام تي هرڪو سالڪ نہ ٿو پهچي سگهي. شيخ جمالي دهلوي رحہ جن سيرالعارفين ۾ لکيو آهي تہ شيخ سعدالدين حموي رحمۃ اللہ علیہ اگرچہ شيخ نجم الدين ڪبريٰ رحمۃ اللہ علیہ جا مريد آهن ليڪن سلوڪ ۽ توحيد جا مزاج پير زنجاني رحمۃ اللہ علیہ جي هدايت سان طئي ڪري ڪمال حاصل ڪيو هئن. ۽ جڏهن خواجہ معين الاولياءِ چشتي اجميري هندستان ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ان وقت چند ڏينهن پير زنجاني رحمۃ اللہ علیہ جن وٽ لاهور ۾ سندن صحبت ۾ قيام فرمايو هئائون. گڏ ويهي رازداري ۽ خدا شناسيءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا قدسنا الله باسرارهم.

بابا حاجي رتن ابن نصر هندي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ڪنيت ابوالرضا آهي. ڪي چون ٿا تہ پاڻ اولياءِ امت مان آهن. ڪي چون ٿا تہ پاڻ اصحابن سڳورن مان آهن. هڪ بزرگ شيخ رضي الدين علي ابن سعيد لالا ابن عبدالجليل غزنوي رحمۃ اللہ علیہ هئا جيڪي حڪيم سنائي رحہ جن جا سوٽ هئا ۽ حڪيم سنائي رحہ شيخ نجم الدين ڪبريٰ جن جا مريد هئا. ۽

www.maktabah.org

هڪ سؤ چوڏهه مردانِ خدا جا خليفا هئا. هي بزرگ لکي ٽو ته مان هجري سن ڇهه سؤ ويهه ۾ هندستان آيس ۽ بابا رحه سان مليو هئس ان وقت بابا رحه حضرت خاتم النبياءَ عليه السلام جن جو خاص ڦٽي مبارڪ جيڪو منهنجي نالي ٽيل هو مونکي عطا فرمايو هو ۽ اهو ته سرور انبياءِ عليه السلام جن جي جلسي جون چند ڳالهيون فرمايون هئائون.

شيخ علاؤالدين سمنائي رحه جن هڪ ڪتاب لکيو آهي "فصل الخطاب"- جنهن ۾ پاڻ احاديث رتنيه جي تصديق ڪئي اٽن. ۽ ان ۾ خواجه محمد پارسا بخاري رحه نقشبندي جي به روايت لکي اٽن. انهيءَ ڪتاب ۾ لکيو اٽن ته مان شيخ علي لالا رحه جن جي خدمت ۾ پهتس ۽ بابا رحه جي هٿان ڦٽي ملڻ جو معاملو مون ٻڌو. ۽ اُهوئي ڦٽي مبارڪ اڄ مونکي پهتو آهي. ليڪن محدثن جي جماعت انهن تي طعن ٿي ڪري.

چون ٿا ته سبڪتگين جو پٽ سلطان محمود، حديث نبوي ﷺ اهڙي شخص کان ٻڌڻ گهرندو هو جنهن بغير واسطي جي خاص رسول الله ﷺ جن کان حديث ٻڌي هجي. انهيءَ وقت خبر پئي ته هندستان ۾ هڪ وڏي عمر جو شخص موجود آهي جيڪو پاڻ کي صحابه ڪرام ۾ شامل ٿو ڪري. سلطان تمام وڏي عزت ۽ التجا سان کين غزنين ۾ اچڻ جي تڪليف ڏيڻ گهري. مگر پاڻ قبول نه ڪيائون. جيستائين گهٽو مال متاع سندن وٽ نه پهتو. جڏهن پاڻ وڏي عمر جا هئا، دارالخلافه ۾ پهتا ته سلطان سندن استقبال ڪيو. رقم ۽ گُلَ سندن مٿان نچاور ڪيائين. پاڻ پنهنجي هٿن سان انهن پکڙيل سنگ ريزن کي فراهم ڪيائون، هي حال ڏسي سلطان ۽ سڀ امير سخت تعجب ۾ اچي ويا ۽ دريافت ڪيائون ته پهريائين هيترا عالم ۽ مشائخ توهان کي ونڊ لاءِ ويا مگر توهان قبول نه ڪيو جيستائين اسان مال نه موڪليو ۽ هتي به توهان کي حجريات کي گڏ ڪندي ڏٺو ويو. هي فنا جي صاحبن جو ته ڪم نه آهي. پاڻ جواب ۾ به حديثون روايت ڪيائون.

(1) اَلْاِنْسَانُ عَبِيْدُ الْاِحْسَانِ (انسان احسان جو غلام آهي).
(2) يَشِيْبُ ابْنُ اٰدَمَ وَيَشِبُّ فِيْهِ خَصْلَتَانِ الْحِرْصُ وَطُوْلُ الْاَمَلِ (آدم جو اولاد پوڙهو ٿي ويندو آهي مگر هن ۾ به عادتون جوان ٿي ويندیون آهن هڪ حرص ٻيو طول امل). هي به حديثون ٻڌائي پاڻ سلطان ۽ سڀني اڪابرن جي ديرينه آرزو پوري ڪئي. راقم جي خيال ۾ هيءَ ڳالهه ٿي اچي ته جڏهن سوال هن

www.maktabah.org

قسر جو هو تہ هي فعل درويشي منصب جي مناسب نہ آهي تہ جواب ڏيڻ واري جواب جي جاءِ تي ٻہ حديثون ٻڌائي ٿي ڪر ڪيا پهريون سلطان جي آرزو پوري ڪئي جيڪو اصحابي ﷺ جي زباني حديث ٻڌڻ جو خواهشمند هو ٻيو ڪسر نفسيءَ کان ڪر وٺندي پاڻ کي عوام ۾ شمار ڪيائون ۽ ٻنهين حديثن کي بظاهر مٽيئن سوال جو جواب بنايائون. ٿيون اشاري سان ٻڌايائون تہ هڻ ميرا ڪرڻ حرص ۽ احتياج سان نہ آهن بلڪ روايت حديثن جي تقريب سان آهي.

شيخ ابن حجر عسقلاني رحمۃ اللہ علیہ جن ڪتاب "الاصابتہ في تعريف الصحابتہ" ۾ بابا رحمۃ اللہ علیہ جو ذڪر لکيو آهي ۽ سندن حالات جي متعلق ڪيترين ئي ڳالهيون لکيون اٿن. تہ بابا رحمۃ اللہ علیہ جن جي نفس قدسيءَ جاهليت جي زماني ۾ عنصري لباس پاتو هو. هڪ ڳوٺ متعلق دهلي يا لاهور ۾ ۽ هوش سنياڻ شرط پاڻ هڪ قافلي سان گڏ عربستان جو سفر ڪيائون. عربستان جو سير ڪري واپس هندستان آيا تہ خبر پين تہ پيغمبر آخرالزمان عليہ السلام جن جي بعثت ٿي آهي. چنانچہ ٻيهر سمند جي رستي مکي معظمہ ڏي کوچ ڪيائون ۽ صحبت جي سعادت حاصل ڪيائون. ڪجهہ ڏينهن خدمت ۾ قيام ڪري وري هندستان واپس آيا ۽ پنهنجي مڪار نفس سان گهٽيون لڙايون وڙهي آخر فتح حاصل ڪيائون ۽ سڄي دنيا کي مشرق کان مغرب تائين ماپي ورتائون (سير ڪيائون) عجيب عجيب خوفناڪ جاين تي چلي ڪشيون ڪيائون. ۽ جهوپڙيون ناهيائون. ڇهين صديءَ ۾ جيڪي سعادتمند هئا اُهي هن بابا جي ڪري تابعين رضوان الله عليهم اجمعين جي شرف سان مشرف ٿيا ۽ بابا رحہ ستين صديءَ ۾ رحلت فرمائي. هوشيار سياح چئي ٿو تہ سراديپ ۾ صفي الله عليٰ نبينا و عليہ السلام جي قدمگاه جي ويجهو سندن قبر آهي.

خواجہ معين الدين حسن حسيني سنجري قدس الله سرهُ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

هجري سن پنج سؤ ستٽيهہ ۾ سندن علمي صورت عنصري خلعت پائي ڳوٺ سنجر ۾ جيڪو علائقي سجستان ۾ آهي غيب جي پردي کان شهود جي عالم ۾ ورود فرمايو. ليڪن سندن پرورش خراسان جي صوبي ۾ ٿي. سندن

www.maktabah.org

والد بزرگوار غياث الدين حسن کين يارهن سالن جي عمر ۾ يتيم ڇڏيو. انهيءَ دوران هڪ ڏينهن ابراهيم نالي هڪڙي مجذوب الاهيءَ جو سندن باغ ۾ گذر ٿيو. پاڻ هڪ انگور جو ڇڪو انتهائي ادب ۽ انڪساريءَ سان انهيءَ مجذوب جي اڳيان پيش ڪيو. مجذوب جي هٿ ۾ ترن جي ڪڙ جو هڪ ٽڪرو هو جنهن کي پنهنجي ڏندن سان چٻاڙي سندن وات ۾ وڌائون. جڏهن اُهو پيٽ ۾ پهتو ته اندر ۾ اهڙي ڪيفيت پيدا ٿي جو سڀ تعلقات هڪدم نيست و نابود ٿي ويا لهذا انهن کي دل مان ڪڍي حقيقي رهنما جي ڳولا ۾ نڪتا. سڀ کان پهريائين نيشاپور ۾ قدوة الاولياءَ حضرت خواجہ عثمان هاروني قدس الله سرهُ جي خدمت ۾ پهتا ۽ بيعت ٿيڻ کان پوءِ ادائي سال پنهنجي پاسي ۾ لڪل دشمن نفس جي اصلاح لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا ۽ آخرڪار ڪامياب ٿيا. جڏهن هتان خلافت جو خرقو عطا ٿين ۽ سند ملي وين ته پوءِ ٻين خدا جي شناسائن جي ملاقات جي ارادي سان دنيا جو سير شروع ڪيائون ۽ مشائخن قدس سرهم جي خدمت ۽ صحبت سان گهڻو فيض حاصل ڪيائون. اولاً ڪوهہ جوديءَ جي دامن ۾ جيڪو بغداد کان ستن منزلن جيترو پري آهي. اسوة العرفاءَ حضرت شيخ محي الدين سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سرهُ جن جي حضور ۾ پهتا ۽ جيڪو ازلي حصو نصيب ۾ لکيل هئن اهو حاصل ڪيائون. اهڙيءَ طرح سنجار ۾ نجم الاوليا شيخ نجم الدين ڪبريٰ رحہ سان، بغداد ۾ شيخ ضياءُ الدين ابوالنجيب سهروردي رحہ، همدان ۾ شيخ يوسف همداني رحہ سان، تبريز ۾ شيخ ابو سعيد رحہ ۽ شيخ جلال الدين تبريزي المعروف مولانا رومي رحہ سان، استر آباد ۾ شيخ ناصرالدين رحہ، غزنين ۾ شمس العارفين عبدالواحد پير شيخ نظام الدين ابوالمومد رحہ ۽ لاهور ۾ شيخ حسين زنجاني رحہ مرشد شيخ سعد الدين حمويہ رحہ شيخ اوحدالدين ڪرماني رحہ ۽ شيخ الشيوخ حضرت شهاب الدين عمر سهروردي رحہ سان جن سان ملاقاتيون ڪيون ۽ هنن باخبر مقبولان بارگاه ايزدي مان هر هڪ جي خدمت ۾ ڪجهہ ڏينهن حاضر رهي خدمت ڪئي. رازداريءَ جون ڳالهيون ٿيندڙيون رهيون ۽ گهڻو ڪجهہ معرفت الاهيءَ جو سرمايو هٿ آين. گويا خدائي معرفتن جو پاڻ خزانو بنجي پيا هئا.

سندن حالات جو مختصر بيان هي آهي ته ماڻهن سان تمام گهٽ ملندا هئا. جبلن ۽ ريگستانن ۾ اڪثر گذارينداهئا. هميشہ تيرڪمان ساڻ رکندا هئا

www.maktabah.org

۽ پنهنجي غذا شڪار ڪري پوري ڪندا هئا. پراٽا ڪپڙا چتيون هٽي پائيندا هئا. گهٽ کائڻ جي عادت هئن. صبح جي وضوءَ سان سومهٽيءَ جي نماز ۽ هڪ ڏينهن ۾ ٻه دفعا قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته پاڻ سبزوار ۾ ظالم شخص جي باغ ۾ داخل ٿيا. مالهيءَ حاضر ٿي باغ جي مالڪ جي ناقابليت جون ڪجهه ڳالهيون گذارش ڪيون. مگر پاڻ ان تي ڪوبه خيال نه ڏنائون ۽ باغ کان ٻاهر نه نڪتا. ايتري ۾ باغ جو مالڪ پنهنجي تونگراٽي انداز سان باغ ۾ داخل ٿيو جڏهن خواجه معين الاولياءَ وٽ پهتو ته هن جي جسم تي ڏڪٽي تاري ٿي وئي ۽ منهن جو رنگ ڦري ويس لاچار ٿي تونگراٽي مستي ڇڏي خادمن وانگر هٿ ٻڌي بيهي رهيو. خواجه هڪ بي پرواهيءَ جي نگاه سان هن ڏي نهاريو ته هن جو هوش اڏامي ويو. جڏهن مالهيءَ خواجه رحمة الله عليه جي حڪم سان هن جي منهن تي پاڻي ڇڙڪايو تڏهن هو هوش ۾ آيو ۽ نياز منديءَ سان سامهون زمين تي ڪري پيو. حڪم ڪيائونس ته نالائق حرڪتن کان باز اچ. توبهه ڪري بيعت ڪيائين ۽ هن جي سيني همراهن به فرمانبرداري قبول ڪئي.

چون ٿا ته جنهن سال معزالدين سام دهلي فتح ڪري قطب الدين ايبڪ جي سپرد ڪئي ۽ غريبن کان واپسي دوران فوت ٿيو. انهيءَ ئي سال خواجه رحه جي مبارڪ قدمن دهليءَ جي خاڪ کي شرف بخشو هو. جيئن هتي ماٺهن جي آمدورفت گهٽي ٿي ۽ اهو هجوم کين پسند نه آيو لهذا پاڻ اجمير جي طرف رُخ ڪيائون. وقت جي حاڪم سيد حسين مشهديءَ کي اجمير جو فوجدار مقرر ڪري خواجه رحه جن سان گڏ روانو ڪيو. فوجدار دل آوري ۽ شجاعت جو ڪمال ڏيکاريو جنهن جي ڪري ڪيترا ماٺهو مسلمان ٿيا ۽ کي اسلام جا مطيع ٿيا. آخرڪار فوجدار شهادت جو شربت پيتو ۽ اُتي ئي هڪ جبل تي هميشه لاءِ آرامي ٿيو.

چون ٿا ته خواجه رحه به دفعا سلطان شمس الدين التمش جي زماني ۾ خواجه قطب الدين قدس الله سرهُ جي ديدار لاءِ دهليءَ ۾ آيا هئا ۽ جنهن گهر ۾ هاٿي شيخ رشيد مڪي رحمة الله عليه جي خوابگاه آهي اتي اچي لهندا هئا. پهريون دفعو جيڪو دهليءَ کان اجمير ويا هئا ته سيد حسين مشهدي فوجدار جي ڏاڏي بزرگوار سيد وجيه الدين حسينيءَ جي نياٽيءَ سان نڪاح ڪري ساڻ ونيو ويا هئا. ستاويهه سال انهيءَ پرده نشين ۽ باعصمت بي بيءَ سان خوش و خورم زندگي گذاريائون ۽

www.maktabah.org

پٽن جو اولاد بہ ٿيو. پاڻ 97 سال عمر تي پهچڻ بعد 6 رجب هجري 633 آخرت ڏي روانہ ٿيا ۽ اجمير ۾ آرامگاه تيار ٿي. اڄ اُها عمارت نهايت عاليشان آهي ۽ هر سال ماڻهو هر ملڪ مان ٽولن جا ٽولا عرس جي موقعي تي اچي جمع ٿيندا آهن ۽ جيڪي بہ چشتي سلسلي جا مشائخ هندستان ۾ دفن آهن سڀ پنهنجي خلافت جي سلسلي کي حضرت خواجہ رحہ تائين پورو ڪندا هئا قدس الله اسرارهم. سواءِ هڪ سلسلي شيخ عزيز الله منڊو (مانڊو) واري جي اُهو شيخ رڪن الدين نهر والا سان ملي ٿو ۽ شيخ رڪن الدين پاڻ ڇهن واسطن سان خواجہ مودود چشتيءَ تائين پهچي ٿو. انشاءَ الله العزيز هي حال انهن جي ياد ۾ لکيو ويندو.

انجمن

هيءَ انجمن انهن خدابين صاحبان بصيرت جي بافروغ حالات جي بيان ۾ آهي. جن پنهنجي نسبت جي هٿ سان معين الاولياءَ قدس الله سرهُ جي بيعت جو دامن پکڙيو ۽ سندن رهنمائيءَ سان خدا طلبيءَ جي رستي ۾ قدم رکيو اٿن کن خلافت جو خرقو حاصل ڪري زنده دلي حاصل ڪئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ عقلمندن جا گروه درگروه وڃي مليا ۽ ڪن وري هن طريقي تي هلڻ جي آرزو ئي نہ ڪئي ۽ هميشہ پنهنجي حجري وحدت ۾ تنها نشين رهيا. قصو ڪوتاهہ جن معنائن جو منهن واضع جي رنگ آميز قلم سان لفظن جي صفحي تي کوليو ئي نہ آهي، انهيءَ معنيٰ جو رستو انديشو ۽ خيال سواءِ تمثيل جي پيرن جي ڪيئن ٿا هلي سگهن. انهيءَ ڪري هن ذي معرفت گروه جي پُر حقيقت حالات جي تعريف پوري طرح نہ لکي سگهيس ۽ جيئن تہ تشبيهہ کان دل ناخوش هئي لهذا تشبيهات کان ڪم نہ ورتم. لاچار هر هڪ جي نسب و حسب، وطن ۽ مرقد ۽ بيعت ۽ سلسلي جي متعلق چند ڳالهيون اهڙي قلم سان لکيون اٿم جيڪي بلڪل سادين آهن تہ جيئن ٻڌڻ وارن کي معلومات ٿئي.

ان جي باوجود جو اصل تمثيل جي منهن تي هڪ پردو هوندو آهي تڏهن بہ تمثيل پنهنجي چمڪ ڏمڪ ڏيکارڻ سان روحاني چهري کي آئيني وانگر جسماني عڪس جي مثل ڪري ڇڏيندي آهي. تمثيل پريَ وينل گوشي نشين کي ائين ئي جلوي گري ڪندي آهي جيئن ويجهن کي نظر ايندو آهي. تمثيل معنيٰ جي پردي

www.maktabah.org

۾ لکل ڪنوار جي صورت شاهدن جي طور تي ڏيکارينديءَ آهي ۽ اهو ته خوبصورت چهرن تي سج وانگر نظر دشواري سان پئجي سگهندي آهي مگر تمثيل انهن چهرن کي آسانيءَ سان نظر اچڻ وارن چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ظاهر ڪندي آهي. ليڪن اگرچه نُڪتي کي سجاڻڻ واري طبيعت ڪشف جي شهر جي رهواسين کي تشبيهه ۽ تمثيل جي مدد سان محسوسات جي آبادي۾ پهچائيندي آهي ۽ انهن کي ڪشف جي گهر مان ٻاهر ڪڍي خيال جي مسند تي اهڙي طرح آڻي ٿي وهاري جو جيڪي ڪجهه ٻڌو وجي فهم جي قريب هجي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڏسڻ وارا غور سان ڏسندا ته غيب جي عالم ۾ لکلن جو حال نيڪ طرح سان ائين معلوم نه ڪري سگهندا جهڙي طرح انهن ماڻهن جو حال معلوم ڪري سگهندا جيڪي حواسن ۽ عقل جي ميخاني ۾ مست لڳا پيا آهن. هي ائين ئي آهي جيئن غائب جو قياس شاهد (ظاهر) تي هوندو آهي. ڇو ته هر عالم ادراڪ لاءِ الڳ الڳ رسم مقرر ڪئي وئي آهي. هڪڙي عالم جي شين جو ٻئي عالم جي رسمن جي ذريعي ادراڪ صرف انهن شين تائين پهچي ٿو سگهي، جيڪي ٻنهين عالمن ۾ مشترڪ آهن. ان کان اڳتي خصوصيات تائين نه ٿو پهچي. انهيءَ ئي اختلاف جي ڪري جيڪو عالم ڪثرت جي زيبائش جو سبب آهي معرفت جي سامهون ظاهر نه ٿو ٿي سگهي هر موجود ۽ هر مظهر جنهن کي نالن (اَسْمَاءَ) جا ڪمالات ۽ تفصيلي حُسن حاصل آهن ان جي ماهيت جي شناخت هٿ نه ٿي اچي. ڪائنات جا ذرا هڪ ٻئي کان ممتاز ۽ جدا نه ٿا ٿي سگهن ۽ رستي هلڻ وارو اهڙيءَ طرح جي رفتار سان تحقيق جي منزل تي نه ٿو پهچي سگهي. پوءِ اهڙي مقام تي چپ رهڻ- ڳالهائڻ جي مغز کي ڪَلَ کان جدا نه ڪرڻ ۽ سچائيءَ کان ڪم نه وٺڻ دورنگيءَ جي نشاني آهي.

ٻُڌو! ته اُهو شخص داناءُ آهي جيڪو هستيءَ جي تعريف کي جنهن کي ظاهر وارن پراڻي حڪمت ۽ فلسفي جي ڪتابن ۾ مڪڙيءَ جي ڄار وانگر اُڀيو آهي. ان کي چند هيناهين آوازن وارن جي ڄار سمجهي ۽ مڪڙيءَ وانگر پنهنجي همٿ جي پنجي کي اُن ۾ نه قاسائي ۽ ننڍڙي ٻار وانگر رنگين ڳالهين جي فريب ۾ نه اچي. پنهنجي طرف کان انهيءَ ٿورڙي ملمع شناسيءَ تي شين جي حقيقت کي ڄاڻڻ وارو تصور نه ڪري. وهم ۾ وجهڻ وارن ڪاغذي نقشن کي مُندڻيءَ وانگر دل جي صفحي ۾ جڳهه نه ڏئي. جن نقشن جاءِ پڪڙي ورتي آهي انهن کي منجي

www.maktabah.org

وڃڻ وارو سمجهي وسارڻ جي مدد سان سادو بنائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انهيءَ بلند مرتبي واري گروه جي پيرويءَ سان عرفان جو رستو اختيار ڪري قلب جي صفائي سان وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (۽ جن ماڻهن اسان جي دين جي ڪم ۾ ڪوششون ڪيون. اسين به انهن کي ضرور پنهنجو رستو ڏيکارينداسين) هن طرح رياضت سان حاصل ڪري ڪشف جي اکين سان خلوت ۽ جلوت وارن ٻنهين جو تماشو ڏسي، اڻ ڄاڻائي ۽ وهم پرستيءَ مان نڪري وڃي ۽ باطني ادراڪ جي روشنيءَ ۾ حقيقت جي باغن جو سير ڪري جامعيت جي تخت تي خليفي جي حيثيت ۾ ويهي ته جيئن هن جي مضبوط ادراڪ جي سامهون بين ضعيف ادراڪ وارن جون اجايون اصطلاحون، عمده حيثيت ۾ وڪرو ٿيڻ نه گهرجن ۽ سيني جي استعداد جو ذاتي جوهر جنهن به قدر ۽ قيمت جو هجي انهيءَ اصل قدر ۽ قيمت کي خريد ڪيو وڃي. ان وقت مضمون لَوْ كُشِفَ الْغِطَاءُ مَا ازْدَدْتُ يَقِيْنًا (جيڪڏهن پردو کلي پوي ته مان يقين جي اعتبار کان ڪجهه وڌيڪ نه ٿي پوندس) جو نقد ان کي حاصل ٿي ويندو ۽ ان جو يقين ايترو ته بلند درجي تي پهچي ويندو جتي کنهن به قسم جي گهٽ وڌائيءَ جي کابه گنجائش نه هوندي. هاڻي مان انهن چند دوستن جو حال لکان ٿو جيڪي انهيءَ خوبيءَ ۽ حسن شمائل سان موصوف آهن.

ياد ارجمند فرزندان معين الاولياءَ قدس الله اسرارهم ﷺ جي ياد ۾

ڪي چون ٿا ته کين فرزند ڪونه هو. ۽ ڪي چون ٿا ته سندن به گهر واريون هيون. هڪڙي سيد وجيه الدين مشهديءَ جي نياڻي ۽ ٻي هڪڙي راجا جي ڏيءَ هئي جيڪا خواجه ﷺ جي هڪ مريد ملڪ خطاب جي قيد ۾ اچي وئي هئي. ان کي ذڪر ڪيل مريد پير جي خدمت ۾ موڪلي ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح سلطان التارڪين ناگوريءَ جو بيان به خواجه ڪي عيالدار هجڻ تي دلالت ڪري ٿو جنهن کي هن جي فرزند شيخ فريد ڪتاب "سرورالصدرو" ۾ لکيو آهي. اُهو اِهو آهي ته هڪ ڏينهن خواجه معين الاولياءَ رحـ عيالدار ۽ اولادي هئڻ کان پوءِ

www.maktabah.org

مونکي چيو تہ حميد! جوانيءَ ۾ تجرد (غير شادي شده) جي زماني ۾ جيڪا ڳالهہ دل ۾ ايندي هئي طلب سان يا بنا طلب جي ظاهر ٿي پوندي هئي ۽ هاڻي هن زماني ۾ جو ڪراڙپ ۽ عيالداري ٻئي حالتون ٿي پيون آهن تہ دل ۾ ڪابہ آيل ڳالهہ علم ڪان عين ۾ نہ ٿي اچي. مون جواب عرض ڪيو تہ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا و عليہ السلام جي ولادت ڪان پهريائين حضرت مريم عليہ السلام جو حال هي هو **كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا** (جڏهن زڪريا مريم ڪي ڏسڻ سندن حجري ۾ ويندا هئا تہ مريم وٽ ميون جي قسمن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪائڻ جون شيون موجود ڏسندا هئا) ۽ ولادت ڪان پوءِ هي حال هو **هُزِّيْ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ** (ڪجيءَ جي پاڙ ڪي وٺي پاڻ ڏي لوڏ) پاڻ هي جواب ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿيا.

حاصل ڪلام تہ ڪي صاحب خواجہ معين الدين چشتي رحمۃ اللہ علیہ جن ڪي بغير اولاد جي سمجهندا هئا ليڪن اهو مٿي بيان ڪيل بيانن جي مطابق صرف خيال ئي خيال آهي. بي بي حافظ جمال- خاص خواجہ رح جن جي نياڻي آهي ۽ مشهور آهي تہ شيخ رضيءَ جي نڪاح ۾ هئي جنهن جي قبر مندلا جي حوض جي ڪناري تي آهي جيڪو ناگور جي پسگردائيءَ ۾ آهي ۽ بي بي دُر جي قبر حضرت خواجہ رح جن جي قدمن ۾ آهي. سيد محمد گيسو دراز رحہ جن ٻين پٽن ڪي بي بي عصمت مان سمجهندا هئا ۽ خواجہ شمس الدين طاهر ڪي ڪنيز مان چوندا آهن.

چند ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪين اولاد تہ ٿيو هو مگر ٻاراڻپ ڪان ڪير بہ اڳتي نہ ٻچو. سيئي ننڍ پڻ ۾ ئي عالم قدس ڏي ڪوچ ڪري ويا. ڪن هي بہ لکيو آهي تہ سندن فرزندن مان ڪجهہ وڏين عمرين تي پهچي رهنمائيءَ جي درجي تي پهتا هئا ۽ هيءَ ڳالهہ گهڻو صحيح آهي تہ سندن ئي فرزند هدايت يافتہ هئا ۽ مرشد بہ هئا. سيني ۾ وڏا خواجہ فخرالدين محمد اجميري آهن ٻنهين علمن جي ڪمالات جا صاحب هئا ۽ صاحب تصرف بہ هئا والد بزرگوار ڪان پوءِ شيخي ۽ هدايت جي گادي هنن جي ئي وجود سان سينگاريل هئي.

جڏهن خواجہ فخرالدين تاريخ پنجين شعبان هجري سن ڇهہ سؤ ايڪهٺ ۾ دنيا مان رخصت ٿيا تہ سندن ننڍو پاڻ خواجہ ضياءُ الدين ابوالخير جن جانشين ٿيا. ڪن جي نزديڪ سندن ڪنيت ابو سعيد آهي. وڏا ڪمال جا ۽ حال جا

www.maktabah.org

صاحب هئا. هي به هجري سن ڇهه سؤ پنجانوي ۾ عالمِ صورت مان رحلت فرمائي ويا.

ٽيون پاڻ شيخ حسام الدين متي ذڪر ڪيل ٻنهين پائرن کان ننڍو هو. هي ماڻهن جي نظرن کان غائب ٿي ابدال ۽ رجال الغيب جي گروه سان وڃي مليا هئا ان ڪري سجاده نشيني پوٽن ۽ ڏوهٽن ڏي منتقل ٿي وئي. سلسلي ۽ خانوادگيءَ جي اجرا خود مشرب چشت جي مالڪ خواجه معين الاوليا خواجه قطب الاوليا جي سپرد فرمائي ڇڏي هئي.

شيخ رفيع الدين بايزيد ۽ شيخ نورالدين محمد اجميري خواجه معين الاوليا جي پوٽن مان آهن. هي ٻئي بزرگوار تصوف ۽ سلوڪ جي طريقي ۾ ظاهر ۽ باطن ۾ آراسته هئا. ڪيترن سالن تائين پنهنجي وڏن جي سجاده تي طالبن جي رهنمائي ڪندا رهيا.

شيخ حسام الدين سوخته خواجه فخرالدين اجميريءَ جا فرزند آهن. سندن سينو محبت جي سوز ۾ داغدار هو ۽ اکيون طلب جي درد ۾ ڳوڙهن سان ٻريل رهنديون هيون. سلطان نظام الاولياءَ جي صحبت ۾ وڃي پهتا هئا. سندن قبر سانپر نالي ڳوٺ ۾ مشرق جي طرف اجمير جي رستي ۾ آهي. سندن والد بزرگوار پنهنجي گهر ٽيل پاڻ جي يادگيريءَ ۾ انهن جو نالو سندن مٽان رکيو هو. کين به پٽ هئا.

هڪڙو خواجه معين الدين خرد- پاڻ شيخ نصير الدين چراغ دهلويءَ جا مريد ۽ خليفا آهن. بيعت ٽيڻ کان اڳ ئي نفس نافرمان کي لڙائيءَ ۾ زير ڪري ڇڏيو هئائون ۽ خواجه معين الاولياءَ جي باطن کان کين فيض حاصل هو.

ٻيو شيخ قيام الدين بابر بال- پاڻ خوبصورت، دلاور ۽ دليرِ ۽ بزرگ صفت هئا. هنن ٻنهين متين ذڪر ڪيل فرزندان شيخ حسام الدين جا به فرزندان نامور آهن.

شيخ قطب الدين- پاڻ خواجه معين الدين خرد جا پٽ آهن. اجمير مان هوش سنيالڻ بعد منڊو (مانڊو) جي طرف هليا آيا هئا. سلطان محمود خلجيءَ عين جواني ۾ ئي کين چشت خاني جو خطاب ڏئي ٻارهن هزار سوارن جو آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هڪ عرصي کان پوءِ اجمير ۾ سلطاني طاقت سان اسلام تازو ٽيو تہ سلطان اجمير چشت خان کي ڏيڻ چاهيو ليڪن

www.maktabah.org

چشت خان جي دلچسپي منڌو (مانڌو) جي علائقي سان ٿي وئي هئي ان کري قبول نہ کيائون.

شيخ قيام الدين جو پٽ شيخ بايزيد بزرگ آهن. پاڻ علم جا صاحب هئا خواجہ معين الاولياءَ جي روضي ۾ سالن تائين درس تدريس جاري رکيائون. شيخ احمد مجد ۽ ٻيا بزرگ سندس شاگرد آهن. جڏهن دهليءَ جي حڪومت ۾ هل چل پيدا ٿي تہ پيڪر پرستن جو غلبو ٿيو. ان وقت شيخ بايزيد بغداد جي طرف کوچ کري ويا ۽ عمر جو هڪ وڏو حصو اُتي ئي گذاريائون وري جڏهن خبر ملين تہ اجمير ۾ اسلام جي رونق ٿي آهي تہ پوءِ پاڻ اتان منڌو (مانڌو) ۾ آيا. سلطان پنهنجي حسن عقيدت جي کري شيخ بايزيد جن کي چشت خان جو شريک کري ڇڏيو ليکن چشت خان کي اها شرکت ناگوار گذري. کنهن اهم کم جي بهاني سان هو شيخ بايزيد کي پري کرڻ پيو چاهي. ۽ سلطان جي خدمت ۾ عرض کيائين تہ منهنجو پاءُ شيخ بايزيد هن کان اڳ اجمير ۾ مدرس هئا اتي اسلام ۾ سستي اچڻ سبب هو گهمڻ ڦرڻ هليا ويا هئا ۽ هاڻي جيئن تہ هن شاهي عهد ۾ اجمير جي مقام تي اسلام جو بنياد بيهر قائم ٿي ويو آهي لهذا ائين ئي سمجهہ ۾ ٿو اچي تہ جيکڏهن کين اجمير موکليو وجي تہ جديد بنياد تي استحکام جي صورت پيدا ٿي ويندي. چشت خان جي انهيءَ گفتگوءَ تي شيخ بايزيد جن کي اجمير ۾ رهڻ جي اجازت ملي وئي. انهيءَ زماني ۾ کن ماڻهن سلطان وٽ عرض کيو تہ شيخ بايزيد معينيہ خاندان مان نہ آهن. ان تي سلطان سيني پراڻن ۽ حال جي واقف عالمن، درويشن ۽ بزرگن کي گهرائي معلومات کئي. مخدوم حسين ناگوري ۽ مولانا رستم جيکي اجمير جي عالمن ۽ مشائخن ۾ اکيلا هئا ۽ ان کان علاوه کيترن بين الله وارن بہ شيخ بايزيد جي صحيح نسب هجڻ تي گواهي ڏني.

چند خلفاءِ معين الاولياءؒ جي ياد ۾

مولانا ضياءُ الدين حامد: پاڻ حڪيم، رياضي ۽ طبعي علمن جا صاحب هئا. ان کان علاوه بہ گهڻن فنن کي ڄاڻندا هئا. ليکن مشائخن جي انکار سان سندن دل کاري هئي. جڏهن صفائيءَ جو وقت آيو تہ خواجہؒ جي خدمت سان

www.maktabah.org

اعتقاد جي چراغ سندن دل کي روشن ڪري ڇڏيو.

هڪڙو امير ظالم هو ان کي خواجہ رحہ جي ديدار سان سچي توبہ نصيب ٿي ۽ جڏهن هو تصوف جي رستي تي هلي پيو تہ ان کي ولايت جي دسترخوان جي چاشني نصيب ٿي ۽ هن پنهنجي وطن بلخ کي ڇڏي پير جي همراہ رهڻ اختيار ڪيو جڏهن حصار ۾ پهتو تہ اجل جي لشکر هن جي عمر جي حصار کي ٽوڙي تباهہ ڪري ڇڏيو انهيءَ جاءِ تي هن جي قبر آهي.

اجمير جي ڪوهستان ۾ هڪ شخص جوگين جي لباس ۾ هو سندس نالو اجيپال هو ۽ رياضت جي ڪري استدراج جو بہ صاحب هو طلسمي علمن جي نمائش ۽ نمود کان گهڻو واقف هو. ۽ سندس ڪيترائي مريد خدمت لاءِ حاضر رهندا هئا. انهن مان گهڻن مريدن کي اجيپال نانگ بنائي خواجہ رحہ جي آرام واري جاءِ تي مقرر ڪيو هو. حضرت خواجہ رحہ موسوي معجزي کان ڪم ورتو ۽ ڪجهہ نانگن کي عصا سان ماري ڇڏيو ۽ ڪن جي منهن کي پڪڙي زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو. چون ٿا تہ انهيءَ جاءِ تي هڪ قسم جو گاهہ نڪرندو آهي جنهن کي ماڻهو چتراول چوندا آهن. هيءَ هڪ ڪائيءَ وانگر آهي باهران ڪارو ۽ اندران اڇو هوندو آهي. اجمير وارا هن مان تسبيون ناهيندا آهن. مشهور آهي تہ هيءَ تسبيح جنهن وٽ هوندي آهي اُهو نانگن جي آزار کان محفوظ رهندو آهي.

سيد حسين مشهدي: پاڻ هميشہ خدمت ڪندي عمر بسر ڪئي. پنهين جهانن جي راز جا محرم هئا. اجمير ۾ قبر اٿن.

خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي اوشي رحمۃ اللہ علیہ: سندن ظهور سج جي روشنيءَ جي مثل آهي. بيان جا محتاج نہ آهن.

سلطان التارڪين شيخ حميد الدين صوفي سعدي سوالي رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ خواجہ رحہ جن جي وڏن خليفن مان آهن. عارفانا شعر چوڻ جو شوق هئن.

شيخ نظام ناگوري رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ ڪلمي سن غَاب خَابَ جا عامل هئا. هميشہ پنهنجي پير جي آستاني تي معتڪف رهندا هئا. بس انهيءَ طرح سندن گذران هو ۽ جدائي جو هڪ لحظو بہ برداشت نہ ڪري سگهندا هئا.

شيخ مجدالدين سنجري رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ خواجہ رحہ جن جي سفر ۽ حضر ۾ رفيق ۽ همنشين هئا. خواجہ رحہ جن جي خدمت سندن خاص حميده عادت هئي. پنهنجي مراد کي پهچي ويا.

www.maktabah.org

غوثي فيض ثمر هوندو آهي. عقيدت، رغبت ۽ صدق جي قلدار وٽن جو، جنهن زماني ۾ اسين عدم کان وجود ۾ آياسين انهيءَ زماني ۾ انهن قلدار وٽن کي ماڻهن جي بدنصيبيءَ سان پاڻي نہ مليو. جنهن کري هي سڀ وڻ سُڪي ٻارڻ بنجي ويا. شيخ عزيز فريد ابن شيخ عزيز سعيد ابن سلطان التارکين شيخ حميد الدين صوفي سوالي ناگوريءَ هڪ کتاب "سرورالصدور" تصنيف کيو آهي جنهن ۾ مٿئين مضمون کي هن طرح لکيو اٿس تہ "هڪ ڏينهن والد بزرگوار زبان حقائق بيان کندڙ سان هن طرح جي افسوس ناک گفتگو فرمائي رهيا هئا تہ:

مون کي هي ايزدي فرمان اهل زمان کي واعظ ۽ نصيحت کندي تقريباً ٽي قرن گذري ويا. هر هڪ قرن ۾ ماڻهن جي حالات ۾ جداگانہ کيفيت ڏسڻ ۾ آئي. اول قرن ۾ ائين ئي ڏٺو ويو تہ جنهن وقت مان ممبر تي چڙهي بي مثل ۽ بي مانند الله تعاليٰ جل شانہٗ جي مقدس نالي جي متعلق حڪمت ۽ بيان جو آغاز کندو هئس تہ ممبر جي ٻنهين پاسي مجلس ۾ حاضرين روئڻ شروع کندا هئا. وري ٻئي قرن ۾ اها حالت ڏٺي وئي تہ انهيءَ اندرين باھ مان شعلا پڙکڻ جي کيفيت تہ هلي وئي. مگر ايتري گرميءَ جو اثر ضرور باقي هئو جو ان جي حرارت واعظ جي قلب مان ٽيندي ٻڌندڙ جي بي رغبتيءَ جي سرديءَ کي دور کري ڇڏيندي هئي ۽ ٽئين قرن ۾ هيءَ کيفيت ٽي آهي تہ سڀ حاضرين جن جون طبيعتون چنگاريءَ وانگر گرم هيون کوٽلي وانگر ٻاهران کاريون ۽ اندران مايوس ٽي ويون ايتري قدر جو عادت جي جذب کان سواءِ مسجد ۾ اچڻ جو کوبہ سبب باقي نہ رهيو ۽ هاڻي زماني وارن جي دلين ۾ رغبت جي بجاءِ مان سراسر نفرت ۽ کراهت ٿو ڏسان.

۽ اهو بہ والد بزرگوار جن فرمايو تہ جهڙي طرح خاتم النبوت عليہ الصلواة السلام جن جي مبارک دور ۾ پٽرن مان بہ خوشبو ايندي هئي. اهڙي طرح هاڻي اهڙو زمانو آيو آهي جو دلين مان پٽر جي خوشبو ٽي اچي. لهذا هن زماني ۾ جنهن شخص جي ملاقات سان اهل دل هجڻ جي خوشبو توکي محسوس ٿئي. ان کي اهڙي طرح غنيمت سمجهو جيئن قيمتي سامان بغير تکليف ۽ محنت جي ملي وڃي ۽ مال غنيمت وانگر مفت سمجهي نعمت تصور کر. ڇو تہ هن زماني جي دل جو جوهر، مٽيءَ ۾ پيل هڪ پائيءَ جي برابر ٿو لڳي.

www.maktabah.org

حڪيم ضياءُ الدين حامد بلخيؒ جي ياد ۾

پاڻ بي انتها علم ۽ حڪمت سان پريل هئا. ڇا الاهيات ۽ ڇا طبعيات. ليڪن باطن جي ڪاراڻ سبب تصوف جي اصطلاحات کي تباهي جون ڳالهيون سمجهي پري رهندا هئا. هڪ ڏينهن تقدير سان سندن گذر هڪ بيابان مان ٿيو جتي خواجہ معين الاوليا پنهنجي هڪ رفيق سان گڏ شڪار ڪري ڪباب سيکي رهيا هئا. قصو ڪوتاه حڪيم صاحب کي بک ايترو تہ مجبور ڪيو جو مجبوراً هنن بن بزرگن وٽ ويو ۽ جڏهن انهيءَ شڪار کيل پکل ڪباب جو گره نڙيءَ مان هيٺ لٿس تہ سڀ فلسفي جا حروف وسري ويس ۽ انهن جو آواز يادگيريءَ مان هليو ويس. ۽ انڪار جو سرمايو نقد اعتقاد جي عيوض وکرو ڪري ڇڏيائين ۽ اهڙي طرح پاڻ پنهنجي شاگردن سميت اچي بيعت ٿيو ۽ پوءِ ولايت جي درجي تي ٻہ پهتو. مصرع

ولايت باسعادت هم قرين شد

شيخ حميد الدين دهلويؒ جي ياد ۾

جنهن سال ۽ مهيني ۾ سلطان شهاب الدين محمد سام غوريءَ جي هيبت سان راجا پٿورا مري ويو ۽دهليءَ جو دارالسلطنت فتح ٿيو. انهن ئي ڏينهن ۾ خواجہ معين الاولياءَ غزنين کان لاهور ۾ آيا ۽ لاهور کان دهليءَ ۾. رستي ۾ هڪ ڏينهن هڪ بتخاني جي اڳيان ستن ماڻهن کي ڏنائون جيڪي سيني آستانن ۽ آرام کي ڇڏي ڪجهہ هٿ جي گهڙيل پٿر جي بتن جي پوڄا ۾ مصروف آهن. جيڪو شخص سيني ۾ وڏو هو. ان سان خواجہ صاحب جن اهڙيءَ تہ رهنمائيءَ جي انداز جي گفتگو ڪئي ۽ اهڙو نصيحت سان پريل ڪلام فرمايائون جو هو اسلام جو عاشق ٿي پيو ۽ انهيءَ نصيحت جي ڪري سڀ جا سڀ صورت پرستيءَ جي قيد مان نڪري صورتن کي ناهيندڙ خدا جي پرستش ڪرڻ لڳا. خواجہ ؒ سيني کان وڏي شخص جو نالو حميدالدين رکي ٻين جا نالا رکڻ جو ارادو ڪيو ئي هو تہ سيني عرض ڪيو تہ اسان جهڙي طرح ڪفر ۾ ۽ پوءِ وري اسلام قبول ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ نہ ڇڏيو ساڳي طرح بهتر آهي تہ نالي ۾ ٻہ سڀ شريڪ هجون انهيءَ ڪري ستئي شخص انهيءَ ئي نالي سان نامزد رهيا.

www.maktabah.org

شيخ مجد الدين سنجري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پير جي سير و سياحت جي زماني ۾ سندس همراهي ۽ ڪمان برداري ڪنهن به وقت نه ڇڏي. انهيءَ ڪري سندن رسائي جو تير پير جي خدمت سبب مراد جي نشاني تي وڃي لڳو.

شيخ نظام ناگوري قدس سرهُ رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي گوشي نشيني جي واسطي پنهنجي پير جي عاليشان آستاني تي هڪ گوشو اختيار ڪري ڇڏيو. درگاه جي خاڪ تان ڪڏهن به مٿو نه کنيائون. ۽ پير جي خدمت کان هڪ لحظي جي جدائي به وڏي نقصان جو سبب سمجهندا هئا ۽ اڪثر پير جي زبان مبارڪ تي هي الفاظ اڇي ويندا هئا ته اسان جو فخر فخرالدين سان گڏ ۽ اسان جو نظام نظام الدين سان گڏ آهي.

ناوک اهل وفا بادا هميشه بر هدف

شيخ فخرالدين احمد اجميري رحمة الله عليه جي ياد ۾

کين پير جي خدمت ۽ پرستاريءَ ۾ غلاميءَ جو درجو حاصل هو ۽ پير جي ڪلام کي قلم سان لکندا هئا. پنهنجي سڄي زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ وقف ڪري ڇڏي هئائون.

شيخ عبدالله رازي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شروع ۾ آتش پرست هئا. خواجه عثمان هاروني قدس الله سرهُ جن کان مثل خليل الله ڪرامت ڏسي اسلام قبول ڪيو هئائون. سڄي خاندان سميت اسلام قبول ڪرڻ جو قصو ڏگهو آهي. اڳين تاريخي ڪتابن ۾ لکيل آهي- ڏسي ٿو سگهجي. آخرڪار خواجه معين الاوليا جي نظر معرفت سان ولايت ۽ ڪمالات حاصل ڪري حق شناسيءَ جي درجي تي سرفراز ٿيا.

www.maktabah.org

شيخ صفي الدين ابراهيم پور عبدالله رازيؒ جي ياد ۾

پاڻ اُهي ئي ٻار آهن جنهن کي ڪنڌ تي وهاري خواجہ عثمان هاروني قدس الله سرهُ جن پڙڪندڙ باهہ ۾ گهڙي پيا هئا ۽ نمرودي باهہ وارو ابراهيمي جلوو ڏيکاري صحيح ۽ سالم نڪري آيا. چون ٿا تہ پاڻ پير جي ڳولا ۾ هندستان آيا هئا. جڏهن اجمير پهتا تہ خواجہ معين الاوليا جي خدمت جو شرف حاصل ڪيائون ۽ خواجہ جي خدمت جي واسطي سندرو ٻڌي بيهي رهيا ۽ آخرڪار همٿ جي هٿ سان ولايت ۽ سعادت جو دامن پڪڑي ورتائون ۽ رحلت ڪان پوءِ سندن روضي جي ديوار جي هيٺان قبر جي جاءِ ملي.

خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪيؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ ڪمال الدين احمد موسيٰ اوشيءَ جا فرزند آهن. اوش ماوراءالنهر هڪ ڳوٺ آهي. چون ٿا تہ ادائي سال عمر هئن جو پاڻ يتيم ٿي ويا ۽ جڏهن پنجن سالن جا ٿيا تہ سندس ماءُ ڪيس هڪ مهربان پاڙيسريءَ جي حوالي ڪيو تہ جيئن ڪين ڪنهن عالم جي مڪتب ۾ وهاري اچي. رستي ۾ هڪ نوراني شڪل بزرگ ٻہ ملي وين. هنن ٻنهين بزرگن اتفاق ڪيو تہ ڪين مولانا حفص جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهيءَ خضر صورت بزرگ استاد کي سفارش ڪئي تہ هي ڇوڪرو اولياءَ الله مان ٿيندو ان ڪري هن جي تعليم ۾ ڪوتاهي نہ ڪئي وجي. غالباً نوراني شخص حضرت خضر عليہ السلام هو. پاڻ هوش سنياڻو ڪان پوءِ طريقت پير جي تلاش ۾ رهيا. سوچيائون تہ شيخ محمود جا مريد ٿي وڃن تہ انهن کي ڏينهن ۾ حضرت خواجہ معين الاوليا اوش ۾ تشريف فرما ٿيا. پاڻ پهرين ملاقات ۾ ئي سندن بيعت ڪيائون ۽ ٿوري ئي وقت ۾ خلافت جو جبو پائي سرفرازي حاصل ڪيائون. ويهن سالن جي عمر ۾ هدايت ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيائون ۽ ڪيترن ئي سعادت مندن کي ٻنهين جهانن جي ڪمالات تي پهچايائون.

www.maktabah.org

انهيءَ زماني ۾ سندن وظيفو رات ڏينهن ۾ اهو هو ته ادائي سؤ رکعتون نماز ۽ ٽي هزار دفعا درود شريف- سندن والده ماجده کجهه پابنديون وڌيون ان کري ٽن ڏينهن تائين وظيفي جي ادائگي نه ٿي سگهي. ٽئين ڏينهن رئيس احمد کي جيکو سندن خاص مريدن مان هو. خاتم الانبياءَ عليه الصلواة والسلام جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي ۽ فرمايائون ته احمد اسان جا سلام قطب الدين کي پهچاءِ ۽ چؤ ته ٽي راتيون ٽيون آهن سندن تحفو اسان وٽ نه ٿو اچي. جڏهن هي پيغام خواجه بڏو ته پاڻ هڪدم تعلقات ڇڏي پير بزرگوار جي ڳولا ۾ نڪري پيا ۽ بغداد جو رستو ورتائون. جڏهن بغداد پهتا ته شيخ الشيوخ العرفا شهاب سهروردي ۽ شيخ اوحدالدين کرماني ۽ ٻين مشائخن قدس الله سرهم جي خدمت ۾ رهي استفادو کيائون. هڪ ڏينهن خبر پين ته شيخ خواجه معين الاوليا دهلي شهر ۾ آهن جيکو هندستان جو تخت گاه آهي. لهذا اتان شيخ جلال الدين تبريزي رحمة الله عليه جن سان گڏ هندستان ڏي روانه ٿيا. جڏهن ملتان پهتا ته شيخ بهاءالدين زکريا جي محبت جي کري هتي کجهه ڏينهن ترسيا. انهيءَ زماني ۾ ترکن جي لشکر ملتان جي قلعي جو گهيرو کيو هو. قباچه بيگ اتان جو حاکم هو. انهيءَ رعايا جي لاءِ استدعا کئي ته دشمن جي آفت ۽ ايذاءُ دور ٿئي. خواجه رحمة الله عليه جن هڪ تير عنايت فرمائيندي چيو ته رات جي وقت بُرج مان ترکن جي لشکر جي طرف اچلائجان. چنانچه جيئن حڪم هو تعميل کيائين. خدا کريم جي حڪم سان صبح تائين دشمن جي لشکر مان قلعي جي چوڌاري هڪ به جيئرو باقي نه بچو.

اهڙيءَ طرح خواجه رحمة الله عليه دهليءَ پهچي کيلو کهريءَ جي مقام تي قيام فرمايائون دهليءَ جو شيخ جمال الدين محمد بسطامي ۽ قاضي حميد الدين ناگوري جن جو نالو محمد بن عطا آهي. هنن صاحبن جي آمدورفت هميشه سندن صحبت ۾ رهندي هئي. ليکن فاصلو گهٽو هئڻ سبب دير دير سان ايندا هئا ۽ انهيءَ کري دل تنگ رهندا هئا. لهذا سلطان شمس الدين التمش جي خدمت ۾ عرض کري خواجه رحمة الله عليه کي شهر ۾ وٺي آيا ۽ ملڪ اعزالدين جي مسجد سان لڳ هڪ گهر ۾ سندن رهڻ جو انتظام کيو ويو. خواجه رحمة الله عليه کجهه ڏينهن کان پوءِ خواجه معين الاوليا جي خدمت ۾ درخواست موڪلي حاضر ٿيڻ لاءِ اجازت گهري. جواب پهتو ته المرءُ مع من احب (ماڻهو جنهن سان محبت

www.maktabah.org

ڪندو آهي ان سان ئي گڏ هوندو آهي). اُتي ئي ترس ڇو ته ملاقات جو وقت ڏهليءَ ۾ قائم ٿي ڇڪو آهي درويش به انشاءَ الله اتي ئي ايندو. لاچار قيام تي راضي ٿيڻو پيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پير بزرگوار ڏهليءَ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ سندن ملاقات سان خواجه دل جي مراد حاصل ڪئي.

ڪي ڇون ٿا ته جڏهن قطب الاولياءپنهنجي سيني دوستن ۽ متعلقين سميت اجمير ڏي روانه ٿيا ته سلطان اقليم شمس الدين التمش پنهنجي سيني اميرن وزيرن سميت پهچي عاجزيءَ سان منٿ ميڙ ڪئي ته واپس هلو ته ان وقت خواجه معين الاوليا جن به فرمايو ته قطب الدين سڃي شهر جي دل شڪني ڪرڻ درست نه آهي. اسان جو فيض قرب مڪان تي منحصر نه آهي. واپس وڃ ۽ خوش رهه. مان توسان هميشه گڏ آهيان. ۽ انهيءَ جاءِ تي فرمايائون ته المرءُ مع من احب- نه خط ۾.

هڪ ڏينهن قاضي حميد الدين ناگوري، خواجه محمود پوستين دوز، شيخ بدرالدين غزنوي ۽ شيخ تاج الدين منور اوشي سندن خدمت ۾ حوض شمسيءَ جي ڪناري تي هڪ مسجد جي دالان ۾ جمع هئا ۽ هڪ ٻئي سان حقائق تي گفتگو ٿي رهي هئي ته اوچتو هڪ اُٺ تي سوار جيڪو ڪمبل پوش هو انهيءَ حوض جي ڪناري کان غسل ڪري نڪتو ۽ شيخ تاج الدين منور کي چيائين ته ابو سعيد دمشقي جيڪو پراڻن نياز مندن مان آهي ان جا سلام خواجه صاحب جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. جڏهن شيخ تاج الدين ابو سعيد جو نالو ٻڌو ته فوراً اُتي ٻيٺو جيستائين شيخ تاج الدين هن ڪناري تي پهتو تيستائين هو نظر کان غائب ٿي ويو.

خواجه رحمة الله عليه جن جون ڪجهه خارق عادات ڪرامتون لکان ٿو. شيخ نظام الاولياء ڇون ٿا ته هڪ ڏينهن رستي ويندي جنهن جاءِ تي سندن خوابگاه آهي. ڪافي دير تائين بيٺا رهيا ۽ رئندا رهيا ۽ فرمايائون ته هن زمين مان گهوٽ جي خوشبو پئي اچي. ان جي مالڪ کي سڏائي ڪجهه رقم ڏئي مٿين زمين خريد ڪيائون.

وڏيڪ شيخ نظام الدين اولياءرحمة الله عليه ڇون ٿا ته جيئن ته خواجه رحمة الله عليه کنهن جي ڏنل رقم کي هٿ نه لڳائيندا هئا لاچار متعلقين روزمره جي خرچ لاءِ قرض ونڊو پوندو هو. هڪ ڏينهن قرض ڏيندڙ پنهنجو قرض گهرندي سندس ماڻهن تي

www.maktabah.org

وڏائي ڏيکاري **لصاحب الحق مقال** (صاحب حق کي حق گفتار حاصل آهي). ان تي هنن تنگ دل ٽي وعدو ڪيو ته قرض نه ونڊاسين چاهي بکيا مري وڃون. ڪين انهيءَ حالت جو اطلاع ٽيو ته سيني ماڻهن کي جيڪي گهر ۾ رهندڙ هئا. فرمايائون ته هن طاق تان هر هڪ ڪاڪ (اوڦراڻو) گرم روزانو ڪٽندو ڪري چنانچہ ڪٽندا رهيا. انهيءَ سبب جي ڪري ڪين ڪاڪي بہ سڏيندا هئا.

وڏيڪ شيخ نظام الاولياء چون ٿا ته هڪ ڏينهن مان الاوليارحہ جي مزار مبارڪ جي زيارت ڪري رهيو هئس ته ان وقت هڪدم منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ڇا قبر واري کي زيارت ڪرڻ واري جي اچڻ وڃڻ جي خبر پوي ٿي. اوچتو غيب جي زبان سان هي آواز منهنجي ڪنن ۾ آيو.

مـــرا زنـــده پنـــدار چـــون خويشـــتن
مـــن آيـــم بجـــان گـــر تـــو آئـــي بـــه تـــن

چون ٿا ته شيخ علي سجستانيءَ جي خانقاهہ ۾ هجري سنہ ڇهہ سؤ ٽيٽيهہ هو (ءِ مشائخ چشت جي ڪن تذڪرن ۾ پنجٽيهہ لکيل آهي ءِ اهوئي بيان صحيح ءِ درست آهي) ته هڪ قوال آيو ءِ هي بيت ڳايائين.

ڪشتگانِ خنجر تسليم را — هر زمان از غيب جاني ديگر است.

ته خواجہ قطبؒ تي بيهوشي طاري ٿي وئي ءِ ٽن ڏينهن تائين اهائي حالت رهي. جڏهن هوش آيو ته حال دگرگون ڏسڻ ۾ آيو ته قاضي حميد الدين جانشين جي لاءِ عرض ڪيو. فرمايائون ته پير بزرگوار جن جو خرقو خاص مع مصلي- عصا ءِ نعلين جي شيخ فريدالدين مسعود کي پهچائي چڏڻ گهرجي چو ته چشت جي خانوادہ جو چراغ انهيءَ ٺا ئي روشن رهندو ان کان پوءِ چوڏهين ربيع الاول تي پاڻ واصل محبوب حقيقي ٿيا، خواب گاه دهليءَ ۾ آهي.

انجمن فرزندان و خلفاءِ ڪامگار خواجہ قطب الدين بختيار اوشي ڪاڪيؒ

انسان جي خصوصيتن ءِ وصفن جي دائري جو مرڪز- سخن داني ءِ

www.maktabah.org

معرفت رباني آهي- ۽ انهن ۾نهين اعليٰ قدر جوهرن جي ڪاڻ- فيض حاصل ڪيل عالمن ۽ ارشاد جي صاحب خداشناس انسانن جي مجلس عليهم رحمة الرحمٰن فعلنک بدوام للاڏمة.

چون تا ته سندن ۾ فرزند هڻا هڪ خواجہ محمد هي ننڍپڻ ۾ ئي دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا ۽ ٻيو خواجہ تتماجي، هن کي رحماني جذبات ۽ سڪر ۽ صحو جون حالتون گهڻو رهنديون هيون. سندن خوابگاه سندن والد بزرگوار جي مرقد جي برابر ۾ آهي.

حضرت قطب الاولياء جن جا خلفاء ڪرام گهڻا آهن جن مان ڪن جي ذڪر تي اڪتفاءڪو ڪيان.

(1) شرف الخلفا شيخ الاسلام مخدوم شيخ فريدالدين مسعود گنج شڪر قدس سرهُ آهن. سندن حالات شهرت ۾ سڃ وانگر آهن. هي چند فقرا سندن دل پذير ڪلام مان آهن: يعني فنا.

(الف) مرتبہ ممڪنات ۽ عبارت انهيءَ سان آهي ته سالڪ پنهنجي حول ۽ قوة ڪان باز اچي.

(ب) صفات جي تحقيق جي مقام ۾ عبارت انهيءَ سان آهي ته سالڪ سيني ڪمن جي نسبتن کي پنهنجي طرفان ساقط ڪري ڇڏي. ۽

(ج) مقام شهود ذات ۾ عبارت آهي انهيءَ سان ته پنهنجي هستيءَ کان فراموش ۽ غائب ٿي وجي.

۽ بقا-

(الف) اولين فنا جي درجي ۾ عبارت انهيءَ سان آهي ته انسان سڄي موجودات ممڪنہ ۾ تصرف ڪري حق سبحانہُ جي حول ۽ قوت سان.

(ب) ٻيو فنا جي درجي ۾ عبارت آهي انهيءَ سان ته انسان ڪامل پنهنجو پاڻ کي الاهي اخلاقن سان متصف ڪري. ۽

(ج) ٽئين فنا جي درجي ۾ عبارت انهيءَ سان آهي ته انسان ڪامل پنهنجو پاڻ تي ذات باري تعالیٰ کي محيط ڪري ڇڏي. جيڪو صوفي باقي بعد الفنا هوندو آهي. اُهو هميشہ ظاهر ۾ شريعت جي لباس سان آراسته- عالم صفات ۾ طريقت جون رسمون ادا ڪرڻ وارو ۽ هنگام تجلي ذات- حقيقت قائم ڪرڻ سان متصف هوندو آهي.

www.maktabah.org

(2) شيخ محمود نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ- پاڻ پنهنجي پير جي جمال باڪمال تي عاشق هئا. مرشد جي ديدار ۽ خدمت و حضوريءَ کان ڪڏهن به پري رهڻ پسند نه ڪيائون. برخلاف شيخ گنج شڪر رحمۃ اللہ علیہ جي اُهي دوريءَ کي نزديڪيءَ جي مقابلي ۾ پسند ڪندا هئا ۽ انهيءَ باب ۾ باشعور صوفين جا ٻه مشرب آهن. ڪن جو اهو خيال آهي ته مبادا پير جي حضوريءَ ۾ بشري تقاضا جي مطابق خادم کان ڪو اهڙو ڪم ٿي وڃي جيڪو بي ادبيءَ ۾ شمار ٿئي ته اهو مخدوم جي لاءِ تڪليف جو سبب ٿئي لهذا پري رهڻ ۽ پير جي عادتن جو تصور ڪري پاڻ کي ان ۾ فاني ڪرڻ بهتر آهي ۽ ڪن وري حضوريءَ ۾ نزديڪ رهڻ کي اولي سمجهيو آهي. ۽ دوريءَ کان ويجهڙائيءَ جي فضيلت جي باري ۾ گهٽا دليل بيان ڪيا آهن ۽ دوريءَ کي پسند ڪرڻ وارن جي.دليل کي رد ڪيو آهي، ۽ چيو اٿن ته ٿورڙي نقصان جي خدشي جي ڪري گهڻن فائدن کي ڇڏي ڏيڻ عقلاً ۽ نقلاً بهتر نه آهي. وَلِلنَّاسِ فِيمَا يَعْشَقُونَ مَذَاهِبُ (جنهن سان ماڻهو عشق رکندا آهن. ان جي باري ۾ انهن جا جداگانه طريقا هوندا آهن).

(3) شيخ معزالدين دهلي رحمۃ اللہ علیہ- پاڻ پهريائين دهليءَ جي تخت جي سلطانن جا نائب هئا مگر بعد ۾ قطب الاولياء رحمۃ اللہ علیہ جن جي فقر ۽ ڪرامتن ڪين درويشيءَ جي طرف ڇڪي ورتو. لهذا تونگري لباس کي فقيري خرقي ۾ بدلائي ڇڏيائون. پير جي خدمت ۾ حاضر ٿي بيعت ڪيائون ۽ معنوي ڪاميابي حاصل ڪيائون.

(4) شيخ حامدالدين نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ - پاڻ گجرات جي نامور عالمن مان هئا. خدا شناسيءَ جو شوق هئن جڏهن قطب الاولياءَ جن جي رهنمائيءَ جي شهرت ٻڌائون ته دهليءَ اچي سندن خدمت جو شرف حاصل ڪيائون. مريد ٿيا بيعت کان پوءِ خلافت حاصل ڪري مراد ۾ ڪامياب ٿيا.

(5 ۽ 6)- قاضي سعد رحمۃ اللہ علیہ ۽ قاضي عماد رحمۃ اللہ علیہ- هنن ٻنهين صاحبن جو تعصب بدعت جي بنيادن کي اکيڙڻ ۾ حد کان وڌيڪ وڌيل هو. هڪ ڏينهن سماع کي روڪڻ جي ارادي سان قطب الاولياءَ رحہ جي خانقاه ۾ پهتا. روح الله روحہ جيئن ته صوفين جي سماع ۾ حقاني نشر ۽ بي اختياري نشان هو. ان ڪري اڇڻ وارا جيڪي منع ڪرڻ جي لاءِ آيا هئا رقص ۽ هٿن لوڏڻ ۾ شامل ٿي ويا ۽ پوءِ مريد بہ ٿيا.

www.maktabah.org

شيخ محمود نهروالہ رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ قطب الاولياء رحمۃ اللہ عليہ جا مريد آهن. هميشہ پير کان هڪ گهڙي بہ جدائي پسند نہ ڪيائون. هن ۾ شڪ ناهي تہ خداوندانِ ارادت يعني مريدن جو دستور بن طريقن سان هوندو آهي. ڪي مريد هميشہ مرشد جي ديدار تي ڇڻ تہ اکيون سبي ڇڏيندا آهن انهيءَ خيال سان تہ حقيقي جمال جو مشاهدو انهيءَ خدا نما آئيني ۾ ٿيندو آهي ۽ انهيءَ ذريعي سان سڀ ظلماني ۽ نوراني حجاب جيڪي هستي موهوم (بندي) ۽ وجود حق جي درميان هوندا آهن کنيا ويندا آهن ۽ جدائيءَ جي نالي کي طريقت ۾ ناجائز سمجهندا آهن ۽ ڪي مريد وري پير سان يڪجهتي ۽ محبت کي مستحڪم ڪري هميشہ دوريءَ ۾ پير جو حُليو مبارڪ نظر جي سامهون رکندا آهن ۽ انهن کي جيڪو عشق هوندو آهي غائبانہ هوندو آهي. خدمت ۽ پير جي صحبت کان تنهائيءَ جي ڪنڌ ڏي ڀڄندا آهن. خوف اهو هوندو اٿن تہ مبادا بشري لحاظ کان کا ادب جي خلاف ڳالهہ نہ ٿي وجي. چون ٿا تہ فريد الحق گنج شڪر رحمۃ اللہ عليہ اهوئي خيال ڪري هڪ مدت کان پوءِ پير جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ مجلس مان جلد ئي اُٿي پنهنجي هجري ۾ هليا ويندا هئا. ليڪن محمود نهروالہ رحمۃ اللہ عليہ جن اها رفتار پسند نہ ڪئي ۽ هميشہ پير جي خدمت ۾ حاضر رهندا هئا ڪڏهن بہ دور نہ ٿيا. ۽ پير جي اجازت سان پير جي رحلت کان پوءِ گجرات هليا ويا. نهروالہ ۾ قيام ڪيائون ۽ اُتي ئي خوابگاہ بہ اختيار ڪيائون.

حاجي مجدالدين جاجرمي دهلوي رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ ظاهري علمن جا عالم هئا مگر سلوڪ جو قدم ظاهري علم جي محدود ۽ تنگ گهٽيءَ کان ٻاهر ڪڍي شوق ۽ عشق جي ميدان ۾ ڪڏهن بہ نہ رکيو هئائون. هميشہ سماع ٻڌندڙ صوفين جي مخالفت کندا هئا خاص ڪري قطب الاولياء ۽ قاضي حميد الدين جي سماع جي مجلسن جي انڪار تي تہ سندن زندگي صرف ٿي. آخرڪار جڏهن وقت آيو تہ سندن قابليت صوفين جي عالي مرتبت گروه ڏي اعتقاد پيدا ڪيو. واقفڪار رستي جي هلندڙن، قياس

www.maktabah.org

جي صاحب درويشن ۾ ڪامياب عارفن جي مدد سان رقص ۽ سرور جي محفل تي قربان ٿيڻ لڳا. سندن هيءَ هڪ دلچسپ ڳالهه آهي ته محبت جا ست لک مقام آهن انهن مان پهريون اهو آهي ته محبوب سان موافقت هجي ۽ انهيءَ مقام جو نندي ۾ ننڍو درجو اهو آهي ته محبوب جي حڪم تي سرجهڪائي ڇڏجي. جيستائين ڪنهن کي مقام حاصل نه ٿو ٿئي اڳتي قدم کٽڻ ڏکيو هوندو آهي. ليڪن جڏهن محبت ۾ جوش ايندو آهي ته پوءِ صبر- آرام- نند- ڪائڻ- هوش ۽ عقل. هي سڀ جا سڀ لڏي ويندا آهن. ۽ آهه- زاري- فرياد- بيخودي- بيدلي- گريو قرباني- اهي سڀ صورتون پيدا ٿي ويندیون آهن انوقت ۾ جيڪڏهن حڪم برداريءَ جي دائري مان فرمانبرداريءَ جو قدم ڪنهن شخص جو ٻاهر نڪري وڃي ته اهو سماع ۾ دست افشاني ڪري ته معذور هوندو. چون ٿا ته قاضي سعد ۽ قاضي عماد سماع جي انڪار ۾ قاضي جاجريءَ جا شريڪ غالب هئا. هڪ ڏينهن قطب الاولياءَ جي مجلس سماع گرم هئي ۽ صوفين جي جماعت آهه، زاري ڪري رهي هئي. هن مجلس کي درهم برهم ڪرڻ جي ارادي سان ٻئي قاضي مجلس جي عين گرما گرميءَ جي وقت اچي ويا. مگر هتي پهچڻ کان پوءِ شريعت جي پابندي هڪدم هلي وئي ۽ صوفين وانگر دست افشاني ڪرڻ (نچڻ) لڳا. ته هن عجيب ۽ غريب حرڪت تي سخت تعجب لڳن ۽ آخرڪار قضا جو منصب ڇڏي صوفين جي حجري ۾ اچي ويٺا ۽ زماني جا ڪامل ٿي شهادت جو درجو حاصل ڪيائون.

شيخ وجيهه الدين يحييٰ دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

صفائي- پرهيزگاري- رياضت جو فروغ- ۽ آشنائيءَ جو شعاع هي صفتون سندن قول ۽ فعل ۾ موجود هيون. هميشه اکين ۾ ڳوڙها- اندر ۾ شوق- چپن تي آهه ۽ ولولو ۽ دل ۾ غم ۽ بي آرامي رهندي هين. زماني جي پرستار ماڻهن سان ملڻ کان ڪناره ڪشي ۽ سڄي زندگي خاموشيءَ سان بسر ڪرڻ سندن عادت هئي. رحلت کان پوءِ سندن خوابگاه دهليءَ ۾ ناهي وئي.

www.maktabah.org

شيخ فخرالدين زاهدي رحمة الله عليه جي ياد ۾

ڇمڙ جي جاءِ ۽ آخري آرام گاه ٻئي ميرٺ ۾ آهن. اسڪندر فيلقوس جي خاندان مان حضرت خواجه قطب الدين بختيار اوشي رحمة الله عليه جن جا هم عصر آهن. چون ٿا ته هڪ سال مال متاع سان پريل هڪ ٻيڙي جمنا درياه ۾ ٻڏي وئي. جن مال وارن کي نقصان پهتو هو. انهن پنهنجي درد جو حال خواجه رحمة الله عليه جي خدمت ۾ عرض ڪيو. خواجه رح فرمايو ته درياه جو هي ڪنارو هن درويش جي سپرد آهي ۽ هو ڪنارو برادر فخرالدين سان تعلق ٿو رکي. جيئن ٻيڙي هن ڪناري تي ٻڏي هئي لهذا آفت زده ماڻهو شيخ فخرالدين جي آستاني تي حاضر ٿي رئڻ لڳا. شيخ انهيءَ واقعي کي خط جي صورت ۾ لکي درياه ۾ وڌو ته ٻيڙيءَ کي صحيح ۽ سالم ڪناري تي پهچايو. خط هيٺ درياهه ۾ ويو ۽ ٻيڙي مال متاع سوڌي پاڻيءَ جي مٿان اچي وئي چون ٿا ته هڪ ڏينهن چالیهه ماڻهن مان هڪڙو نڪري سندن وٽ آيو جنهن جي پيشانيءَ تي ڪلمو طيب لکيل هو. انهيءَ ڇيو ته آسماني آفت هن ملڪ لاءِ موڪلي وئي آهي ليڪن هي شهر هن زاهد جي حمايت جي پاڇي ۾ آهي. لهذا خرابيءَ کان محفوظ رهندو. انهيءَ ڪري سندن سلسلو زاهديءَ جي نالي سان مشهور ٿيو.

قبول بندگي مخصوص اوباد

شيخ شهاب الدين حق‌گو رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ فخرالدين زاهدي رحمة الله عليه جن جا فرزند آهن ۽ پنهنجي والد بزرگوار جا ئي مريد ٻه آهن. ملڪ ۾ سير سياحت جو خيال پيدا ٿيو ته پنهنجي والد بزرگوار کان اجازت گهريائون. مگر اُها قبول نه ٿي. جيئن ته پيءُ جي ناخوشيءَ سان ٻه سندن ارادو تبديل نه ٿيو. ان تي پيءُ دعا ڏنن ته جنهن کي تون مٿاهون ڪرين خدا ڪري اُهو ٻه توسان اهڙو برتاءُ ڪري جهڙو تون مون سان ٿو ڪرين. ڳالهه ختم ٿي وئي. جڏهن پاڻ دهليءَ ۾ پهتا ته شروع شروع ۾ ڪنهن ٻه قبول

www.maktabah.org

ڪري سندن عزت ڪانه ڪئي. پاڻ ڪاوڙ ۾ اچي فرمايائون ته مان هن اقليم جي سلطنت کي وڪڻان ٿو خريدار جي ڳولا آهي. محمد شاهه رستي ۾ وڃي رهيو هو جيڪو تغلق شاهه جو پٽ ۽ شيخ نظام الاولياءَ جو مريد هو. ان جي ڪَنَ ۾ هي آواز پيو. نياز منديءَ سان آواز ڏيڻ واري جي پرسان اچي وينو ۽ عاجزي ۽ نرميءَ سان عرض ڪيائين ته هن متاع جو خريدار مون کي سمجهو. پاڻ فرمايائون ته تنهنجي انڪساريءَ سان گذارش جي ڪري توکي مفت ڏئي ڇڏيم. تغلق شاهه کي هي واقعو ناگوار لڳو پر جڏهن معلوم ٿيس ته سودو سندس پٽ سان ئي ٿيو آهي ته خدا پاڪ جو شڪر بجا آندائين. جڏهن سودي جي تڪميل قبضي سان ٿي وئي ته هن جي حڪمرانيءَ جي نشي ۾ بدمستي پيدا ٿي. ايتري قدر جو انهيءَ زماني جي عالمن کي پنهنجي درگاهه ۾ گهرائي نالائقيءَ جا لفظ زبان تي آندائين ته ولايت جي خاتمي وانگر نبوت جي خاتمي کي عقل تسليم نه ٿو ڪري. انهيءَ بيهودي ڳالهه جي جواب ۾ عالم انديشي ۾ پئجي ويا ۽ آخر عرض ڪيائون ته شيخ شهاب الدين زاهدي اسان سڀني کان وڏيڪ بزرگ ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ نهين کان بهرور آهي. هن معرڪي ۾ انهيءَ جو هجڻ ضروري آهي ته جيئن انهيءَ جي اتفاق سان هن باري ۾ گفتگو ڪئي وجي. جڏهن شيخ شهاب الدين هن پريشان ميڙ ۾ پهتو ۽ حڪمران جي مالڪوليا بيان ڪئي وئي ته شيخ کي ڪاوڙ اچي وئي. جيئن ته ڪو هٿيار ان وقت نه مليو لاچار پنهنجي پير مان جُوتو لاهي حڪمران جي منهن تي وهائي ڪيائين ته جيئن خواريءَ سان قتل نه ڪيو وجي بلڪ شهادت ۾ اڳهاڙين پيرن وڃڻ نصيب ٿئي. محمد شاهه هن حالت تي سخت برهم ٿيو ۽ حڪم ڏنائين ته هن کي قلعي مٿان هيٺ خندق ۾ اڇلايو. ٻه دفعا ايترو مٿان اڇلائڻ جي باوجود ڪا تڪليف نه پهتن. مگر ٽيون دفعو ڪرڻ جي حالت ۾ پنهنجي والد بزرگوار جي مثالي صورت نظر آين ۽ ڪين هدايت ڪيائون ته خودداريءَ کان پرهيز ڪري نيستيءَ جي سراءِ کان هستيءَ جي ملڪ ڏي هليو وڃ. لهاذا پاڻ کي ايزدي مشيئت جي حوالي ڪري ولايت سان شهادت کي شامل ڪري ڇڏيائون ۽ حُسيني درجو ماڻيائون. پراڻي دهليءَ ۾ سندن قبر ٿاهي وئي. ان وقت کان پاڻ حق گو جي لفظ سان ياد ڪيا ويندا آهن.

www.maktabah.org

قاضي حميدالدين ناگوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو محمد آهي. پنهنجي پيءُ خواجہ عطاءُ الله سان گڏ سلطان معزالدين سام جي زماني ۾ دهليءَ آيا کين رسمي علمن ۾ اجتهاد جو درجو حاصل هو. پيءُ جي وفات کان پوءِ ناگور ڳوٺ جي قضا جو عهدو سندن نالي تي ٿيو. ڪمال جرائت کان ڪم ونندي منصب کي هلائيندا هئا. ٽئين سال خواب ۾ حضرت خاتم الانبياءَ عليہ الصلواة السلام جن کين پاڻ ڏي سڏيو. صبح ٿيندي قضا جو عهدو ڇڏي خشڪيءَ جي رستي حرمين شريفين ڏي روانہ ٿيا زادهما الله شرفا- بغداد ۾ شيخ شهاب الاولياءَ سهروردي رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. اکين ۾ دل نور محسوس ڪيو ۽ خدمت جي ذريعي ٿورن ئي ڏينهن ۾ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ خواجہ قطب الدين اوشي رحمة الله بہ بغداد ۾ هئا. ۽ هنن ٻنهين جي وچ ۾ دوستي ۽ رازداريءَ جا عهد ۽ پيمان استحڪام سان ٿيا. جڏهن قاضي صاحب انهيءَ ولايت جي شهر (بغداد) کان روانہ ٿي مڪي معظمہ ۾ پهتا تہ هڪ ڏينهن طواف ڪندي هڪ درويش جي پويان هلڻ لڳا. اڳيان هلندڙ درويش پوئتي منهن ڦيرائي ڏنو ۽ فرمايو تہ پيروي ڪرڻ حقيقت ۾ سڻي ڳالهہ آهي. ليڪن جيستائين صورت ۽ معنيٰ هڪ رنگ نہ ٿين ڪجهہ فائدو نہ ٿو ٿئي. مان هر قدم ۾ ختم قرآن الحمد کان والناس تائين پورو ٿو ڪيان. تون تہ ائين ڪونہ ٿو ڪرين. طريقت ۾ اهڙو اتباع درست نہ آهي. هيءُ ٻڌي قاضي صاحب جو حال دگرگون ٿيو. هڪ سال تائين مدينہ منوره ۾ مجاور رهيا ان کان پوءِ دهليءَ اچي قطب الاولياءَ سان ملاقاتي ٿيا ٻنهين کي هڪ ٻئي جي ديدار سان خوشي ٿي. ساڳي پراڻي دوستي وڌڻ لڳي.

چون ٿا تہ انهن ڏينهن ۾ دهليءَ جي فتويٰ لکندڙ ۽ ڪاغذن تي لکيل علم جي عالمن راڳ جي حرمت ۽ ٻڌڻ وارن جي تعزير جي باري ۾ فتويٰ ڏني. ۽ هڪ ٻئي جي دستخطن سان ان کي سينگاريائون. ۽ قاضي حميدالدين جو هي حال هو جو سرود ۽ سماع تي عاشق هئا. جڏهن هي مضمون سندن ڪنن ۾ پهتو تہ شيخ جمال الدين داؤد کي فرمايائون (جيڪو سندن محرم دوستن مان هو ۽ مٿين فتويٰ تي ان جي بہ مُهر لڳل هئي) داؤد! جيڪي جماعت اجا تائين

www.maktabah.org

طبيعت جي قيد کان آزاد نہ ٿي آهي. اُها جيڪڏهن اهڙي فتويٰ لکي تہ تعجب جي ڳالهہ ناهي؟ ليکن تعجب تہ توتي آهي جو درويشن جي توجہ جي ڪري مردانِ خدا ۾ شامل ٿي ويو آهين ۽ اجا تائين ٻارن وانگر منّيءَ سان ٿو راند کيڏين. شيخ جمال الدين داؤد پشيمان ٿي قاضي صاحب جي قدمن ۾ مٿو رکي ڇڏيو.

سخن داني ۽ سخنوريءَ ۾ کين گهڻو ڪمال هو. ۽ سندن تصنيفون سندن سخنداني جون شاهد آهن جيئن لوائح- طوائع الشموس درشرح اسماءُ الحسنيٰ مشتمل بہ جلد- گهڻن حقيقتن ۽ معرفت جون ڳالهيون هنن ٻنهين ڪتابن ۾ پنهنجي قلم سان لکيون اٿن.

هڪ ڏينهن شيخ برهان الدين بلخي ۽ شيخ ڪبير خوارزمي عربي گهوڙن تي پاڻ ۽ هڪ نندي خچر تي سوار هئا. شيخ ڪبير فرمايو تہ حميد تنهنجو مرڪب صغير آهي. پاڻ جواب ڏنائون تہ بيشڪ ليکن رفتار ۾ ڪبير کان وڌيڪ آهي.

چون ٿا تہ تاريخ اٺتيهين رمضان المبارڪ هجري سن ڇهہ سؤ ستيتاليهہ ۾ کين بارگاه مولیٰ جو اشتياق حد کان گهڻو ٿيو ۽ هن ناپائدار دنيا کان ملول ٿيا. تراويح ۽ وتر کان فارغ ٿي سجدي ۾ سر رکيائون ۽ واصل حق ٿيا. حالانڪ کنهن بہ قسم جي بيماري نہ هئن.

شيخ فريد الدين گنج شڪرؒ جي ياد ۾

سندن نالو مسعود ابن سليمان ابن قاضي شعيب ابن احمد ابن يوسف ابن شهاب الدين ابن فرخ شاه ڪابلي آهي ۽ ڏهن واسطن سان نسب جو سلسلو حضرت فاروق اڪبر سان وڃي ملي ٿو. سندن ٽيون ڏاڏو چنگيزي عهد ۾ هندستان آيو هو. ۽ ڪوتوال نالي ڳوٺ ۾ قيام فرمايو هئائون ۽ انهيءَ ئي جاءِ تي سندن ولادت باسعادت ٿي هئي. جوانيءَ جي شروع ۾ رسمي علمن کي حاصل ڪندا رهيا پوءِ ملتان اچي هڪ مسجد ۾ گوشي نشيني اختيار ڪيائون. خواجہ قطب الدين بختيار اوشيؒ سمرقند کان سياحت ڪندا پنهنجي پير بزرگوار جي خدمت لاءِ دهليءَ جي طرف وڃي رهيا هئا ۽ رستي هلندي انهيءَ

www.maktabah.org

مسجد وٽان بہ گذر ٿيو ۽ کين ملاقات فيض آثار نصيب ٿيا هڪ کتاب سامهون هئن. خواجہ رحمۃ اللہ علیہ پُڇن تہ کهڙو کتاب آهي. جواب ڏنائون نافع- فرمايائون نافع آهين. عرض کيائون تہ درويش جو نفعو تہ خدمت ۾ هو. کي چون ٿا تہ خواجہ رحمۃ اللہ علیہ انهيءَ ئي دفعي پاڻ سان دهليءَ وٺي وين ۽ کي چون ٿا تہ پاڻ رستي تي ئي تحصيل لاءِ قندار ۽ سيستان وڃڻ جي اجازت گهري ۽ علم جي تحصيل ڪري پوءِ دهليءَ آيا ۽ خواجہ رحہ جا پوئلڳ ٿيا. جيئن تہ هن شهر ۾ ماڻهن جي هجوم سان تشويش پيدا ٿي ۽ عبادت ۾ يڪسوئي حاصل نہ ٿي. ان ڪري هانسيءَ جي طرف روانہ ٿي ويا. اتي بہ ائين ئي ماڻهن جو انبوه رهندو هو ۽ وقت ائين ئي ضايع ٿيندو هو لاچار اجوڌن (هاڻي پاڪ پٽن شريف جي نالي سڏبو آهي) ۾ اچي پهتا. جيئن تہ هن ڳوٺ جا ماڻهو ملنسار ۽ درويش دوست نہ هئا لهذا اتي ئي قيام فرمايائون. ۽ نفس جي لڙائيءَ ۾ ڪمال ڪوشش کيائون. چند سالن تائين جَوَن جون ٽڪيون ناهي پيٽ سان ٻڌندا هئا ۽ پاسي ۾ لکل دشمن (نفس) کي فريب ڏيندا هئا ۽ آخرڪار فتح مند ٿيا. هندستان جا سڀ مشائخ متفق اللفظ چوندا آهن تہ رياضت ۽ روح جي پرورش ۾ گنج شڪر جهڙو کوبہ درويش پيدا نہ ٿيو.

گنج شڪر جي خطاب جي سبب ۾ ڪيترائي قسم جا بيانات ڏسڻ ۾ آيا ليڪن گهڻو مشهور اهو آهي تہ بنجارن جو هڪ قافلو رستي ۾ ملين. دريافت کيائون تہ توهان وٽ کهڙو سامان آهي هنن جواب ڏنو تہ لوڻ آهي. فرمايائون تہ ها لوڻ هوندو. سندن اهو فرمائڻ شرط ڪنڌ جون ڳوڙيون لوڻ جون ٿي پيون. قافلي وارا بنجارا پشيمان ٿيا ۽ اصل معاملو حاضر ٿي ظاهر کيائون. فرمايائون تہ غم نہ ڪيو جيڪڏهن ڪنڌ هئي تہ ڪنڌ ٿي ويندي. مطلب تہ سندن عجيب ۽ غريب ڳالهيون گذريل تاريخ جي ڪتابن ۾ گهڻيون لکيل آهن. هتي لکڻ جي ضرورت نہ آهي.

هڪ ڏينهن شيخ نظام الاولياء رحمۃ اللہ علیہ لوڻ قرض تي وٺي فقيرن جي ڪاڏي ۾ وڃي چڙيو جڏهن پاڻ ان مان گرهہ ڪنيائون تہ وزن معلوم ٿين فرمايائون تہ گرهہ جو وزني ٽيڻ جو چا سبب آهي. ڪيفيت حال عرض ڪئي وئي. فرمايائون تہ صوفيءَ کي قرض ڪٽڻ جائز نہ آهي. جيڪي ڪجهہ ملي ان تي قناعت ڪري ۽ فرمايائون تہ صوفي اُهو شخص آهي جيڪو موجود تي راضي رهي ۽ عدم

www.maktabah.org

موجودگيءَ جي ڳولا ۾ ڪوشش نہ ڪري.

عوارف المعارف سهروردیہ تي سندن عمده عمده حاشيہ ۽ وڏيون ڳالهيون لکيل آهن. جيڪي مطالعي سان تعلق رکن ٿيون.

شيخ بدرالدين اسحاق کي رحلت واري رات ۾ فرمايائون تہ شخص نظام الاولياءؒ کي سلام کان پوءِ چئجانءِ تہ دوستن جي جدائيءَ جو رنج ۽ ملاقات جو شوق فريدؒ پاڻ سان کڻي ويو ۽ پير بزرگوار جو خرقو تو لاءِ موڪليو اٿس. مبارڪ هجي. تاريخ پنجين محرم هجري سن ڇهہ سؤ ڇوهٺ ۾ پنجانوي سالن جي عمر کان پوءِ ظاهري عالم کان قديمي وطن ڏي بازگشت فرمايائون جيڪا غيب الغيوب جي بارگاه آهي.

انجمن فرزندان ۽ شيخ السلامي مخدوم شيخ فريدالدين گنج شڪر اجوڌني کابليؒ

چون تا تہ شيخ الاسلام جن کي پنج فرزند ۽ ٽي نياڻيون هيون. انهن ئي اٽن جا احوال اخلاق ۽ افعال اٽن ئي بهشتن لاءِ سرسبزيءَ جو سامان آهن. هنن اٽن ئي ميويدار ۽ ڇانو ڏيندڙ ٻوٽن جي برڪت سان دنيا جي ولايت واري باغ ۾ اهڙا تہ هدايت جا ميوا پيدا ٿيا جن جي شان ۾ لاَ مَقطُوعَةٌ وَلاَ مَرفُوعَةٌ آهي ۽ جن جي ذريعي زماني وارن کي ڪمال فيض ۽ فائدو پهتو آهي.

پهرئين فرزند جو نالو **شيخ نصيرالدين نصرالله** آهي. انهن جو بہ هڪ فرزند هو شيخ بايزيد، درويشن جا طور طريقا ۽ خوشبو ان ۾ موجود هئي. شيخ نظام الاولياءجو خليفو شيخ ڪمال مالوه. جن جو روضو ڳوٽ وهاڙ ۾ آهي. انهيءَ ئي شيخ بايزيد جا فرزند ارجمند آهن. هن زماني ۾ مالوه ۾ شيخ ڪمال جي نسل مان هڪ جماعت آهي. الله جل شانہٗ هن جماعت کي پنهنجي آباءِ ڪرام جون نيڪ عادتون عطا فرمائي.

ٻيو فرزند **شيخ شهاب الدين** هو. پاڻ درسي ۽ حقيقي علمن جا عالم ۽ تقويٰ جي شاهراه جا سالڪ هئا. ڪتاب عوارف المعارف جي درس ۾ شيخ نظام الاولياءَ جا هم سبق رهي چڪا آهن. شيخ نظام الاولياءَ جو بيان آهي تہ جيئن تہ گنج شڪر وارو نسخو باريڪ قلم سان لکيل ۽ ڪجهہ غير صحيح

www.maktabah.org

هو. ان ڪري درس جي وقت لازمي ديرِ رڪاوٽ ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن عرض ڪيم ته شيخ نجيب الله متوڪل وٽ جيڪو ڪتاب آهي ان جي عبارت بہ صحيح آهي ۽ سنو لکيل بہ آهي. هيءَ ڳالهہ طبع مبارڪ تي ناگوار گذري ۽ ٿوري دير غور ڪري پوءِ غصي ۾ اچي ڪيترا دفعا فرمايائون ته شايد درويش کي غير صحيح ۽ تصحيح جي طاقت ڪانهي. فقير مٿو اُگهاڙو ڪري قدم مبارڪن تي رکي معافي گهري ليڪن قبول نہ پئي ان ڪري مان تنگدل ٿي جهنگ ڏي هليو ويس ۽ جان ۽ ايمان کسجڻ جو خوف هو. جنهن جي ڪري حيران ۽ بيقرار ڦرندو رهيس. ايتري ۾ شيخ شهاب الدين کي هن حال جي خبر پئي. پاڻ منهنجي غمگيني ۽ شرمندگي اهڙي ته خوبيءَ سان پنهنجي والد بزرگوار جي حضور ۾ بيان ڪئي جو مقبول ٿي وئي. چنانچہ پير بزرگوار جن پنهنجي حضور ۾ مون کي طلب ڪري منهنجو قصور معاف فرمايو. خوف ۽ نااميديءَ جي ميراڻ دور ڪري پريشان دل کي اميدوار ڪري اطمينان ڏياريو. پئي ڏينهن خلافت جي خلعت عطا فرمائي سرفرازي بخشي.

ٽيون فرزند **شيخ بدرالدين سليمان** هو. جيئن ته انوار الاهيءَ جي چمڪ ڏمڪ سندن سيرت ۽ صورت مان نمايان هئي. لهذا پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جا جانشين ٿيا. ۽ گنجشڪري سجاده جو وڃائڻ ۽ شيخ الاسلامي رستي جو هلڻ کين نصيب ٿيو. چون تا ته خواجہ زور ۽ خواجہ غوريہ پئي بزرگ چشت کان اجوڌن ۾ آيل هئا حضرت گنجشڪر جن سجاده نشين کي هنن ٻنهين بزرگن جو مريد ڪرائي خلافت جو ڪلاہ ڏياريو هو. جڏهن سندن رهنمائيءَ جو وارو پورو ٿيو ته پنهنجي والد جي حظيره منوره ۾ خوابگاه تجويز ڪري سمهي پيا.

چوٿون فرزند **خواجہ نظام الدين** هو. سندن مهربان والد کين پنهنجو يوسف سمجهي ساڻن يعقوبي برتاءُ ڪندا هئا. ۽ پاڻ پنهنجي حقيقت جو احوال سپاهياڻي شان ۾ لکايو وتندا هئا. هڪ ڏينهن مشرڪن سان جنگ جو اتفاق ٿيو ته اڪيلي سر چند مخالفن کي دوزخ ڏي روانو ڪري پاڻ شهادت جي ذريعي بهشت ڏي روانہ ٿيا. چون تا ته سندن جسم مبارڪ لڙائيءَ واري جاءِ تي ڳولڻ جي باوجود نہ مليو. سندن هڪ فرزند هو ڪمالات جو صاحب خواجہ ابراهيم نالو هئس ۽ خواجہ ابراهيم جو بہ هڪ پٽ هو خواجہ عزيزالدين نالو هئس جن کي شيخ نظام الاولياءَ جي خدمت سان ظاهري ۽ باطني فضيلت ۽

www.maktabah.org

ولايت حاصل هئي. ۽ روضي نظاميہ ۾ ئي سندن قبر آهي.

پنجون فرزند **شيخ يعقوب** هو. پاڻ سيني ۾ ننڍا هئا. سيد امير خرد ڪرماڻي پنهنجي والد ماجد جي زبان سان روايت ٿا ڪن تہ هو فرمائيندا هئا تہ مان شيخ يعقوب جي خدمت ۾ ڪمال درجي جي دلبستگي رکندو هئس. پاڻ ملامت ۽ خرابات نشينيءَ کي پنهنجي درويشاڻي مراتب جو برقعو بنائي رکيو هو. چنانچہ هڪ دفعي رات جو ذڪر آهي، جنهن شهر ۾ پاڻ رهندا هئا. اتان جي حاڪم جي پيٽ ۾ اهڙو تہ سور پيو جو ڇڻ تہ مرڻ جي ويجهو اچي ويو. حاڪم جا ملازم شيخ يعقوب جي ڳولا ۾ ڦرڻ لڳا شايد سندن دعا جي برڪت سان هي ملڪ آباد رهي. گهٽي ڳولا ڪان پوءِ مٿو اُڳهاڙو ۽ وار اُلجهيل انهيءَ حيثيت سان ميخاني ۾ مليا. حاڪم جي درد جي ڪيفيت عرض ڪئي وئي. فرمايائون- اسان جو روز جو خرچ ختم ٿي ويو هو اُتان اُٿيا ۽ حاڪم جي گهر پهتا ۽ پنهنجي هٿ سان حاڪم جي پيٽ کي مهٽيائون. اُنهيءَ وقت فوراً صحتيابي ٿي وئي. حاڪم گهٽو ڪجهہ جنس ۽ نقد نذر ڪيو. چون ٿا تہ صبح تائين سڀ خيرات ڪري ڇڏيائون سڄ نڪرندي هڪ ڪوڙي بہ باقي نہ رهي. ڪين ڳوٺ امروهہ جي حدن ۾ رجال الغيب پاڻ سان ڪٽي ويا ۽ ماٺهن جي نظرن ڪان لڪائي ڇڏيائون. پاڻ بہ فرزند ڇڏيائون جن جون عادتون ۽ طور طريقا بزرگان سلف جي مثل هئا ۽ ظاهري ۽ باطني فضيلتون بہ رکندا هئا. هڪڙو خواجہ معزالدين جن کي مقام ديوگير ۾ شهادت نصيب ٿي. ديوگير کي هن زماني ۾ دولت آباد چوندا آهن. ۽ ٻيو خواجہ قاضيؒ هنن بہ دهليءَ ۾ رحلت فرمائي.

پنجن ئي فرزندن جو تہ بيان ٿي ڇڪو. هاڻي ٻڏو نياڻين جو حال هن طرح آهي تہ وڏي نياڻي جو نالو بي بي مستوره هو. جن پنهنجي سڄي عمر عصمت ۽ عفت سان گذاري.

بي بي شريفہ جيڪا زهد ۽ عبادت ۾ پنهنجي زماني جي رابعہ هئي ۽ حضرت گنجشڪرؒ سندس باري ۾ اڪثر فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن عورتن کي خليفو ڪرڻ جائز هجي ها تہ مان شريفہ کي پنهنجو خليفو ۽ سجاده نشين ڪري ڇڏيان ها.

ٽين بي بي فاطمہ جيڪا مولانا بدرالدين اسحاق جي نڪاح ۾ اچي خانواده مشيخت جي ڪنوار ٿي.

www.maktabah.org

پهرين نياڻي مستوره کي هڪ فرزند هو. خواجہ عزيز صوفي نالو هئن. حضرت آدم صفي الله جي خلافت جا سڀ طور طريقا انهن ۾ موجود هئا. پنهنجي قلم سان مختلف طرح جا خط نهايت خوبصورتيءَ سان لکندا هئا. تحفة الابرار في کرامت الاخيار. شيخ نظام الاولياءجي مناقب ۾ ۽ وڏيڪ سندن عمده عمده ڳالهين جي بيان ۾ سندن تصنيفات آهي. کين هڪ فرزند هو خواجہ قطب الدين حسن ان کي خلافت جي خلعت چراغ دهلوي شيخ نصيرالدين محمود جي خدمت مان حاصل ٿي هئي.

ٽين نياڻي بي بي فاطمہ جو مڙس بدر اسحاق جڏهن عالم بقا ڏي راهي ٿيو تہ نظام الاوليا کين دهليءَ ۾ سڏايو ۽ کمال درجي جي خدمت ڪئي سندن ٻہ فرزند يادگار رهيا خواجہ محمد ۽ خواجہ موسيٰ- خواجہ احمد نيشاپوري شيخ الاسلام جا خاص مريد هئا جنهن با اتفاق راءِ شيخ نظام الاوليا هنن ٻنهين عالي قدر گوهرن جي پرورش فرمائي ۽ انساني ڪمالات تي پهچايو جنهن جي معنيٰ اها آهي تہ "بازگشت ڪرڻ هن عالم خاڪ مان عنصري لباس ۾ وحدت جي پاڪ جهان ڏي"- جڏهن عنصري علائقن کان الڳ ٿي ڪوچ ڪرڻ جو وقت آيو تہ روضي نظاميہ ۾ خوابگاه ٺهي.

شماره برگزيده خلفاءِ گنجشڪري رحمۃ اللہ علیہ

شيخ جمال الدين احمد هانسوي رحمۃ اللہ علیہ— جيئن تہ طريقت ۽ حقيقت جو جمال ۽ جمال جي چمڪ ڏمڪ سندن حالات کان ظاهر هئي لهذا پير جي قلبي ۽ نظري توجہ جي اثر سان سندن صدق ۽ صفا ڪمال جي حد تائين پهچي ويو هو.

مولانا برهان الدين ابن شيخ جمال هانسوي رحمۃ اللہ علیہ— چون تہ شيخ جمال جو روح بدن جي لباس کان مجرد ٿي رحلت ڪري ويو تہ خلافت جو خرقو ۽ عصا جيڪا شيخ جمال وٽ هئي. پير جي اشاري سان سيني فرزندن مان صرف برهان الاولياءَ کي عنايت ٿي.

شيخ علي صابر رحمۃ اللہ علیہ— جڏهن سندن خلافت جي سند جمال الخلفاء قاڻي چڏي تہ سندن ماءُ جيڪا حضرت گنجشڪر رحمۃ اللہ علیہ جن جي همشيره هئي. اها حالت

www.maktabah.org

پاءُ کي ٻڌائي. انهن فرمايو تہ جمال جي قاڙيل کي فريد نہ ٿو سڀي سگهي جڏهن صابر رحہ جن جواب جو مضمون ٻڌو تہ پنهنجي اسم ۽ رسم جي مطابق پنهنجي ماءُ کي بہ صبر جي تلقين کيائون ۽ چيائون تہ کوبہ غم نہ کر جيڪڏهن جمال جي مضطرب هٿ صابر جي خلافت جي سند قاڙي ڇڏي تہ صابر جي صبر جي هٿ بہ جمال جي سند جو ورق قاڙي ڇڏيو. هاڻي کوبہ بزرگ جمال جي رهنمائيءَ سان حضرت گنجشکر رحہ جن جي سلسلي کي نہ پهچي سگهندو. چون تہ تہ شيخ جمال جي خلافت شيخ جمال تي ئي ختم ٿي وئي ۽ کوبہ شخص سندن ذريعي سان سلسلہ داريءَ جي درجي کي نہ پهتو.

شيخ علاؤالدين محمد ابن شيخ الاسلامي رحمۃ اللہ علیہ — پنهنجي والد کان پوءِ ٻن نسلن تائين پاڻ موروثي سجاده تي سلسلہ داري کيائون. ۽ شڪر جو سجدو ادا ڪندا رهيا. جڏهن آخرين سفر پيش آيو تہ پنهنجي جد امجد جي مقبري جي زمين ۾ خوابگاه اختيار کيائون. سلطان محمد تغلق هڪ وڏي ڪرسيءَ جو گنبذ سندن قبر تي تعمير ڪرايو ۽ سندن فرزند شيخ معزالملک جو خطاب ڏئي گجرات جي صوبي جو گورنر (صوبہ دار) مقرر کيائون. شيخ معزالدين گجرات ۾ ئي رحلت فرمائي. شيخ علاؤالدين جي ٻئي پٽ شيخ علم الحق و الدين هئا. هي شيخ الاسلاميءَ جي منصب تي سرفراز ٿي ويا

شيخ محمد تاج رحمۃ اللہ علیہ — ولد خواجہ تاج الدين محمد— سندن حالات ۾ هڪ وڏو شان پيدا ٿيندو هو. پاڻ سلطان مظفر گجراتيءَ جي عهد ۾ تاج العلماءَ جو خطاب حاصل ڪيو.

شيخ نورالدين احمد رحمۃ اللہ علیہ منڊو (مانڊوءَ) وارو— پاڻ بہ حضرت گنجشکر جي پاڪ نسل مان آهن. هميشہ سکر جي حالت ۾ رهندا هئا.

شيخ فخرالدين گنج اسرار رحہ جونپوري— سندن صاف دل انوار ۽ اسرار جو خزانو هئي. فرمائيندا هئا تہ درويشيءَ جي ڪمال منهنجي باطن ۾ بغير ڪنهن انسان جي ذريعي جي ازخود رب جي طرف ظهور ڪيو آهي ۽ شيخ نظامي گنجوي رحمۃ اللہ علیہ جا بيت پنهنجي پنهنجي حال سان ملائي پڙهندا هئا. هي بيت الڳ سندن بيان ۾ لکيا ويندا. سندن مريد گهٽا آهن. خواب گاه جونپور.

شيخ علاءالدين عرف فيل مست رحہ— پاڻ لفظ فيل مست سان ياد

www.maktabah.org

کيا ويندا هئا.

شيخ نورالدين رحمة الله عليه — پاڻ حضرت گنج شڪر رحہ جن جي اولاد مان آهن. پنهنجي ڏاڏي شيخ تاج الدين ابن شيخ عبدالصمد ابن شيخ منو اجوڌني جا مريد آهن جن کي ماڻهو فريد ثاني ۽ پنهنجي وقت جو گنجشڪر چوندا هئا. تاريخ پندرهين ربيع الثاني هجري سن نو سؤ ستيتاليهہ ۾ هن فاني عالم مان لاڏاڻو ڪري ويا. دهليءَ جي قلعي جي ميدان ۾ سندن قبر آهي. مطلب تہ هند ۽ سنڌ جا سڀ شهر ۽ طرف شيخ الاسلام جي اولاد جي مسڪن ۽ قدمن جي برڪت سان دارالولايت ٿيا پيا آهن. الله جل شانہُ پنهنجي عنايت سان هن فروغ کي افزوني ۽ استمرار عطا فرمائي. الا يوم التناد- آمين.

شيخ جمال الدين احمد خطيب هانسوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ حنفي نسل جا آهن. حضرت گنجشڪر رحہ کين گهٽو دوست رکندا هئا ايتري قدر جو سندن محبت ۾ ٻارهن سال ڪامل هانسيءَ ۾ قيام فرمايائون. ۽ هيءَ ڳالهہ فيصلو ٿي هئي تہ منهنجي خليفن مان جنهن کي منهنجو جمال مناسب سمجهي ان جي خلافت مون کي تسليم آهي. شيخ جلال الدين جنهن جو اجازت نامون ڦاڙي ڇڏيندا هئا تہ ان جي باري ۾ حضرت گنجشڪر رح فرمائيندا هئا تہ جمال جي ڦاڙيل کي فريد سبي نہ ٿو سگهي. هي شيخ جمال جي سراپا نصيحت جي ڪلمات مان آهن. "گفتار بغير ڪردار جي زيب نہ ٿي ڏئي، جنهن جي رفتار توهان نہ هلي سگهو ان جي گفتار ڇڏي ڏيو چو تہ اهڙي گفتار بلڪل غير مؤثر هوندي آهي". جڏهن سندن ملاقات شيخ بهاءُ الدين زڪريا رحہ جن سان ٿي تہ شيخ زڪريا کين پنهنجي سيني خليفن تي ترجيح ڏني هئي ۽جيڪا دعويٰ محبت جي لحاظ سان حضرت گنجشڪر رحہ جي خدمت ۾ حاصل هئي ان بنياد تي لکي موڪليو هئائون تہ "مان پنهنجي سيني مريدن ۽ خليفن کي اکيلي جمال الدين جي بدلي ۾ توهان جي روبرو پيش ٿو ڪيان. مروت جي ڳالهہ اها آهي تہ سودو درهم برهم نہ ڪيو وجي". حضرت گنجشڪر رحہ جن جواب ۾ لکيو تہ "جمال منهنجو جمال آهي. معاوضو مال ۾ ٿي ٿو سگهي جمال ۾ نہ". شيخ جمال جو هڪ نظر آهي جنهن ۾ اولياءَ

www.maktabah.org

الله جي مرتبن ۾ رجال الله جا حالات نظر کيا ويا آهن. هن نظر جي پڑهڻ سان سندن عمدگي ۽ عرفان جي کيفيت کنهن حد تائين ظاهر ٿئي ٿي.

شيخ عارف ملتاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ملتان جي حاڪم وٽ پيش امام هئو. چون ٿا ته ملتان جي حاڪم هڪ دفعي ڪجهه نقد سندن هٿان حضرت گنجشڪر رحه جن جي خدمت ۾ موڪليو پاڻ حرص ۽ طمع ۾ اچي اڏو اڏ ڪري هڪ حصو نذرانو پيش ڪيو. حضرت گنجشڪر رحه جن فرمايو ته تو اڏ حصو ڪنبو چگو ڪيئي. پاڻ هي ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ جيڪي ڪجهه بچايو هئائين سامهون آڻي رکيائين ۽ نوڪريءَ کي الوداع چئي حضرت گنجشڪر رحه جي خدمت اختيار ڪيائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندن ڪم ۾ شائستگي پيدا ٿي لهذا حضرت گنجشڪر رحه جن خلافت جو خرقو ۽ اجازت نامو ڏئي قندار ۽ سيستان وڃڻ جو حڪم صادر فرمايو ته جيئن اتان جي ماڻهن جي رهنمائي ڪري. پاڻ اجازت نامي کي چمي ڏئي خدمت ۾ رکيائون ۽ عرض ڪيائون ته رهنمائي تمام وڏو ڪم آهي مون جهڙي شخص کان خوبي ۽ شائستگيءَ سان سرانجام نه ٿي سگهندي. بهتر اهو آهي ته حجاز جي سفر جي مون کي اجازت ڏني وجي ته جيئن باقي بچل زندگي انهيءَ ئي ابراهيمي مقام ۾ بسر ڪيان آخرڪار ٻنهين طرفن کان آخري ڳالهه تي قراردار ٿي عمل ٿيو.

شمس الدين داؤد پالهي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پالهي— رودليءَ جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي. پاڻ حضرت گنجشڪر رحه جا خاص مريد ۽ شيخ نظام الاوليءجا همراز ۽ هم سفر هئا. چون ٿا ته هر روز صبح جو گهر کان نڪري جنگل ڏي هليا ويندا هئا. جنگل جا سڀ جانور سندن چوڌاري جمع ٿي ويندا هئا. ۽ ڪنهن به جانور يا پکيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف پهچائڻ يا خوف باقي نه رهندو هو. انتظار سان سندن جمال کي ڏسندا رهندا هئا ۽ پاڻ مراقبي جي حالت ۾ مستغرق رهندا هئا. ۽ جڏهن رات ٿيندي هئي ته گهر واپس ايندا هئا. انهيءَ ئي حالت ۾ زندگي گذاري ڇڏيائون.

www.maktabah.org

مولانا احمد حافظ دهلوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ رسمي ۽ حقيقي علمن جا خزانا ۽ پرهيزگاري ۽ معرفت جي کاڻ هئا شيخ نظام الاولياءکان روايت آهي فرمائن تا ته مان هڪ دفعي حضرت گنج شڪر رحہ جن جي مقدس روضي جي آستاني بوسيءَ لاءِ وڃي رهيو هئس. سرسي نالي ڳوٺ ۾ ساڻن ملاقات ٿي، جڏهن معلوم ٿين ته مان کاڏي وڃي رهيو آهيان تہ پيغام ڏنائون تہ اميد ته تون جلد پهچندين روضي مقدس تي منهنجا سلام عرض ڪري التماس ڪجان تہ دنيا جا طالب- آخرت جا طالب ۽ بنهين جا طالب سڄي روءِ زمين تي گهٽا آهن ليڪن هن نيازمند جي آرزو انهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي تہ هن جي دعا تَوَفَّنِي مُسْلِماً وَّ اَلْحِقْنِي بِالصّٰلِحِيْنَ (تون مون کي فرمانبرداريءَ جي حالت ۾ دنيا مان گهراءِ ۽ مونکي پنهنجي نيڪ بندن ۾ داخل فرماءِ) قبول ٿي وڃي. (آمين).

شيخ بهاءُ الدين محمد سيڪري وال رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ الاسلام گنجشڪر رحہ جي پاڪ نسل مان آهن. نافرمان نفس جي جنگ ۾- فقر ۽ تنگ دستيءَ جي قبول ڪرڻ ۾ ۽ مال متاع ڇڏي ڏيڻ ۽ پنهنجي بزرگوار پيءُ ڏاڏن جي مثل هئا ۽ گهٽا ئي شائستگيءَ جا آثار سندن پيشانيءَ مان ظاهر هئا.

شيخ بهاءُ الدين زڪريا پور مولانا وجيہ الدين ابن علي شاهہ قرشي خوارزمي رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن والده ماجده مولانا حسام الدين جي ڏيءُ آهي. سندن ولادت ڪوٽ ڪروڙ ۾ ٿي جيڪي قلعا سبڪتگين جي پٽ هندستان ۾ فتح ڪيا هئا انهن ۾ هي پهريون قلعو هو ۽ سندن خوابگاه ملتان ۾ آهي. ٻارهن سالن جي عمر ۾ قرآن حفظ ڪيائون ۽ قراءة بہ حاصل ڪئي هئائون. والد هڪ هيري وانگر کين يتيم ڇڏيو. خراسان ۾ وڃي ڪتابي علم سکيائون. ۽ بخارا ۾ پهچي اجتهاد

www.maktabah.org

جي درجي ۾ قدم رکيائون. اخلاق ۾ اهڙي ته شائستگي هئن جو زماني وارا کين بهاءُ الدين فرشتو چوندا هئا. پوءِ حرمين شريفين جي خاڪ چمڻ لاءِ بخارا کان جنبش فرمايائون **زَادَهُمَا اللهُ شَرَفاً** - پنج سال مديني منوره ۾ قيام فرمايائون. انهيءَ زماني ۾ شيخ کمال الدين محمد يمني موجود هو جيکو عرب جي محدثين مان هو انهن کان احاديث جي تصحيح ڪري سند حاصل کيائون ۽ هر سال انهن سان گڏ حج لاءِ ايندا هئا پوءِ بغداد ۾ شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ پهچي حقيقتاً بيعت ٿي ٻيا. ۽ سترهن ڏينهن جي اندر خلافت جو خرقو خاتم الانبياءُ عليه السلام جن جي حڪم سان حاصل ڪري واپس ملتان جي اجازت ورتائون. جيڪي صوفي اڳ کان خدمت ۾ حاضر هئا انهن انهيءَ حال تي رشڪ ڪيو ۽ شيخ کي ڪشف جي ذريعي معلوم ٿي ويو. فرمايائون ته توهان جي ڪائين ۾ امڪان جي آلاڻ اڃا باقي آهي ان ڪري باهه جلد اثر نه ٿي ڪري ۽ بهاءُ الدين جون ڪائيون خشڪ ٿي ويون آهن ان ڪري انهن جلدي شعلي کي پڪڙي ورتو. حضرت گنجشڪر رح جن فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن مان شيخ بهاءُ الدين جي نالي خط لکڻ گهريو پئي ليڪن اهو سوچي رهيو هئس ته ڪهڙي لقب جي عنوان سان خط لکان ايتري ۾ منهنجي نظر لوح محفوظ تي پئجي وئي اُتي سندن لقب شيخ الاسلام لکيل ڏٺم لهذا اهوئي لقب لکيم. چون ٿا ته پنهين جهانن جو ڪمال کين حاصل هو ۽ ڪرامتون به هر قسم جون ڪائين صادر ٿيون ستين صفر هجري سن چهه سؤ پنجهٺ هڪ روشن ضمير مرد آيو ۽ سندن فرزند شيخ صدرالدين عارف کي هڪ بند ٽيل خط ڏنو ۽ چيو ته هن کي پنهنجي والد بزرگوار تائين پهچايو. چنانچه پهچايو ويو. محبوب جي خط پڙهڻ شرط عمر گرامي جو زمانو پورو ٿيو. شيخ صدرالدين ٻاهران **وَصَلَ الْحَبِيْبُ الَى الْحَبِيْب** (دوست دوست سان ملي ويو) جو آواز ٻڌو. جڏهن اندر پهتو ته والد کي واصل بحق ڏٺائين. ۽ چوڻ وارو ڪير به موجود نه هو- **اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ**. جهڙي طرح **وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ** (دنيا جي آسمان کي ستارن جي چراغن سان آرائش آهي). اهڙيءَ طرح سندن نسل جي آسمان کي ستن پٽن سان آرائش حاصل ٿي هئي.

www.maktabah.org

(1) شيخ كمال الدين (2) شيخ صدرالدين عارف (3) شيخ شمس الدين محمد (4) شيخ علاؤالدين يحيٰ (5) شيخ محبوب مجذوب (6) شيخ برهان (7) شيخ ضياءُ الدين حامد قدس الله اسرارهم.

هڪ ڏينهن ڪجهه صوفي سندن روبرو تونگريءَ جي مذمت ڪري رهيا هئا. پاڻ فرمايائون ته دنيا ٿورڙي شيءِ آهي جيڪا سيني دنيا وارن ۾ تقسيم آهي. پوءِ هڪ ٿورڙي حصي جو مقدار ڪيترو هوندو. ۽ فرمائيندا هئا ته مال معنوي نانگ آهي جيڪو شخص نانگ جو منتر ڄاڻندو هجي ان کي نانگ جو قرب نقصان نه پهچائيندو آهي ۽ ڪڏهن اهو به فرمائيندا هئا ته دنياداريءَ کي درويش جي ڳَلَ تي نيل جو نشان سمجهڻ گهرجي.

شيخ فخر الدين ثاني رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ شهاب الدين حق گو جا فرزند- خليفا ۽ جانشين آهن. چون ٿا ته فيروز شاهه جي عهد ۾ سيد جلال مخدوم جهانيان سندن ملاقات لاءِ اوچ کان دهليءَ آيا. سلطان فيروز استقبال ڪيو. جڏهن مخدوم جو ديدار ڪيائين ته سلطان کي سعادت نصيب ٿي ۽ اعتقاد وڌيڪ زياده ٿيو. بيعت ڪيائين. ٻئي ڏينهن مخدوم جهانيان سندن خانقاه ۾ آيا. سندن عادت هئي ته هميشه بغير لکيل چند ڪاغذ سامهون رکندا هئا ۽ هر هڪ ڪم جي شروعات ۾ انهن کي کولي ڏسندا هئا. جيڪڏهن لفظ افعَل (ڪر) نڪرندو هو ته اهو ڪم ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن لاتفعل (نه ڪر) نڪرندو هو ته انهيءَ ڪم کان باز ايندا هئا. انهيءَ ترازي سان الله پاڪ جي رضا مندي جو اندازو ڪندا هئا. جڏهن پاڻ مخدوم جي ملاقات لاءِ ورق اٽلايائون ته هر فعي لاتفعل نڪتو. لهذا مجبور ٿي عذر ڪيائون ۽ چيائون ته اڄ ملاقات لاءِ خدا جو حڪم ناهي. انشاءالله وري ڪنهن ٻئي ڏينهن پنهنجي اک ۽ دل توهان جي ديدار سان منور ڪندس. ڪيترا دفعا ٻاهران دروازي تي زنجير لوڏيندا هئا ليڪن اندران منع جي زنجير نه ڪُلي. لاچار مخدوم ترسي پيو. جيئن ته شيخ کي به شوق هو ته ملاقات ٿئي. ان ڪري پنجين دفعي وري فال ڪُلي. هن دفعي حڪم جو صيغو نڪري آيو. فوراً پنهنجي جاءِ تان اُٿي بيٺا. مخدوم کي به خبر پئي ته شيخ اندران پنڌ اچي

www.maktabah.org

رهيا آهن. ترسيا ۽ پالڪيءَ تان لهي آيا ۽ شيخ جي رفتار ڏي حيرت سان ڏنائون ۽ چيائون درست - درست- درويش کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي ته بغير حڪر خدا جي هڪ قدم به نه کٹي. جڏهن پاڻ ۾ هٿ ملايائون ته مخدوم گلي ملڻ جو ارادو ڪيو. شيخ کي مخدوم جي لڪل ڪاروائي معلوم هئي ته جنهن سان به گلي ملندا آهن ته جيڪي ڪجهه ان وٽ معرفت جو قسم هوندو آهي سڀ سلب ڪري ونندا آهن. ان ڪري شيخ گلي ملڻ کان معذرت ڪندي چيو ته منهنجا پٽ گهٹا آهن ۽ نعمت گهٹ آهي ۽ هيءَ آيت پڙهيائون. هٰذَآ اَخِي لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا. (منهنجو ياءُ آهي ان وٽ نوانوي ريوڙن آهن ۽ مون وٽ صرف هڪ ريڍ آهي. هو چئي ٿو ته پنهنجي ريڍ مون کي ڏي). مخدوم چپن ئي چپن ۾ مسڪرايو ۽ پنهنجي نعمتن سان شيخ جي فرزندن کي ڪامياب ڪيائين ۽ هر هڪ کي هڪ خاص رخ ڏي روانو ڪندي فرمايائين ته شيخ بهاءُ الدين گنج روان کي سرڪار ڪالپي عطا ڪيم شيخ صدر کي صوبو جونپور ڏنم ۽ شيخ بدر جو تقرر سرڪار بهار ۾ ڪيم ۽ چيائون ته انهن صاحبن جو رتبو ايترو ته بلند آهي جو بيان ۾ نه ٿو اچي. باد لطف خدا قرين هم.

سيد جلال سرخ بخاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ بهاءُ الدين زڪريا جا مريد ۽ مخدوم جهانيان جا ڏاڏا آهن. قدس سرهم. چون ٿا ته تقدير الاهي کين بخارا کان بکر ۾ ڇڪي آندو. ان کان چند ڏينهن پوءِ پاڻ غيبي اشاري تي سيد بدرالدين بکريءَ جي نياڻيءَ سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. سيد بدرالدين الهامي اجازت جو انتظار ڪيو ۽ انهيءَ کي جواب ڏيڻ ۾ ڪجهه دير ڪيائون. جڏهن سيد بدرالدين جي به باطن ۾ اهوئي الهام ٿيو ته نڪاح کي ڇڏيائون. خانه ۽ خاندان ٻئي هڪ ٿي ويا. مگر آخرڪار آسماني گردش سان پائڻ جي دلين ۾ به حسد ۽ ڪينو پيدا ٿيو. انهيءَ سبب سيد جلال الدين سڪونت ترڪ ڪري اوچ ۾ اچي گوشي نشين ٿيو. گهٹي مدت تائين خدا پرستيءَ ۾ مشغول رهيا ۽ رحلت کان پوءِ به اهوئي شهر سندن خوابگاه بنيو.

www.maktabah.org

شيخ حسين كاهه بُر رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

سندن خوابگاه ملتان ۾ آهي. قدوة الاوليا شيخ بهاءالدين زكريا رحہ جن جا هر عصر آهن. هوش سنيالڻ كان پوءِ گاه كري ان مان معاش پورو كندا هئا. جڏهن جذب جي حالت پيدا ٿي تہ خرابات ۾ وجي وينا. هك ڏينهن جوانيءَ ۾ شيخ زكريا خرابات نشين شيخ وٽ وجي نكتا. شيخ حسين هٿ تي پيالو ركي سامهون كيو. شيخ زكريا ادب سان ونی گريبان تي هاري چڏيائون. جڏهن گهر آيا تہ پيراهڻ پنهنجي پراڻي دائيءَ جي سپرد كيائون جيئن تہ پيرهڻ جو داغ ڏئڻ سان نہ لٿو تہ دائيءَ انهيءَ جاءِ كي وات ۾ ركي چوسيو. پوءِ پهچي وئي جتي پهچڻو هئس. چون تا تہ دائي زماني جي عارف بنجي وئي ۽ اكثر ان جون ڳالهيون تقدير جو پيغام هوندیون هيون.

شيخ يمرد ملتاني رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ بهائيہ نسل مان آهن. اكيلائي ۽ آزاديءَ جا تہ جڻ درياه هئا. قرآن مجيد- شيخ محمد مغربيءَ جو ديوان ۽ چتين لڳل خرقو. انهن شين كان سواءِ كابہ شيءِ پاڻ وٽ نہ ركندا هئا. ملتان كان نكري كيترا سال گجرات جي جنگلن ۾ بسر كيائون. آخرالامر كره ۾ اچي كنڊ اختيار كيائون. جڏهن آخري سفر جو وقت اچي پهتو تہ خواجہ كرك جي قبر جي برابر سمهي رهيا.

ركن الدين ابوالفتح رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ صدرالدين جا پٽ ۽ شيخ صدرالدين، شيخ بهاءُ الدين زكريا جا فرزند هئا. قدس اسرارهم. خلاقت جو خرقو پنهنجي ڏاڏي بزرگوار كان مليل هٿن. چون تا تہ سلطان قطب الدين ابن علاؤالدين جي دل ۾ ان جي نالائقيءَ سبب شيخ نظام الاوليا قدس سرهُ جي طرف كان غبار پيدا ٿيو. لهذا سلطان انتهائي منٽ ميڙ سان شيخ ركن الدين كي ملتان كان دهليءَ گهرايو انهيءَ ارادي سان تہ شيخ ركن الدين جي درويشيءَ كري شيخ نظام الدين جي

www.maktabah.org

خانقاه جي رونق هلي ويندي. جڏهن شيخ رڪن الدين جي تشريف آوريءَ جي خبر پئي تہ سلطان المشائخ علائي حوض تائين استقبال لاءِ ويا. ۽ ٻئي بندگانِ خدا هڪ ٻئي جي ديدار سان خوش ٿي الله عزاسمہ جو شڪر بجا آندائون ۽ جڏهن علحيدگيءَ ۾ وينا تہ معرفت تي ڳالهيون ڪيائون شيخ نظام الاولياء جي گهر ۾ هڪ انجمن منعقد ٿي. سڀ ظاهر ۽ باطن وارا صاحب حاضر هئا. انهن مان مولانا عمادالدين اسماعيل ملتان کان دهلي اچڻ جو سبب هن طرح پردي ۾ پڇو تہ مڪي معظمہ کان مديني منوره خاتم الانبياءُ عليہ السلام جن جي هجرت جو سبب ڇا هو. شيخ رڪن الدين جواب ڏنو تہ خاتميت جي متعلق ڪجهہ ڪمالات جو ۽ نبوت جي متعلق ڪن مرتبن جو حاصل ٿيڻ مديني منوره جي زمين سان وابستہ هو. شيخ نظام الدين جن فرمايو تہ- سبب اهو آهي تہ گهٽا مقامي ناتوان (ڪمزور) ماڻهن کي مڪي معظمہ وڃڻ ميسر نہ ٿيندو هو. انهن جي تڪميل لاءِ آنحضرت جن مديني منوره ۾ نزول فرمايو. اهڙي قسم جي دلچسپ ۽ لطيف ڳالهين سان ٻنهين هڪ ٻئي جي تواضع جو اظهار ڪيو. ٻئي ڏينهن سلطان قطب الدين رڪن الملتہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ معلومات ڪيائين تہ شهر وارن مان سيني کان اڳتي وڌندڙ سعيد ڪير آهي. شيخ رڪن الملتہ جن فرمايو تہ اهو شخص آهي جيڪو هن دارالامان مان بهترين خلائق آهي. ۽ انهيءَ قسم جي اشارن جي ذريعي سان ڄاهيائين تہ جيڪي وسوسا سلطان جي خيال ۾ جمع ٿيا آهن انهن کي دور ڪجي ۽ جيڪا بيهوده خواهش منهنجي متعلق سلطان رکي ٿو ان باري ۾ بہ پنهنجي طرف کان ناااميدي ڏياريانس. مگر سلطان جي دل تي بدباطنيءَ سبب ڪو اثر نہ ٿيو. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن سلطان قطب الدين جو لنگهہ نظاميہ خانقاه جي پرسان ٿيو. ان وقت مخلوق جو هجوم حد کان گهڻو هو. معلوم ڪيائون تہ اڄ کهڙي بزرگ جو عرس آهي. بد باطن وزير اهڙي طرز سان جواب ڏنو جو پڇڻ واري جي دل ۾ ٻيهر ڪيف ۽ غيرت جو غبار پيدا ٿيو. جڏهن سلطان پنهنجي دولت خاني تي واپس آيو تہ لکي موڪليائين تہ خانقاه جو صاحب هتان پنهنجو سامان ڪٽي هليو وڃي. رڦو حجري ۾ پهتو. آستاني ۾ ڪوليو ويو ۽ اگڻ ۾ پڙهيو ويو. رات جي وقت فرمان روا جي پيٽ ۾ سور پيدا ٿيو ۽ طبيبن جيتري دوا ڪئي اوترو ئي سور ۾ اضافو ايندو ويو. ان وقت سمجهائين تہ هي انهيءَ گستاخيءَ

www.maktabah.org

جي چمات آهي. پوءِ سلطان عالمن ۾ عارفن کي سفارشي بنائي شيخ نظام الاولياءجي خدمت ۾ موکليو ۽ عذر خواهي ڪئي. معافي ۽ صحت لاءِ دعا لاءِ عرض ڪيو. فرمايائون ته نظام کي خدائي ڪارخاني ۾ ڪهڙو دخل آهي. دوا ۽ درد ٻئي تقدير جا حرف آهن. جيئن ته صرف سفارش ڪندڙ جي آمدورفت ۽ علاج جي باوجود ڪو نتيجو نه پيدا ٿيو ته بيمار جي ماءُ حضور ۾ حاضر ٿي انتهائي ادب احترام ۽ درد آميز لهجي ۾ روح راڙو شروع ڪيو. شيخ الاسلام فرمايو ته ان شرط تي علاج ڪندس، جو سلطنت دهلي جو ڪاغذ- خاص مُهر ۽ منصب وارن جي مهرن لڳائڻ کان پوءِ پيشاب جي قارورہ (ٽانوَ) سان گڏ موکليو ته جيئن نسخو تجويز ڪجي. هي شرط قبول ڪري جلدئي ٻئي شيون پيش ڪيون ويون. شيخ نظام الاولياءَ انهيءَ ئي وقت سلطنت جي ڪاغذ کي ويڙهي پيشاب جي ٽانو ۾ وجهي فرمايائون ته دهليءَ جي سلطنت درويش جي نزديڪ بيمار جي پيشاب جي برابر آهي. آخرڪار دعا ڪندي ئي فوراً صحت حاصل ٿي وئي ۽ هر ڪو پنهنجي جاءِ تي موٽي ويو. سلطان غياث الدين تغلق شاه سلطان قطب الدين مبارڪ شاهه خلجيءَ ڪانپوءِ دهليءَ جو فرمانروا ٿيو ۽ هجري سن ست سؤ پنجويهه ۾ بنگال کان دهليءَ ۾ هڪ عاليشان محل ۾ لٽو جيڪو ان جي نالي سان تعمير ڪيو ويو ته شيخ رڪن الدين ۽ ٻيا زماني جا رئيس اتي مسند تي وينا هئا. شيخ اُتان جلد اٿڻ واسطي بار بار چيو مگر ڪارگر نه ٿيو. جڏهن دسترخوان وڇايو ويو ۽ انهيءَ کان اڳ جو دسترخوان زياده ڪيو وجي- اٿي باهر هليا ويا. ٻيا صاحبان به سندن پويان اٿي باهر هليا آيا. اتفاق سان هٿ ڏوئي رهيا هئا ته عمارت ڪري پئي۽ سلطان پنهنجي چند مقربن سميت دٻجي مري ويو.

ڏسو تقريب جي تحريڪ- هيءَ تحريڪ ڪيئن دل ۾ لڪل واقعن کي ظاهر ڪرڻ واري زبان جي حوالي ڪري واقعه نگار قلم جي ذريعي ڪتابت ۾ آڻي ٿي. هجري سنه هڪ هزار سورهن ربيع الاول جي مهيني ۾ مرزا ابراهيم ابن مرزا سليمان حاڪم بدخشان جي پٽ مرزا شاهه رخ جيڪو اڪبر شاه جي زماني مالوه صوبي جو حاڪم هو. اُجين ۾ عالم علويءَ مان ڪوچ ڪيو هئائين. راقم تعزيت جي لاءِ مرحوم جي فرزند مرزا فتح پوريءَ وٽ جن جو مبارڪ نالو بديع الزمان مرزا آهي. پنهنجي ڳوٺ منڊو (مانڊو) ويو هو. وڏا

www.maktabah.org

وڏا امير ۽ سردار مرزا شاهه رخ جي زماني ۾ بديع الزمان جي برتاءَ کان ناخوش هئا. خراب فکر ۽ نالائق انديشي جو هن وقت بدلو وٺڻ واسطي موزون سمجهي. مشوري جي پردي ۾ دورنگيءَ کي کم ۾ آندائون. ۽ عبدالله خان جي نزديڪ جيکو جهانگير شاهه جو نوازش يافته هو. هر هڪ مکر ۽ زور سان پريل خط لکي موکليا ته آسانجي پٽ جي دماغ ۾ خودسريءَ جي هوا پريل آهي ۽ شهنشاهيءَ جي آداب جو انديشو هن جي دل ۾ قطعي آهي ئي کونه. هي لکل فتنو ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي ان جون ٻانهون ٻڌي دربار ۾ موکليو وڃي. فقير کي هن کم جي اصليت کان پوري آگاهي آهي ته هيءَ آفت سان پريل گفتار مرزا جي باري ۾ صرف تهمت ۽ محض بهتان آهي. آخرڪار زماني جي پريشانيءَ تي نظر ڪندي مان مرزا کان رخصت ٿيس. ۽ گذريل دلبستگي جيڪا ناهر خان جي جمال ۽ ڪمال سان هئي. ڳوٺ محمدپور ويس. هي ڳوٺ ناهرخان جي جاگير ۾ آهي. پنهنجي گهر کي ڇڏڻ جو ارادو هو مگر هن شورش جي ختم ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هئس. مطلب ته مڪتوب اليه عبدالله خان هڪ عرصي تائين ته پنهنجي نيڪ عادت ۽ ملڪوتي صفات سان هنن خطن کي تامل ۾ رکيو. مگر جيئن ته هن طرف کان اصرار حد کان وڌي ويو هو ان ڪري لاچار هن طرف روانو ٿيڻو پيو ۽ صوبي جي جاگيردارن جي نالي ڪيس سڏائڻ جي غرض سان پروانه موکليو. ته هر طرف کان سپاهه فراهم ٿي حاضر ٿئي. آخر عبدالله خان وسط جمادي الاول ۾ اجين اچي پهتو. صاف دل جوان (بديع الزمان) سياه باطن اچن ڏاڙهين وارنجي فريب وارين ڳالهين تي پروسو ڪري اچڻ واري جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪتو. عبدالله خان مرزا کي پنهنجي خيمه گاه (ڪيمپ) ۾ وڃي ويو ۽ پهري وارن جي حوالي ڪيو. انهيءَ ڏينهن حڪم جي تعميل ۾ ناهر خان اجين ۾ پهچي عبدالله خان جي لشڪر ۾ وڃي مليو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ راقم به اجين ۾ آيو ۽ ناهر خان جي دولت خاني جي برابر پنهنجو خيمو نصب ڪيو. عبدالله خان حڪم ڪيو سرداران سپاهه جي چوڏاري قلعو تيار ڪن. انهيءَ ڪري ناهر خان به پنهنجي سپاهه جي چوڏاري ديوار ٺهرائي ۽ حويلي بنائي پٽن کي به سڏايائين چو ته نزديڪ هئا.

هڪ ڏينهن حويليءَ جي ديوار جي ڇانو ۾ ناهر خان کجهه درويشن سان ويٺو هو. جيئن ته مٽيءَ جي ديوار ناهڻ وارن ديوار ناهڻ جو ڪم مضبوط نه

www.maktabah.org

ڪيو هو ان ڪري ديوار جُهڪي پئي هئي ۽ انهيءَ ڪري ان جي ڪرڻ جو خيال راقم جي دل ۾ پيدا ٿيو ۽ انهيءَ خيال کي صراحت سان بيان ڪرڻ جي باوجود ساڻين توجہ نہ ڏنو ايتري ۾ ڪائڻ لاءِ دسترخوان وڇايو ويو ۽ ڪائڻ کان فارغ ٿي راقم هٿ ڏئڻ کان سواءِ اتان اٿي ويو. اڃان پنهنجي خيمي ۾ ٻہ نہ پهتس تہ ديوار جي ڪرڻ جو آواز آيو. ناهر خان ڪنهن طريقي سان نڪري آيو ۽ هٿ وڌائي شيخ عبداللطيف کي جيڪو هڪ آزاد شخص آهي. مصيبت مان ڪڍيو. پنهنجي پنجن سالن جي پٽ جو ڪو خيال نہ ڪيائين جنهن جو نالو دلاور خان هو ۽ سامهون ڪيڏي رهيو هو. اهو مٽي ۽ پٿرن ۾ پيو هو ٿوري دير کان پوءِ ان کي ٻہ هٿان ڪڍيو ويو. نيڪ ڪرداري ۽ درويش دوستيءَ ڪري حي لايموت پٽ کي ٻيهر زندگي بخشي.

شيخ عماد الدين اسماعيل ملتاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ رڪن الدين ابوالفتح جا ننڍا ڀاءُ آهن. ليڪن ان جي ماءُ مان نہ آهن. ڪين دين ۽ دنيا يعني ٻنهين جهانن جي سعادتمندي حاصل هئي. بزرگوار ڏاڏو ولايت جو صاحب پيءُ ۽ بابرڪت ڀاءُ ڪان گهٽو ڪجهہ فيض ۽ فائدو حاصل ڪيو هئائون. فقہ جي علم ۾ ايتري قدر تحقيق ڪي وڏايو هئائون جو اجتهاد جو درجو حاصل ٿي ويو هئن. جنهن مسئلي ۾ ملتان جا سڀ فقهي ۽ مفتي عاجز ٿي ويندا هئا اهو مسئلو سندن توجہ سان حل ٿي ويندو هو. آخرڪار درسي علمن کي الوداع چئي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي خدمت ۾ داخل ٿي ويا ۽ ان جي خدمت جي طفيل جڏهن پر ۾ موجود دشمن (نفس) سان لڙائي شروع ڪئي تہ فتح حاصل ڪيائون جڏهن رڪن الاولياءَ جو آخرين وقت آيو ۽ انهن جو ڪو فرزند نہ هو ۽ پيءُ ٻہ چئي ڇڏيو هو تہ ننڍو ڀاءُ وڏي پٽ کان بهتر هوندو آهي. لهذا رڪن الاوليا پنهنجي سجاده ننڍي ڀاءُ جي سپرد ڪري ان کي زماني جو رهنما بنايائين. ان کان پوءِ شيخ صدرالدين حليم ابن شيخ عمادالدين مسند تي ويٺو. شيخ صدرالدين حليم کان پوءِ شيخ صدرالدين شهرالله ابن حليم قائم مقام ٿيو. هلُم جراً سجاده نشيني عماديہ نسل ۾ رهي.

مصرع: عمادالدين عماد قصر دين بود.

www.maktabah.org

شيخ علم الهديؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ رڪن الدين ابوالفتح جا سوٽ آهن. پَڙ ڏاڏي جي زندگي ۾ ئي سيرو سياحت جي هوا مٿي ۾ پرجي وئي هئي. ماوراءالنهر خراسان ۽ پارس ۾ وڃي نقلي علم ۽ عقلي فن حاصل ڪيائون. ۽ ڪمال درجي جا تجربا ڪري هجري سنہ ست سؤ چاليهه ۾ جڏهن سلطان محمد تغلق شاهه جو دور هو. دهليءَ ۾ آيا. پنهنجي وڏي سوٽ جي خدمت ۾ اچي مناظرو ڪرڻ لڳا. ليڪن رڪن الاولياءَ جي ظاهري علم کي قطب جي روشنيءَ جي قوت جو استحڪام حاصل هو. علم الهديٰ جي وڏائي مناظري ۾ ڪم نہ آئي بلڪ شرمندگيءَ جو سبب بني.

واضح هجي تہ عالم صورت جو پهلوان. عالم معنيٰ جي پهلوان سان مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي بلڪ ادب جي ڪناري تي بيهي انهيءَ خيال ۾ ٻڏي ٿو وڃي تہ ڏسڻ ۾ اچڻ واري موجودات حقيقت الحقائق جو عڪس آهي. ۽ عڪس معنيٰ کان خالي بس هڪ صورت هوندي آهي. ۽ اصل عالم ظاهر ۾ هڪ ملڪ هوندو آهي جيڪو ملڪوت يعني عالم ارواح جي برابر هوندو آهي. **سبحٰن الذي بيده ملكوت كل شيءٍ و اليه ترجعون.** (پاڪ آهي اُها ذات جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جو ڪامل اختيار آهي ۽ توهان سڀ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ.)

شيخ الهداد احمد آبادي ؒ جي ياد ۾

پاڻ سهروردي سلسلہ مان آهن. پنهنجي وقت جا پرهيزگار ۽ خدا پرست هئا. حقيقي ۽ درسي علم بہ ڄاڻندا هئا. ڪائڻ جون سڀ شيون ڇڏي ڏنيون هئائون. صرف هڪڙي پيالي ڪير سان بڪ جو علاج ڪندا هئا. ڇاهي ڪٽان بہ ميسر اچي. معرفت دانيءَ ۾ بين معرفت جي سمجهدارن تي سبقت رکندا هئا. جيڪي عمده مضمون ۽ ان جا نوان نوان حل خاص سندن طبيعت ۽ فهم ۾ ايندا هئا ان جو فيضان درس ڏيڻ مهل ٻڌڻ وارن کي پهچائيندا هئا. شريعت جي رعايت ڪندي سرور ۽ سماع جي مجلس ۾ نہ ويندا هئا. شيخ زين الدين خوافيءَ جي سلسلي سان ڪمال درجي جي وابستگي هئن.

www.maktabah.org

شيخ موسيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

آشڪارا ڪرامتون گھٽيون ظاهر ٿيون اٿن. موسوي صاحب ولايت هئا. چون ٿا ته ننڍي کان قدوة الاوليا شيخ بهاءُ الدين زڪريا جي ملاقات لاءِ ملتان ايندا هئا. جڏهن راوي درياه تي پهتا ته ملاح ٻيڙي لڳائڻ ۾ دير ڪئي. پاڻ انهيءَ درياه جوپاڻي هڪ ابريق ۾ ڪڍي شيخ جي خدمت ۾ ڪڍي ويا. شيخ فرمايو ته هن پاڻيءَ مان ماڻهن کي فائدو ٿو پهچي بدستور واپس ڇڏي اچ. پاڻ چيائون ته هي پاڻي آستانہ بوسيءَ جي مشتاقن کي روڪي ٿو ۽ هن جي رڪاوٽ سان انهن کي نقصان ٿو پهچي. هاڻي انهيءَ شرط تي ڇڏيو ويندو ته شهر جي ڪناري کان گھٽو پري وهڻ لڳي. ان ڏينهن کان راوي درياه ملتان کان پري وهندو آهي. هنن ٻنهين صاحبن جي ڪري چند ڏينهن حقيقت جي انجمن بياني اهڙي عمده طريقي ٿيندي رهي جو انجي خوبي بيان ۾ نہ ٿي اچي سگهي.

شيخ حميد الدين صوفي سعيدي ناگوري سوالي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن لقب سلطان التارڪين آهي. خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحہ جن جا مريد ۽ خليفہ آهن قدس سرهما- ڪي چون ٿا ته پاڻ سوال نالي ڳوٺ جا باشنده آهن جيڪو اجمير جي ڳوٺن مان آهي. ۽ ڪن جو خيال آهي ته جيئن ته تصوف جي مشڪلات جي باري ۾ پاڻ سوال ۽ جواب گھٽو ڪندا هئا. ان ڪري سوالي لفظ سان مشهور ٿي ويا. چون ٿا ته سلطان شمس الدين التمش جي زماني ۾ جڏهن دهليءَ جي شيخ الاسلام شيخ نجم الدين صغريءَ شيخ جلال الدين تبريزيءَ جي نالي هڪ بهتان لڳايو ته سلطان تهمت جي حقيقت معلوم ڪرڻ جي واسطي وقت جي بزرگان کي هر هڪ شهر مان سڏائي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو هئائين. انهيءَ ۾ شيخ حميدالدين اعتراض جي طور تي شيخ بهاءُ الدين زڪريا کان سوال ڪيو ته مال سان نانگ جي ڪهڙي مناسبت آهي. فرمايائون

www.maktabah.org

ته ٻئي مهلڪ آهن ۽ تعلق جو سبب بنهين ۾ تباهه ڪرڻ ۾ هڪجهڙو آهي. انهيءَ سان گڏ اهو به چيائون ته اُهو شخص عقلمند آهي جيڪو تباهه ڪندڙ شيءِ کان پري رهي. نه ان جي دوستيءَ جي طرف مائل ٿئي ۽ نه ان جي نزديڪيءَ کان خوش ٿئي. بهاءُ الاولياء رحه جواب ڏنو ته جيڪو منتر ڄاڻندو هجي ان کي نانگ جي زهر ۽ مال جي مستيءَ مان نقصان نه ٿو پهچي. ان تي حميد العرفاءِ چيو ته نانگ جي منتر ڄاڻڻ جي باوجود ان کي ويجهو رکڻ سڻي ڳالهه نه آهي. بهاءُ الحق انهيءَ جي جواب ۾ دير ڪئي ته فوراً پنهنجي پير شيخ الشيوخ کي ڏنائون ته هو فرمائن پيا ته بهاءُ الحق هينئن چو نه ٿو چوين ته دنيا اهل ڪمال جي ڳل تي نيل جو داغ آهي. جهڙي طرح صورت جي حسينائن کي پرن تي ڪجل ۽ ڳلن تي نيل بدنظر کان بچائيندو ۽ زيبائش کي وڌائيندو آهي. اهڙي طرح معنوي محبوبن کي دنياوي نيلي رنگ جو ڪم ڪري خود بينيءَ جي نظر کان محفوظ رکندو آهي. ۽ هن جي اندر اهو حسن به موجود آهي ته ٻين سان احسان ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. لکيل آهي ته حميد العرفا هڪ خط بهاءُ الاوليا رحه جي خدمت ۾ موڪليو هو جنهن ۾ لکيو هئائين ته گهٽيون قرآني آيتون- خبرون ۽ آثار انهيءَ مضمون جي شهادت تا ڏين ته دنيا کي دوست رکڻ وارا ۽ انهن جا دوست خدا کي نه ٿا پهچن. ۽ واقعي حال اهو آهي ته ڪيترائي دولت مند قطبيت ۽ غوثيت جي وڏن درجن تي پهچي چڪا آهن. حَسْبَةً لِلّٰهِ ۽ رَحْمَةً عَلَي الْفَقِيْر (الله جي واسطي ۽ فقير تي مهرباني ڪري) هن مشڪل کي حل فرمايو ته جيئن توهان جي رنگين خط کي پنهنجو امام بنائي اطمينان حاصل ڪيان ۽ انهيءَ حقيقت جي معجون سان باطني علاج عمل ۾ آڻيان ۽ هڪ ڳالهه اها به آهي ته دنيا هٿ ۾ هجي ته دوا آهي ۽ دل ۾ هجي ته درد آهي. انهيءَ بنياد تي انهيءَ شخص کي ته فائدو آهي جنهن جي لاءِ دنيا دوا آهي ۽ انهيءَ شخص لاءِ نقصان آهي جنهن جي واسطي دنيا درد آهي ۽ سلطان سهرورد جو جيڪو اهو فقرو آهي ته "ميخ اسپ درگل زده ام نه در دل" (يعني گهوڙن کي ٻڌڻ جي سون جي ميخ زمين ۾ هنئين اٿم دل ۾ نه هنئين اٿم) هن فقري سان تسلي نه ٿي ٿئي چو ته مذمت جو بنياد ظاهر دنيا تي آهي نه نيت تي جيڪا لکل آهي. بهاءُ الاولياءرحه خط جي جواب ڏيڻ کي الهام تي

www.maktabah.org

چڏي ٻن سالن تائين خاموش رهيا ۽ حميد العرفا جواب جي انتظار ۾ دعا ڪري قبوليت جا اميدوار رهيا. انهيءَ ڪشمڪش ۾ هئا تہ هڪ ڏينهن هڪ ورق ويڙهيل عالم غيب کان مصلي جي هيٺان نڪتو ان تي جيڪي ڪجهہ لکيل هو ان جو مقصد هي آهي تہ حق جي راه تي هلڻ وارا ٽن گروهن ۾ تقسيم ٿيل آهن. هڪ گروه بلڪل مجرد آهي جنهن کي استغراق جي ڪري صفتن مان امڪاني رسمن کي حد درجي گهٽ ڪرڻ جي ڪري ڪونين جي بلڪل خبر ناهي. ٻيو گروه انهيءَ جماعت کي سمجهڻ گهرجي. جيڪي ظاهر کي جيڪو محض ممڪن آهي امڪاني لوازمات سان مخصوص ٿا ڪن. ۽ باطن کي جيڪو عين واجب آهي خاص ايزدي تجلين جي مشاهدي ۾ مشغول رکندا آهن. ۽ ٽيون گروه اُهو آهي جيڪو دنيا و مافيها کي ترڪ بهشت ۽ آنجهاني درجن جي واسطي محنت ڪندو آهي. ۽ هي سڀ موجوده معاني ۽ آئين ٽنهين گروهن ۾ عملي صورتن جي تقاضا آهي جيڪو واجب الموجود جو خاص فعل آهي. نالن ۽ صفتن جي تقاضا جي لحاظ سان **لَا يُسْئَلُ عَمَّا يَفْعَلُ** (جيڪي ڪجهہ هو ڪري ٿو ان جي پڇا ان کان نہ ٿي ڪري سگهجي). سلوڪ ۽ تصوف جي علم ۾ گهڻا رسالا سندن تصنيف ڪيل آهن. شعرن ۽ بين نظمن کي فصاحت ۽ مقبوليت جي ڪرسيءَ تي سوز و گداز جي رنگ ۾ پهچايو هئائون. ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ پاڻ شيخ احمد تارڪ لاهوريءَ جا پٽ آهن. شيخ احمد تارڪ ابراهيم جو- ابراهيم محمد جو ۽ محمد سعيد فاروقيءَ جا پٽ هئا. جيڪي فاروق اعظم جي نسل مان آهن رضي الله عنهم. انهيءَ بنياد تي ڪين سعيدي چوندا آهن. تاريخ اُٺيهہ ربيع الاخر هجري سن چهہ سؤ ٽيهتر تي ۽ ڪن جي نزديڪ هجري سن اٺهڻ ۾ واصل بحق ٿيا. قبر ناگور ۾ اٿن.

اولاد سلطان تارڪين قدس اسرارهم جي ياد ۾

سندن ٻہ فرزند هئا شيخ عزيز ۽ شيخ مجيب. وڏي جا تي پٽ هئا. شيخ وحيد الدين احمد- شيخ فريدالدين محمود ۽ شيخ نجيب الدين قاسم- شيخ حسين ابن خالد- ٽن واسطن سان شيخ وحيد کي پهچن ٿا.

www.maktabah.org

مختصر حالات شيخ فريد

پاڻ پنهنجي ڏاڏي بزرگ جا مريد خليفا ۽ جانشين هئا. کي چون ٿا ته کتاب سرورالصدور سندن ئي ترتيب ڏنل آهي. سلطان محمد تغلق جي عهد ۾ ناگورکان دهليءَ آيا هئا ۽ مشرق جي طرف جيمندل ۾ جيکو قديمي شهر آهي سکونت اختيار کيائون ۽ رحلت کان پوءِ اُنهيءَ ئي کوڇي ۾ خوابگاه به نهي، مقام قطب الاوليا جي رستي ۾ قدس سرهُ. شيخ فريد کي ست پٽ هئا. انهن مان هڪڙو شيخ عزيز به هو. کن جي نزديک سرورالصدور ۽ نورالبدور سندن ئي تصنيفون آهن ۽ کي شيخ اوحد جي تاليف مان سمجهن ٿا. جيکو شخص عزيز کان وڏو هو. کي شيخ عزيز جي تاليف مان سمجهن ٿا. جيکو شيخ عزيز جو ننڍو پاءُ هو. بهر تقدير ذکر کيل کتاب لکيل شيخ فريدالدين جا يا انهن جي فرزندن مان کنهن حوي آهي. گهٽا خاص خاص فائدا ۽ لطيفا جيکي پنهنجي والد کان ستاويهن سالن ۾ پڌا هئم هن کتاب ۾ ڇاڻايل آهن. ۽ اهو به لکيل آهي ته مون ننڍپڻ ۾ جداعليٰ سلطان التارکين جي خدمت ڪئي آهي. انهيءَ بنياد تي سندن عمر قريب هڪ سؤ سالن جي ٿيندي. ان کان پوءِ لکن ٿا. تاريخ ٻي ربيع الاول هجري سنه ست سؤ پنجويهه والد صاحب جن حديث ۽ دعوت جو اجازت نامون عطا فرمايو. جداعليٰ جو خرقو پارايو ۽ پنهنجو خاص کلاه منهنجي مٿي تي رکيو ۽ سٹيون سٹيون دعائون ڏئي سرفراز کيو. اولاد ۾ حميد و صاف حميد بودند.

شيخ جلال الدين تبريزي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ ابو سعيد تبريزيءَ جا مريد آهن ۽ ڇمڻ جي جاءِ تبريز آهي. ديو محل بندر ۾ جيکو دارالملک بنگال ۾ آهي سندن خواب گاه آهي. جڏهن سندن پير دنيا جي تنگ ۽ تاريک کوڇ کان فردوس برينءَ جي سيروسياحت لاءِ تشريف وٹي ويا ته پاڻ شيخ الشيوخ عمر شهاب الدين سهروردي رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي شائسته خدمت سان دل ۾ جاءِ پيدا کري فائدو حاصل کيائون. ملتان ۾ شيخ بهاءُ الدين زکريا سان گهاٹي دوستي ۽ يکجهتي ٿي

www.maktabah.org

وئي هئن. خواجہ قطب الدين اوشي رحہ جي ملاقات لاءِ دهليءَ آيا. مشائخ چشت جي تذڪرن سان ڪجهہ سندن معرفت جا حالات معلوم ٿي ٿا سگهن. شيخ نجم الدين صغريٰ (جن جي مزار دهليءَ ۾ مولانا برهان الدين بلخيءَ جي خوابگاه جي برابر آهي) سياه دلي ۽ فاسد خيال سان ڪين هڪ عورت سان دلبستگيءَ ۾ ناشائسته حرڪت سان متهمر ڪيو هو. ۽ اهڙو شور مچايو ويو ڪين دهليءَ جهڙي ولايت جي شهر مان بنگال جي طرف سفر ڪرڻو پيو. هڪ ڏينهن پاڻ هڪ درياه جي ڪناري هلندي خود بخود ڇوڙ لڳا تہ شيخ الاسلام اگرچہ درويشن کي پنهنجي شهر مان ڪڍيو ڇڏيو. مگر درويشن جي خدا اڄ شيخ الاسلام کي جهان مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جنازي جي نماز بہ پڙهجي وئي. خبر اچڻ تي تحقيق ڪئي تہ شيخ الاسلام جي رحلت جو اُهو ئي ڏينهن هو. چون ٿا تہ ديو محل ۾ آبادي ڪان پري هڪ جنگل هو اُتي پاڻ جاءِ پسند ڪيائون. سوچيائون تہ هن زمين کي خريد ڪيو وجي ڇو تہ جنگل هو ۽ ان جو ڪو مالڪ بہ نہ هو. لهذا شهر جي باشندن خوش طبعيءَ ۾ قيمت ايتري تہ گهٽي گهري جو اهو مقدار سواءِ شاهي خزاني جي ٻئي هنڌان گمان ۾ بہ نہ ٿي اچي سگهيو. پاڻ قبول ڪيائون. ۽ مريدن کي حڪم ڪيائون تہ فلاڻي جاءِ تي غلاظتن ۽ گوبر جوڙير آهي ان ۾ باهہ لڳائي ڇڏيو. ائين ئي ڪيو ويو. خاص سون بنجي ويو ۽ اُهو زمين جي قيمت ۾ ڏئي ڇڏيائون. هي عظيم الشان ڪرامت ڏسي اتان جا ماڻهو گهڻا اسلام جي احاطي ۾ ۽ سندن بيعت جي سلسلي ۾ داخل ٿيا ۽ ٻنهين جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪيائون.

شيخ صوفي بدهني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

شيخ نظام الاولياءقدس سرہٗ جن کان روايت آهي- فرمائيندا هئا تہ هڪ وڏي عمر جو شخص موضع ڪيٽل ۾ رهندو هو. جن جو باطن تجريد ۽ تفريق جي زيور سان آراسته هو. اتان جا باشندا ڪين شيخ بُدني چوندا هئا. گهڻن ماڻهن جي زبانن تي اهو قصو هن طرح سان روان آهي تہ ستين صديءَ جي آغاز ۾ جڏهن سپاه مغل هندستان تي قابض ٿيا. مال اسباب سڀ لٽجي ويو ۽ ننڍا وڏا سڀ قيد تي ويا تہ انهيءَ عام بلوي ۾ خواجہ قطب الدين ۽ شيخ صوفي بہ

www.maktabah.org

گرفتار ٿي ويا. بن تن ڏينهن کان پوءِ گرفتار ٿيلن کي بک ۽ اُجَ سخت محسوس ٿي. لاچار خواجہ هڪ ڪاڪ (مڪيل ماني - اوڙاٿو) خرقي جي اندران ڪڍي هر هڪ شخص کي ڏيندا هئا ۽ صوفي بدني مان (هڪ مٽيءَ جي ٿانو جو نالو آهي) سيني کي پاڻي پياري ڏيءُ ڪرائيندا هئا. چون ٿا تہ خواجہ صاحب جو نالو ڪاڪي ۽ صوفيءَ جو لقب بدني جيڪو ٿيو، انهيءَ ڪري آهي. شيخ عثمان ابن لادن بہ اهائي حڪايت ڪيترا دفعا بيان ڪري چڪو آهي. ۽ چوندا هئا تہ هي حال مون پنهنجي پير شيخ فضل الله ابن شيخ حسين چشتيءَ کان ٻڌو آهي. مطلب تہ سواءِ هن بيان جي جيڪو مٽي لکجي ويو ڪنهن بہ ڪاغذ تي ڪابہ ڳالهہ سندن متعلق ڏسڻ ۾ نہ آئي نہ زماني وارن کان ڪو اکر سندن رهڻ ڪرڻ متعلق ٻڌڻ ۾ آيو آهي ۽ اهڙو شخص جنهن جي سيني ۾ سندن حالات مخفي هجن هاڻي بهشت کان سواءِ ڪٿي بہ نہ ٿو پهچي سگهي.

شيخ نورالدين دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

درسي علمن ۾ سندن دل تونگر هئي. ۽ مسائل بيان ڪرڻ ۾ زبان طاقتور هئي. پاڻ سلطان ناصرالدين ابن سلطان شمس الدين التمش جي عهد ۾ عالمن مان هئا. ڪتاب جامع الحڪايات سندن ئي تصنيف آهي سنو ڪتاب آهي. هن ۾ هر قسم جو نمونو ۽ هر طرح جي نمائش موجود آهي. زماني جي اولياء ۽ مشائخ جي سندن مٿان نظر هئي. صوفي گروه سان ڪمال عاجزي ۽ انڪساريءَ سان پيش ايندا هئا.

مطلب تہ انهيءَ عمدي زماني ۾ هر هڪ فن جا استاد ۽ هر هڪ قسم جا بزرگ موجود هئا. جن جو وجود زماني جي زيبائش جو باعث هو.

(1) **سيد تاج الدين ابن سيد جلال الدين بدايوني**- کين علم، تقويٰ، وجدان، انتقال ذهن خوشخوئي، خوش باشي ۽ رياضت ۾ وڏو مرتبو حاصل هو.

(2 ۽ 3) **سيد مغيث الدين مفتي ۽ سيد منتجب** ٻئي ڀائر هئا. چون ٿا تہ دانش، ديانت، امانت، دهش، مهرباني، خوش خلقي ۽ گوشي نشيني. هي سڀ حميده صفتون انهن ٻنهين ڀائرن جي سرشت ۾ گويا خمير هيون. ليڪن

www.maktabah.org

کنهن شخص کان کنهن قسم جو نذر وغیره نہ ونندا هئا.

(4 ۽ 5) **سید علاؤالدین ۽ سید قطب الدین**- هي ٻئي پائر به ترک ۽ تجريد ۽ تصوف ۾ زماني ۾ اڪيلا هئا. چون تا ته شيخ نظام الاولياء حضرت خاتم النبوة عليه السلام کي سيد علاؤالدين جي شڪل ۾ خواب ۾ ڏسندا هئا.

(7، 8، 9، 10، 11) مولانا عماد الدين حسام واعظ مولانا جمال الدين شاطبي قاري مولانا ڪبير الدين عراقي مؤرخ تاريخ جهانگيري جيڪا سلطان علاؤالدين جي نالي ترتيب ڏني وئي آهي. مولانا بدرالدين دمشقي طبيب ۽ مولانا حميد الدين بنباني منجم- هي سڀ سادات ۽ علماءَ سلطان غياث الدين بلبن- سلطان جلال الدين خلجي ۽ سلطان علاؤالدين خلجيءَ جي زماني ۾ دهلي ۽ پرگنات دهليءَ ۾ ملڪ جي زيب ۽ زينت هئا. ڪي حضرت گنجشڪر جي خدمت ۾ ۽ ڪي حضرت گنجشڪر رح جي خليفن جي خدمت ۾ بيعت هئا.

غوثي رحمۃ اللہ علیہ - تون جڏهن زماني جا حالات ۽ مشائخ جا واقعات لکڻ چاهين ته ڏس هوش مان لکجانءِ چو ته آسودگانِ جهان جا حالات خاص ڪري بزرگن جا سر تاپا معرفت سان پريل حالات اهڙيءَ عجيب و غريب سيرگاه جو نہ ته جهنگلن جا جهنگل ڦرڻ سان پيرن ۾ ٽَڪُ ٿو معلوم ٿئي ۽ نہ وطن جي جدائيءَ سان دل ۾ ڪو تکدر ٿو پيدا ٿئي. انهيءَ بنياد تي مناسب آهي سفر در وطن جي فقري جي توجيه خوش طبعيءَ سان ۽ آيت قُل سِيرُوا فِي الأَرضِ جو سبب عارفاڻو بيان ڪيو وجي. عبرت جو چراغ سيني جي وراندي ۾ ٻاريو وجي. ۽ هدايت جو قلم دل جي ميدان ۾ نصب ڪيو وجي. چو ته جهان کي ماپڻ وارن ماڻهن جي دلين ۾ بس انهيءَ کانسواءِ ڪو خيال ۽ ڪا آرزو ڪانهي.

شيخ محمد ترک نارنولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ مجرد ۽ متوڪل هئا. ترڪستان کان هندستان آيا ۽ نارنول ۾حوض جي ڪناري ڪنڌ اختيار ڪيائون. اهو حوض هاڻي منّيءَ سان پرجي ۽ آبادي ۾ اچي ويو آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن کي به مريد ڪونہ ڪيائون. چون تا ته ان زماني ۾ غير مسلمن جو گروه خدا پرستن تي غالب هو. جمع جي ڏينهن مسلمان ماڻهو جامعہ مسجد ۾ گڏ ٿيا ٿهئا. موقعو ڏسي ڪافرن جي جماعت

www.maktabah.org

اڳهاڙيون تلوارون ڪٽي اڇي پهتي ۽ گهٽن ماٺهن کي شهيد ڪيائون. انهيءَ عام بلوي ۾ شيخ محمد ترڪ به غازي ۽ شهيد جا ٻئي درجا حاصل ڪيا. انهيءَ ئي جهوپڙيءَ ۾ قبر ناهي وئي جنهن ۾ پاڻ رهندا هئا. انهن ماٺهن ۾ جيڪي شهيد ٿيا ٻه صاحب ٻيا به آهن. ڏڙي تي مٿي جيڪو صاحب دفن آهي ان کي مٿي وارو شهيد چوندا آهن ۽ڏڙي کان هيٺ جيڪو صاحب مدفون آهي ان کي هينان وارو شهيد چوندا آهن. ۽ اهو به چون ٿا ته ٻئي حافظ هئا، ۽ هاڻي به انهن جي قبر مان تلاوت جو آواز ايندو آهي. روايت آهي ته شيخ نصيرالدين چراغ دهليءَ تي بادشاهه ناراض ٿي نڪتي جي طرف وڃڻ جو حڪم ڏنو هو. جڏهن پاڻ نارنول جي حدن ۾ پهتا ته سواريءَ تان لهي پيا ۽ پيادل شيخ محمد ترڪ جي قبر تي آيا. پهريائين هڪ پٿر کي جيڪو اُتي پيو هو دير تائين توجه سان ڏسندا رهيا. ان جو سبب اهو هو ته حضرت پيغمبر عليه السلام جي مقدس روح کي انهيءَ پٿر جي مٿان ڏٺو هئائون. بعد ۾ شيخ محمد جي قبر ڏي منهن ڪري مراقبي ۾ مستغرق رهيا. جڏهن مٿو ڪيائون ته فرمايائون جنهن کي به دشواري پيش اچي ان کي گهرجي ته اهو پنهنجي نياز جي پيشاني هن حضرت جي خاڪ تي رڳڑي ۽ پنهنجي مشڪل جون ڪشائون گهري. هڪ ڪوتاهه انديش چيو ته هاڻي توهان کي مشڪل درپيش آهي فرمايائون انهيءَ باري ۾ عرض ڪري ڇڏيو آهي. چون ٿا ته اجا ٿي ڏينهن ئي گذريا هئا ته بادشاه هڪ خطرناڪ واقعي ۾ مبتلا ٿيو چراغ دهليءَ واپس پنهنجي قدمن سان اچي دهليءَ کي مستفيض ڪيو. اهو پٿر اجا تائين شيخ محمد جي قبر جي برابر بدستور موجود آهي. اچڻ وارا انهيءَ پٿر کي چمندا آهن. ان کان پوءِ مزار شيخ جي زيارت ڪندا آهن.

مولانا معين الدين عمراني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سلطان محمد ابن تغلق شاهه جي دور ۾ عالم ۽ شهر جا استاد هئا. کنز- حسامي ۽ مصباح تي سندن حاشيه لکيل آهن. وقت جي بادشاهن کين قاضي عضد کي آٺن لاءِ بي شمار مال ۽ خلعت ڏئي شيراز موڪليو هو. چو ته اهو اهم ڪم هو ۽ اها آرزو ڪئي هئي ته موافق جي متن جو حاشيو منهنجي

www.maktabah.org

نالي لکيو وڃي. باوجود ان جي ته شهر شيراز علم جو گهر هو. مگر عمراني ۽ جو علم ۽ دانش هن دارالعلم ۾ به پنهنجو جلوو ڏيکارڻ کانسواءِ نه رهيو. ۽ هتان جا ماڻهو به سندن فيض رسانيءَ سان سيراب ٿيا. مطلب ته جڏهن شيراز جي بادشاهه کي معلوم ٿيو ته دهليءَ جي بادشاهه مولوي عمراني کي قاضي صاحب جي طلب لاءِ موڪليو آهي ۽ قاضي صاحب به سفر جو سامان تيار ڪري رهيا آهن ته قاضي صاحب جي خدمت ۾ پاڻ پهچي عرض ڪيائون ته جيڪڏهن دنياوي طمع لاءِ وڃي رهيا آهيو ته زال ۽ پٽن کانسواءِ تخت، ملک، مال، سپاهه ۽ رعيت وغيره وغيره جيڪي ڪجهه مون وٽ آهي هي سڀ مان اوهان جي سامهون پيش ڪري پاڻ تي حرام ڪري ٿو ڇڏيان. جڏهن قاضي صاحب پنهنجي بادشاهه جي هن درجي جي جوانمردي ۽ گرم جوشي ڏٺي ته هندستان اچڻ لاءِ ان جي مروت اجازت نه ڏني.

سيد معروف شهيد رحمة الله عليه جي ياد ۾

چون ٿا ته سيد حسين مشهديءَ جي يارن مان هڪ جن جو لقب جنگ سوار آهي. ستين صديءَ ۾ دهليءَ جي شاهه طرفان هڪ وڏو لشڪر هن ملڪ جي فتح جي لاءِ نامزد ٿيو هو. جتي سندن خوابگاه آهي. چو ته هي ملڪ پيڪر پرست راجپوتن جي قبضي ۾ هو. لشڪر گهٽيون لڙايون وڙهيون ۽ الله جي خاطر گهٽيون جانيون نثار ڪري ملڪ کي پيڪر پرستن جي قبضي مان ڪڍيو. هن لڙائيءَ ۾ سيد معروف ۽ ساٿن گڏ هيا به ڪيترائي نيڪ انسان شهيد ٿيا. روايت آهي ته سندن قبرن مان اهڙو ته فيض جاري آهي جو خوش اعتقاديءَ جي ڪري نذر نياز وارن جون مرادون ۽ آرزو پوريون ٿين ٿيون. شيخ چندن چشتي دسور (مندسور) کان ڳوٺ مدهه ۾ سندن قبر تي هميشه ويندا هئا. ۽ قسم قسم جا ڪاڌا پچرائي درويشن ۽ بکين کي کارائيندا هئا ۽ پنهنجي خوش اعتقادي ۽ دوستيءَ جو اظهار انهيءَ طرح ڪندا هئا.

انهن ئي شهيدن مان هڪ توغان شهيد به آهي. سندس قبر ڳوٺ ٽوڏها (مند سور جي پسگردائيءَ) ۾ آهي. سڀ کان وڏيڪ تعجب خيز سندس اها ڪرامت آهي ته جيڪو شخص درست نيت ۽ پليديءَ کان پاڪ هوندو اُهو مزار

www.maktabah.org

جي قريب رات جي وقت رهي سگهندو آهي ۽ جنهن شخص جون عادتون خراب ۽ ظاهر ناپاڪ هوندو آهي. ان تي ايترا تہ پٿر وسندا آهن جو هو لاچار ٿي پوڄي ويندو آهي.

شيخ دوڏن شهيدؒ جي ياد ۾

انهن شهيدن مان هڪ ٿمن شهيد آهي. جيڪو چانگليءَ جي ڳوٺ مدهہ جي نزديڪ ستل آهي. هن سرڪار جو جاگيردار سيد راجو آهي. سيد راجوءَ جي مائٽ سيد ابراهيم نا اميديءَ جي زماني ۾ دل ۾ پڪو وعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن مونکي پٽ پيدا ٿيو تہ هن شهيد مرد جي نالي هڪ نڊر ڪندس. چون ٿا تہ جلد ئي اميد ٿي ۽ پٽ ڄائو.

انهن ئي شهيدن مان هڪ شيخ دُوڏن شهيد آهي. حدود دسور (مندسور) ۾ سندن قبر جو نشان باقي نہ رهيو هو. سيد راجوءَ جي زماني ۾ هڪ دولتمند گهريو تہ راند لاءِ ميدان صاف ڪرڻ گهرجي. پاڻ ان کي خواب ۾ اچي حقيقت حال کان آگاه ڪيو. هُنَ انهيءَ خواب جو ذڪر سيد سان ڪيو. سيد چيو تہ سندن قبر جي عمارت ٺاهي وڃي. چنانچہ ٺاهي وئي ۽ شهيد جي فرمائش موجب گهوڙي جي بہ قبر ٺاهي وئي.

شيخ احمد نهر والہ بدايونيؒ جي ياد ۾

ڪن جي نزديڪ سندن لقب حامد الدين آهي. قاضي حميدالدين ناگوريءَ جا مريد آهن. خوابگاه بدايون. پيرانِ سهرورد جو مشرب هئن. روايت آهي تہ شيخ بهاءُ الدين زڪريا رحہ جن صوفين مان ڪنهن جي بہ تعريف اهڙي گهٽ ڪئي آهي. يعني سندن باري ۾ فرمايو اٿن تہ جيڪڏهن سندن معرفت حقيقت ۽ استعداد توريو وڃي ۽ سندن افڪار- اشغال ۽ اذڪار تارازيءَ ۾ وزن ڪيا وڃن تہ ڏهن خدا شناس صوفين جي سرمائي تي بہ سندن سرمايو غالب ۽ وزني ايندو.

هن دلڪش تقرير ۾ هيٺ ذڪر ڪيل حديث نبوي عليہ السلام جي خوشبو ٿي اچي. هڪ ڏينهن امير المؤمنين عمر رضي الله عنہ جي ڪثرت حسنات جي باري ۾ حضور صلعم جن ارشاد فرمايو تہ عمر رضہ جي نيڪين سان آسمان ۽ زمين پرجي ويا آهن. حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنہ ان

www.maktabah.org

وقت موجود هئي ۽ هي لطف پريل ڪلام ٻڌي فرمايائين تہ **مابقيت لابي بكر يا رسول الله** - (اي الله جا رسول ﷺ حضرت ابوبكر رضي الله عنه جي واسطي باقي ڇا رهيو) فرمايائون تہ عمرو حسناته حسنته من حسنات ابي بكر رضي الله عنه. (حضرت عمر رضہ ۽ ان جا سڀ حسنات ابوبكر رضہ جي هڪ نيڪي آهي الله تعالي ٻنهين سان راضي ٿئي).

جمع جي ڏينهن بحكم **اذا قضيت الصلواة فانتشروا** (يعني جڏهن نماز ٿي وڃي (تہ توهان كي اختيار آهي) تہ پنهنجو رستو وٺو) جڏهن ماٺهو هليا ويندا هئا تہ پاڻ پنهنجي مريدن ۽ دوستن كي همراه كري شام تائين شهر جي گهٽين ۽ بيابانن جي پاسن جو سير كندا رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هڪ مجذوب هئو جيكو جماعت ساڻ كري گشت كرڻ تي سخت تعجب كندو هو. هڪ ڏينهن پاڻ ڏٺائون تہ كجهہ طاقتور ظالمن هڪ نهايت ناتوان عاجز گروه تي ماركٽ كري مجبور كري ركيو آهي. پاڻ صوفين جي جماعت جي ذريعي مدد كري ناتوانن كي ظالمن جي پنجي مان آزاد كرايو. اتفاق سان تعجب كرڻ وارو مجذوب بہ هن معركي كي ڏسي رهيو هو. اهو سامهون اچي ويو. سيني يڪ آواز ٿي چيو تہ ها درست آهي. جماعت اهڙن ئي پوشيده كمن لاءِ آهي. ورنہ درويشن كي كنهن سان كهڙو مطلب.

امام الدين ابدال دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ ضياءُ الدين مرد غيب جا پاٽجا آهن. خرقہ خلافت تہ شيخ بدرالدين غزنويءَ جي خدمت مان مليو هئن. ليكن گهڻو زمانو پاڻ حضرت خواجہ قطب الاوليا اوشي قدس سرهُ جي غلاميءَ ۾ بسر كيو هئائون. انهيءَ عرصي ۾ نفس سان لڙائيون رهيون. ۽ آخر فتح حاصل ٿين. ۽ انهيءَ ڳالهہ تي ڏاڍو خوش ٿيا تہ مرشد سندن عمل كي پذيرائي جي نگاه سان ڏنو. جڏهن كان پاڻ سلوك جي رستي ۾ قدم ركيائون تڏهن كان جيستائين زنده رهيا ان وقت تائين گوشي نشينيءَ جي ذريعي سان خواهش كي قيدي بنائي ركيائون. شيخ نظام الاوليا قدس سرهُ قواليءَ جي مجلس كانئن سواءِ گهڻو گهٽ كندا هئا. وڏي عمر هئن ۽ همٽ بلند هئن هجري سنہ ست سؤ اسيءَ ۾ عالم قدس ڏي كوچ كري ويا.

www.maktabah.org

سيد مولہ عرب زاد دهلي آباد رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ جيترو بلند مرتبي جا هئا. اوتري ئي هر روز وڏندڙ سندن رياضت بہ هئي. ڪٽڪ جي ماني ۽ گوشت کي هٿ بہ نہ لائيندا هئا ان جي باوجود جو هر روز خانقاہ ۾ رهڻ وارن ۽ بين ماڻهن لاءِ شاهاڻو کاڌو پچرائيندا هئا. پاڻ چانورن جي اٿي جو خشڪ چلو ماکيءَ سان کائيندا هئا. هيءَ سندن غذا هئي. انهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ کائيندا هئا. نذر و نياز نقد يا جنس ڪنهن کان بہ نہ ونندا هئا. سلطان جلال الدين خلجيءَ جي پهرئين زماني ۾ سندن شيخيءَ کي رونق اچي وئي هئي. ۽ سلطان جو پٽ خانخانا بہ مريد ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري ماڻهن جي دل بستگي ۽ قرباني وڌي وئي. آخرڪار ماڻهن جي متوجہ هڻڻ سان سندن دماغ ۾ دهليءَ جي سلطنت سمائجي وئي ۽ڪي ماڻهو متفق ٿي ڪر ناهڻ جي فڪر ۾ روانہ بہ ٿي ويا. ايتري ۾ هيءَ خفيہ سازش سلطان جي ڪَنَ ۾ پهتي. غصي ۽ غضب ۾ پرجي ويو ۽ فرمايائين تہ پاڻ ۽ سندس دوست ۽ يار سپ باهہ ۾ گهڙن. شايد انوقت هر ڪنهن جي نيڪي ۽ بدي معلوم ٿي وجي. جيستائين درويش ۽ ٻيا دانشمند تاخير ۽ بهاني سان فرمان روا جي غضب جي باهہ کي ٺڏو ڪن تيستائين دشمن مزاج ۽ خراب باطن ماڻهن جلدي ڪري پاڻ سيد کي ٺڏو ڪري ڇڏيائون يعني مست هاٿيءَ جي پيرن ۾ وجهي ڇڏيائونس. ضيا برني لکي ٿو تہ سندن قتل سلطان کي سازگار نہ ٿيو ۽ گهٽيون خراب ڳالهيون انهيءَ زماني ۾ پيدا ٿيون. هتان معلوم ٿو ٿئي تہ مٿيون بهتان هن شهيد تي ناحق مڙهيو ويو هو.

چمن اول جي پڃاڻي

عنوان جي حرفن کي ڪُلَ سمجهڻ گهرجن جيڪي نڪتي پروريءَ جي چمن ۾ عقل جي وڻ تي ٽڙيل آهن. ۽ معنائون جن جو هي عنوان آهي انهن کي بلبليون تصور ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي سخنوريءَ جي باغيچي ۾ همٽ ۽ فطرت جي آکيري مان پرواز ڪري رهيون آهن. مطلب تہ رنگين گل پنهنجي سهڻي خوشبوءَ برگزيده دماغن ۾ پهچائن ۽ بلبليون پنهنجو تفصيلي ترانو جيڪو

www.maktabah.org

گلشن جي رنگينيءَ جي نسبت آهي حڪمت جي ڪنن کي ٻڌائين ۽ رمز جي زبان سان هي نغمو ٻڌائن ٿا هر هڪ خط بجاءِ خود نقش ۽ نگار جو هڪ محل آهي. عقل جي بهشت نما محلن مان جن جو مستحڪم بنياد خداءِ پاڪ وٽ ۽ محمد ﷺ جي طفيل آهي. ۽ جن جو دل وٽندڙ ڪمرو اهڙي فن جي مقصد جو بنياد آهي جيڪو عمارت جي صاحب جي ضمير ۾ پرده نشين آهي. ۽ هن دنيا جي تعمير مان مطلب اهو آهي ته باني‌ءَ جي معنيٰ جسم جي لاءِ هڪ عمده آرامگاه تعمير ڪيو وڃي ته جيئن جڏهن دانش و بنيش جا تماشائي هن محل ۾ اچن. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جي دل ۾ اهڙي گروه سان جيڪي عنصري گهر مان رخصت ٿي ويا هجن، روحاني راز ۽ نياز جي ڀالهين ڪرڻ جي آرزو پيدا ٿئي ته انهن فطرت جي گهرن ۾ (جن ڪي بين لفظن ۾ نگارين نامہ چئي ٿو سگهجي) جنهن به دروازي کان گهڙي اِقْرَ ءْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ (اي پيغمبر ﷺ قرآن جيڪو وقت به وقت توتي نازل ٿيندو. ان کي پروردگار جو نالو وٺي پڙهندا هلو جنهن مخلوقات کي پيدا ڪيو.) جي ڪنجيءَ سان کولي اندر اچي ۽ پنهنجي ادراڪ کي انهيءَ ميزبان جي مهمان خاني ۾ شيرين ڪم ڪري جنهن وٽ غذا هر وقت تيار رهندي آهي. ۽ معلوم ڪري ته هن ڪتابي عمارت جو هر هڪ ٽڪرو جداگانہ حيثيت سان شهرن جي گهرن ۽ عمارتن جي طريقي تي آهي اهڙي طرح جيئن شهرن جا گهر ۽ عمارتون ظاهر ظهور ناهڻ واري جي دنياوي استطاعت ظاهر ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح هيءَ ڪتابي عمارت سنجيده عبارت سان گڏ خداوندي عمارت جي عقل ۽ دانش جو رتبو ماڻهن کي ذهن نشين ٿي ڪري. تمام سنو آهي. اُهو توفيق جو صاحب زنده دل جيڪو حمد ۽ نعت جي سرخيءَ سان فطرت جو خاڪو ڏيکارڻ واري منظر جو بنياد وجهي ۽ ان جي تمهيدن ۽ مسئلن جي (جن کي علمي عمارت جو طاق ۽ وراندو سمجهڻ گهرجي) ترتيب ڏيڻ ايزدي تقدير ياوري ڏئي ۽ هي منظر طبع آزمائي ڪرڻ وارن جي واسطي امتحان جو ذريعو ۽ حقيقت جي تلاش وارن جي واسطي آسائش جو وسيلو هجي. الله جلشانہ جيڪو ڪُن فيڪون جو ايجاد ڪرڻ وارو آهي. ان جي خزاني مان گهٽي اميد آهي ته سخن آفرينيءَ جو دسترخوان وڇائڻ جو جن دوستن بنياد وڌو آهي. انهن جي طفيل ۾ هو غوثي حسن جي هن خانقاه کي مهرباني‌ءَ جي ذريعي پوري ٿيڻ جي زيور سان زيب ۽ زينت بخشي.

www.maktabah.org

پیو چمن

www.maktabah.org

هي چمن انهن دوستن جي حالتن ۽ معارف جي بيان ۾ آهي جيڪي هجري اٽين صديءَ ۾ عربي ۽ فارسي رسمي ڪتابن جا پڙهڻ وارا هئا. نفيس ۽ آفاق يعني عالم ارواح ۽ عالم اجسام جي رمزن کان آگاه هئا. خدائي پرستش ۽ معرفت ۾ هر وقت مصروف هئا ۽ الاهي جذبات ۽ مشاهدي تجليات ۾ بلڪل مستغرق هئا. هاڻي اي دل هوشيار ٿي وڃ هڪ دماغ درڪار آهي. ڏس هر فرد جو ذڪر ڇڻ ته اهڙي گلشن جي نسيم آهي جنهن جي هر وڻ مان نسيم ۽ هر قسم جي نموني جا دل فريب گل ڪلائي هر هڪ سنگهڻ واري جي دماغ ۾ انهيءَ خالق جي ڪمال جي خوشبو پهچائي ٿي جيڪو عجيب و غريب نيون نيون شيون ظاهر ٿو فرمائي ۽ جنهن **اِنَّ اللّٰهَ خَلَقَ آدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ** (بيشڪ الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي) جي طريقي سان ماڻهو کي بصورت ڇج ۽ جهان کي وڻ جي شڪل ۾ پيدا ڪيو ته جيئن جهان بتقاضا **سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْ اَنْفُسِهِمْ** (جلد ئي اسين انهن ماڻهن کي پنهنجي قدرت جون نشانيون (دنيا جي) طرفن ۾ ڏيکارينداسين ۽ انهن جي پنهنجي اندر ۾ ٻه) پنهنجي اجمال جي اعتبار سان ۽ ماڻهوءَ کي **لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ** (اسان انسان کي بهترين ساخت جو پيدا ڪيو) پنهنجي جمال احسن تقويم سان عالم واحديت جو نمونو هجي ڇو ته حق ڏيکارينڊ گلزار ماڻهوءَ جي طلسمي غنچي ۾ عين جي اعتبار سان اجمالي طور تي لکل آهي. ۽ ڪوني و مڪاني وڻ جو منهن پنهنجي جملي جزن سوڌو حضرت حق ۾ علم جي اعتبار سان لکل آهي.

مصرع: شاخ گلي بصورت انسان برآمده

شاهه مدار رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن لقب بديع الدين آهي ۽ سرڪار قنوج ۾ هڪ مقام آهي مڪن پور، اتي سندن خوابگاه آهي. سندن حالات تذڪره نويسن عقلي امڪان تي ٻڌل لکيا آهن. مگر راقم انهن ڏي جيڪي ڳالهيون عادت جي لحاظ کان ممڪن نه هيون ۽ جن کان عقل گريز ڪري رهيو هو نه لکيون آهن. جيئن ته پاڻ حضرت

www.maktabah.org